مهڪڻ موتي مڻ ج

- ديا لکي جشناڻي



ليکڪا ديا جشناڻي کي مليل انعام ۽ اوارڊ











ليکڪا ديا جشناڻي جدا جدا وڏين هستين سان

مهڪن موتي من جا

ليکڪا ديا لکي جشناڻي

پوتر ياد ۾

پرماتما جي ڪرپا ۽ ماتا پتا جي صدقي هن سنسار ۾ جنم ورتو



ماتا

شريمتي نيٽي اُتمچند ڪلناڻي



پتا

شري اُتمچند ليڪراج ڪلناڻي

شادي ۽ ڪان پوءِ منهنجا ماتا پتا جن مائٽ پيءُ جو پيار ڏنو



سسُ راڻي

شريمتي ديوڪي جادوداس جشناڻي



سهرو صاحب

شري جادوداس آنلداس جشناڻي

Author :**MAHKAN MOTI MANN JA**

مھڪن موتي من جا

Mrs. Daya Lakhi Jashnani

Edition	:	First
Year	:	2015
Publisher	:	**Shri Lakhi Jashnani**
Address	:	BK No. 2124, Room No 1, Ration office, Ulhasnagar-421005 T : 2525505, 2523275 M : 09324362572
Price	:	Rs. 200/-
Cover Design	:	**Anand Lalchandani**, M : 9820883807
Printer	:	**Impressions** Mahim, Mumbai (W)
D.T.P.	:	**Shobha Lalchandani** M : 9322510668

مهاڳ

مهڪن موتين من جا
(آلاپ آتم ڪٿا جا)

ڪمل پياسي



آتم ڪٿا جي نالي ۾ ڪجهه به لکي ٿو سگهجي، اُهي جٽڪ آتما جا پٽڪا آهن، جو ته انهن ۾ مهڪ آهي، آلاپ آهي، جيڪي روح کان بوڙندا دماغ تائين پهچن ٿا ۽ پوءِ قلم جي اوٽ وٺي ادب جي مڪمل ارادي انوسار پنن تي پترا ٿا ٿين. اُهي نه ڪٿائون ٿين، نه داستان، آکاڻيون يا ڪٿائون انهن ۾ لڪل سچائيءَ جو بڻ ٿئي، جنهن کي چئجي آتم ڪٿا يا آپ بيتي. کين جذبن جون وارتائون به چئي سگهجي ٿو. آتم ڪٿا کهاڻي يا داستان کان الڳ ئي آهي. ان ۾ سماجڪ ڏارائون به ڏسڻ نه اچن ۽ ڪڏهن ته اڪيلائيءَ جو احساس به ٿئي، جنهن دئاران زندگيءَ جي سچي معنيٰ جو پرڪاش ظاهر ٿو ٿئي.

آتم ڪٿا ۾ ڪردارن جو چڙوچڙ ويچارن جو وستار جان تان گهٽ ٿئي، جنهن ڪري اُهو فلسفيءَ جي مونجهاري کان مڪت رهي، تنهن کان سوءِ ان ۾ وستار بيانيءَ طور ٿئي، ان ڪري ئي کهاڻي، انسان کي پاڻ سڃاڻڻ ۾ مدد ٿي ڪري ۽ انسان پڻ پنهنجي وشواس، ويچار ۽ وقت پوري مقدار سان پرکڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ اهڙي ساڃهه سان ياونائن کي اُپاري ٿو. ان ڏس ۾ هو ماحول ۽ سميه جي سيما، دوران کيس

فهرست

هوندي، مان ان کي ڪيئن ٿي وساري سگهان.“

٢) ديوالي ۾ هڪ سنڌي ڪاڪو صورتين جو ڪم ڪندو هو ۽ ڪنهن ننڍي ڇوڪري کان صورتي ڪڍائي ۵ آنا ڏيندو هو. اُن مونکان به صورتي ڪڍائي ۽ مونکي ۵ آنا ڏنا. جيڪي مون اچي ماءُ کي ڏنا. ته ماءُ مونکي مار ڏني ۽ وڏي ياءُ ٿڦ هٿي ڪيي. آخر ۾ ان ڪاڪي کي پوليس کان پڪڙ ايو ويو. پوليس پڪڙي کيس جيل ۾ وڌو.

٣) هڪ رات جيئن ئي منهنجي حالت گنڀير ٿي ويئي، حالت گنڀير ٿيندڙ ڏسي گهوٽ لکي، ڊاڪٽر، گوڪلداس کي سائيڪل تي وهاري وٺي آيو. سڄي رات ڊاڪٽر ويٺو رهيو، صبوح تائين مان اُٿي ويٺس ۽ پند ڪرڻ لڳس، ڄڻ مونکي نئون جنم مليو هو.

۴) شادي گڏي گڏيءَ جو کيل ناهي. هڪ گهوٽ جي صدقي ڪيترائي رشتا ٽاهٽا ٿا پون. لکيءَ جي پريوار ۾ ڪل ١٢ ياتي، هرهڪ جي پسند پنهنجي. ”ڇوڪري اُها جا ساهرو ڪل ته تاري پر پيڪو ڪل به تاري.“ بابا مونکي شاديءَ ڏينهن موڪلائڻ مهل چيو ’صبر جنين جو سِرُ تير نه گسي تن جو‘. بابا منهنجا رهبر هئا، تن آشيرواد ڏني.

۵) ايشور هيءُ خوبصورت زندگي ڏني آهي، جيڪا ڪتي مٺي يادگيرين سان ڀري پيئي آهي. سنڌ جي پوتر ترتيءَ تي جنم ۽ ڀارت جي پوتر ترتيءَ تي قدم رکندي ٦٦ سال ڪيئن گذري ويا خبر ئي ڪانه پئي.

جيئن ته اديبا جو هيءُ بيان سنڌس جي دؤر ۾ لکيل آهي، جڏهن ادب جي هر کيتر ۾ ڦيرو اَچي ويو آهي، ڪهاڻيءَ ۾ ان طرح تبديل، ڏسڻ ۾ ٿي اَچي ۽ ڪيترن ئي ساهتڪارن ان ڏس ۾ نوان تاجربا به ڪيا آهن. اُهي ڪهاڻي سماج سان جڪڙيل رهندي هئي، پر هاڻ، ماحول ۽ شاخص جي مخاطب ٿيڻ لڳي آهي، جنهن ۾ آتم ڪٿا، هڪ اُپت آهي، جيڪا هر شاخص سان پوري طرح جڙيل آهي، ان طرح ليکڪ کي جڏهن سنڌس پيڙ ائون ستائين ٿيون، تڏهن سنڌس لکٽيءَ ۾ ”مان“ جو واهپو به وڌڻ تو لڳي، البت ان طرح جي خودداريءَ واري ڦير ڦار ديا جشناٽيءَ جي ڪهاڻين ۾ ناهي. ليکڪا هر طرح جي پرک ڪئي آهي،

او ائلي ۽ اڳلي لوڪن لاءِ دل ۾ ڪماٽي اُڀري ٿو ۽ هو پوءِ انهن ويچارن ۾ ئي ڳهرجي ٿو وڃي.

ڪماٽي جڏهن آتم ڪٿا يا آپ بيتي جو لباس ٿي پهري ته ڪيس اڪيچار حقيقتن جو بوجهه ٿي پوي ۽ هو پنهنجي سان واد وواد ڪندي پنهنجي من سان اوراڻيون اوري ٿو. جنهن دئاران سندس صفتن ۾ جوڙ ٿيندو ٿو وڃي ۽ من جي پنهنجو پاڻ سچائيءَ جي دريافت ٿي سگهي ٿي. اهڙا درشيه ويچارڻ جي سچائيءَ سان اُجلا نظر ٿا اچن ۽ آخر ۾ ڪيترن ئي مونجهارن کان الڳ رهڻ جي ڪوشش ڪندي به هنن لاءِ الڳ ٿيڻ مشڪل ٿئي. قلم جو سهارو ان حالت ۾ تيسين جوڳو ٿو رهي جيسين من تان منجهيل ويچار پوريءَ ريت غائب نه ٿيو آهي. ممڪن آهي ته ديا ڪي به اهڙين حالتن مان گذر ٿو پيو هوندو. جو سندس هن ١٩٩٢ع کان جو ڪاڄهه قلم دئاران اوڳاريندو ٿي رهيو ڪيس پورن ويهن سالن کان پوءِ اُن ديا جي آتما جا آلاپ پترا ٿيا. جنهن ڪيس من جي جوتين کي اُجالي ۾ آندو. جيئن هرڪو ان اُجالي جو درشن ڪري سگهي.

ڪن جو ته اهو ويساهه ٿئي ته جيسين ڪنهن وارتا. ڪماٽي، گيت، غزل جا مداح ۽ پاڻ جي طرح ٻاهر اُڇل ڏيڻ نه ايندي پيئي ڪيس سندس من کي جنجهلائيندي. ان ڪري ئي ته ديا پنهنجي هياءَ کي هلڪو ڪيو آهي. جو آڪاٽيءَ يا ڪماٽيءَ جو مارگ چُني پنهنجي جيون ۾ هن خود پريم پريو آهي. جنهن ۾ احساس ۽ جذبن جو به دخل آهي ۽ ان حالت ۾ ساهتيڪار اهو محسوس ڪندو آهي ته سندس اندر جو اديب ڪاڄهه ڪاڇڻ لاءِ ٻاهر اَچڻ ٿو چاهي ۽ پوءِ هو خواب خود ويچارن ۾ طوفان اُٿندي قلم سان پڪي متر تاڳنيي ڇڏيندو آهي. ديا جي لکاوٽ ۾ اهڙا احساس ملن ٿا.

١) ٽڪاٽي واري جو پٽ ڪشن مونکي چيڙائيندو هو. ”ديا ڏنگ مٽي مٽي ۾ ٽنگ ۽ ديا اهڙو ونگ مصاليدار.“ مان. ان تي رسي هن سان ڪٽي ڪري وڃي ڪنڊ ۾ وهندي هئس ۽ سڏڪا ڀري روئيندي هئس. اما آهي ليکڪا جي معصوميت جي نازڪ اَدا. پوءِ به هوءَ چوي. ”سنڌ جي مٽيءَ جي پنڊاش

شريمتي ديا جشناڻي جي باري ۾

ڪويتا رڪماڻي



من جي مهراڻ مان، دل جي گهرائيءَ سان ياونائن جي بند کي ٽوڙي ڪجهہ ليکڪا شريمتي ديا جشناڻيءَ جي ليکن تي قلم آزمائي ڪئي آهي. سندن جي ليکن ۾ غريبن جي غربت کي گهٽائڻ جي ڪوشش. قلم جي ڪرامت سان سنڌي ساهتيہ کي مالا مال رکڻ جي داغز، ديکا ديکيءَ، اَجائي اَڊمبر کي پُٺجو، سماج مان ڪرسمون دور ڪرڻ جي پرٻل اِڇا. حب اَلوطني ۽ اِستريءَ ۾ اَدب جهڙا اَعليٰ ويچار شمار ڪيل آهن.

آدرش سماج اَڏڻ ۾ ليکڪا ديا جو پورو پورو يوگدان آهي. زندگيءَ جي راهہ ۾ گهٽا ئي ملن ٿا علم ۽ عقل جا عالم. ساهت جا سردار پر حقيقت پرست موهيندڙ، مرڪندڙ ليکڪا شريمتي ديا اَهڙي دل دماغ ۾ گهر ڪيو جو سندن جي رچيل رچنائن کي باريڪبينيءَ سان پڙهون ٿا ۽ وهنوار ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

مان نهايت ٿورائتي آهيان ياءُ اَشوڪ گولاڻيءَ جي جنهن هڪ اُن اِستريءَ سان مونکي جوڙيو جا دانويرن ۽ گهرجائن جي هڪ پُل آهي.

اَڄ آميريڪا ۾ رهندي مونکي ٣٤ سال ٿيا آهن پر پنهنجي سنڌيت، سنسڪرتي سڀيتا کي برقرار رکيو آهي. نہ صرف پنهنجي

جنهن ڪري ڪهاڻي جي واقفات ماحول تي وڌيڪ اثر ٿي ڪري. ڪيترن هنڌ بيان، دکي، ڏڪائيندي به اُها ڏڪاجي نه سگهي آهي. ان طرح ليکڪا جي ڪهاڻي فن مان وڌيڪ جڙڪي بيٺو آهي.

سڀ ڪهاڻيون پڙهڻ کان پوءِ مونکي لڳو ته هاڻ اديبن جي ذهن مان ڪهاڻيءَ جي ڪردار کي پيش ڪندي ڊارائين وارو خوف غائب ٿي ويو آهي ۽ ان جي بدران پنهنجائپ ۽ پيار اَچي واسو ڪيو آهي، پل پوءِ ڪي چوندا هجن ته سنڌين کي پنهنجي ترتي نهي پر پوءِ به هنن جي پلوئن ۾ ڀرپور ويچار شڪتي آهي، جن جي تهن ۾ سنڌ جو خاڪو لڪل آهي جنهن ڪارڻ ته سنڌن ويچارن ۾ پکيڙ سنڌ جنهنجي ديش کان پرديش تائين پهتي آهي. جتان ڪهاڻي جو خاڪو ڪري ٿو سگهجي، جنهن جي شروعات ليکڪا پڻ ڪئي آهي اهو لکندي ”ڪيئن وساريان سڀاجها ننيڙا سنڌي ساٿي“ اهو احساس اهو جذبو، خيالن جي ڪوملتا مون خود محسوس ڪيو آهي پوءِ به فون تي ڳالهائيندي هن ٺهڪن دلار ان سو اڳت به ڪيو. سندس هرهڪ ٺهڪ چٽڪار جيان هوندو آهي.

اها درشٽي جنهنجي به آهي. سياسي طور برابر سنڌين کي پنهنجي ترتي ناهي جو اهو احساس پري، سنڌ جي ٽڪر تي جيون گهارين ٿا. ان ڪري سنڌي ادب جي ڪهاڻين ۾ اساسي بيان کان وڌيڪ هوندو آهي. سماج ۽ قوم سان به لاڳاپا خود جيڪي ڪهاڻي ڪار پلرت ۾ پيير ترڻ کان پوءِ اُجالو ڪيو آهي، انهن جي آلاپ ۾ به قومون پريل آهن. ان مان اُن اُجالي جو جائزو ونٺو آهي، سنڌي ادب جو اهڙيون قومون مظبوط بڻائينديون آهن، برسلت وسائيندي.

آخر ۾ مان ننيڙي ڀيڻ ديا لکي جشناڻي کي بيشمار واڌايون ٿو ڏيان، جو هن ادب ۾ ساهس ۽ شڌ ڀتي سان جنهن ڪم جو انجام ڪيو آهي اهو سندس لاءِ قدربلني ولرو ثلبت ٿيندو.

ليکڪا خود قبول ڪيو آهي، ”هي منهنجي پلر ان منهنجيون ڪاجهه يادگيريون آهن. پنهنجن آزمودن جي خزاني، لکڻ جي ڪري من مشغول رهي ٿو ۽ بنيادي طور به ته ان لاءِ چاهه اٿم.“ اهڙا زنده ويچار ليکڪا لاءِ سچ پچ جيون ۾ سونهن ته پائي نه ٿو سگهي جيئن جگر جو خون جلائي

سهڻا سنڌي

شريمتي ديا جشناڻي

شوڀا لعلچنداڻي



مردن سان ڪلهي سان ڪلهو ٻيهڻ ٿيون اڄ جون مردانيون ڪٿي جي پنهنجيءَ تي آيون ته ٻيٽيون ٻه قدم اڳتي ناريون‌پارت جي آزادي، يعني اٽڪل سٺ سالن ۾ جيڪا ترقي عام طور عورتن ڪئي آهي اُها مردن کان گهٽ ڪاجهه گهٽ چئي سگهجي ٿي. آزادي عورتن کي سؤ سيڪڙو ٻه ملي آهي پوءِ خاص ڪري سنڌي عورتن جي ڳالهه چئي سگهجي ٿي ته سنڌي سماج جون زالون اٽڪل گهٽو ڪو پڙهيل ڳڙهيل نه آهن، اهو ٻه سچ آهي ڪٿي ته مڙس کان پڙهيل وڌ زال، ڪمائيءَ ۾ ٻه وڌيڪ آهن. آزاد ويچارن ۾ ٻه زنانيون هاٿي گهٽو ئي ڏيڏيو ۽ شان رکن ٿيون. اڳي زناني گهر جي معاملن ۾ صلاح ڏيڻ يا فيصلن ۾ پري ڪري ٻيهاريون ويندي‌ون هيون. ڪين گهٽن ئي گهٽ وڌ ويچارن مان لنگهٽو پوندو هو. ڪين اهو ڪري چيو ويندو هو ته زنانين جو ڪمڙو ڪم مردن جي وچ ۾ ڳالهائڻ جو، زنانين جو عقل ڏائي ڪڙيءَ ۾. هيا ٻه اهڙا گهٽا ٻي مطلب اکر ڳالهائبا هئا پر هاڻ اهي سڀ ٻي مطلبي ۽ چڙيائپ جا ٿا لڳن. زالن جي ته اڄ ٻلين ٻلين آهي. سرڪاري، غير سرڪاري پدن تي وڏن وڏن واپارن تي، وديشن ۾ گهٽو گهٽو

ڪتنب ۾ پر چاهنا هوندي آهي تہ هر هندو اسيءَ جي من ۾ هندستان جي جهلڪ اَچڻ کپي. ڏياري هاجي دسهڙو، هولي، رکشا ٻنڌن، هر ڏڻ تمام نيتيءَ سان ملهايون ٿا جيئن ايندڙ پيڙهي پنهنجي سنسڪرتيءَ کان وانجهيل نہ رهي.

بڙودا جي ناماياري رڪمڻي چمنداس ڪرمچنداڻي ڪُل ۾ منهنجو جنم ٿيو. پتا وٽان سچائي، اَٽل اِرادو ۽ ماتا وٽان مهمانوازي، ديا ۽ ڌارمڪ سنسڪار ورثي ۾ مليا. عجيب اِسرار منهنجي ئي ويچارن جو اِندور جي ڊاڪٽر گووند راگهاڻيءَ سان منهنجي شادي ٿي. اَڄ منهنجا ٻئي ٻار روي ۽ اَميت پڻ اِنڊيا ۾ رهندڙ پنهنجي بزرگن جي وقت بہ وقت پروڙ لهن ٿا. ٻارن کي ڀارت جي ليکڪن جا ليکہ پڙهي ٻڌائيندي آهيان. آنٽي ديا جي لکيل پستڪن کي پڙهي روح کي راحت ملندي آهي سندن رچنائون گوناگون سکدائڪ محسوس ڪاجن ٿيون. رهڻي ڪهڻي، اَٽن سادگي، سرلتا ۽ سهجتا جي مجسم ۽ سندن اَملهہ آهن آدرش، سنيهہ ڏيئي سنيهہ پئدا ڪرڻ جي شڪتي ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهي. ليکڪا جي لکيل ليکن ۾ هڪ خاص خوبي جيڪا محسوس ڪئي آهي سا آهي پنهنجي وطن جي هر کيتر کي دنيا جي هر فن ڪلا کان اوچو رکيو آهي. جيون جو مقصد اَٽن لوڪن ڪلياڻ. اَلڳہ اَلڳہ سانچي ۾ گهري پنهنجو ڪاريہ کيتر وشال بڻايو آهي. اِندر دنش جيان ست رنگي روشني روپ رچيتائون اَنيڪن جو مارگہ درشن ڪن ٿيون.

اَهڙين ليکڪن . ليکڪائن ڪري ئي سنڌي قوم . سنڌي ڀاشا زندهہ آهي ۽ زندهہ رهندي. ڪيتريون قومون وقت روپي چڪر ۾ گمنامي ۽ جي عالم ۾ ڀٽيون پر سنڌيت اَمر رهڻ جو جوهر ڏيکاريو آهي. جنهن لاءِ سيني ساهيتڪارن ڪوين هدايتڪارن ناٽڪ ڪارن سنگيتڪارن ۽ گائڪڪارن کي ڪوٽ ڪوٽ پرڻام.

جيئي منهنجي سنڌ

جيئي منهنجي هند

جنم جي ڏينهن تي پين سوکڙي ڏنائينس ۽ چپائينس تون ڪاليج جي مخزن لاءِ ڪا ننڍي ڪهاڻي ۽ ڪويتا لکي ۽ دادي اُها ڳاهي جوڙي چيڪ ڪري مخزن ۾ ڏني. سندس جي 'ٻاچپن جون مٺر يادگيريون' ڪهاڻي ۽ 'ڪوئي گيت ڳاءِ' ڪويتا داديءَ کي لکي ڏني ۽ اُها شاگردن کي پسند پئي. اُن ڪانپوءِ هن ٻارن جون ڪهاڻيون ۽ ٻيون رچنائون هندواسيءَ ۾ موڪلڻ لڳي. موڪلڻ کان اڳ دادي چيڪ ڪندي هئي. ائين ديا ليکڪا بڻجي ويئي. سال کن هن ريلوي ۾ سروس ڪئي. پر شاديءَ کان پوءِ نوڪري ڇڏڻي پيس. هنجي شادي هڪ مشهور شخصيت، پڪا ڪانگريسي ۽ سماجڪ ڪاريہ ڪرتا سيٺ جادوداس آئلداس جشناڻي جي پٽ لکي جشناڻيءَ سان ٿي. هنجي ڏير شاديءَ ڪانپوءِ ڪهاڻين لکڻ ۽ اخبار ۾ موڪلڻ کان منع ڪئي ۽ هن اُن جي آگيا مڃي. پر اندر ئي اندر لکڻ جو شوق سمهڻ نہ ڏيندو هوس. ڪتابن پڙهڻ جو سلسلو جاري رهيس. وانڊڪائيءَ ۾ پاڙي جا ٻار ۽ ننڍڙا ڏير گڏ ڪري اُنهن کي سنڌي لکڻ، پڙهڻ، سنڌي رانديون ۽ سنڌي گيت سيکاريندي هئي. اڄ اُهي ٻار وڏا ٿي ويا آهن ۽ هو پنهنجن ٻارن کي ديا لاءِ ٻڌائيندا آهن.

ٽن ٻارن جي ماءُ ٿيڻ جو شرف مليس. اُنهن جي پالنا ۾ زندگيءَ جا ٢٨ سال گذري ويا ۽ ٻارن جون شاديون ٿيون. پر ليکڪا بڻجڻ جي هلچل من ۾ جاري رهي. اوچتو ڏير گذاري ويو. تڏهن بہ هوءَ شانت رهي. پر چوندا آهن قدرت پنهنجا دروازا پاڻ کوليندي آهي. من ۾ چڻنگہ تہ لڳل هئس. مائوس وائيف هوندي بہ اڳتي ڪاجهہ ڪرڻ جي لگن هئس.

اتفاق سان ١٩٩٢ع ۾ هنجي پير جو فرئڪچر ٿيو ۽ پلسٽر چاڙهيو ۽ مهنو گهر ۾ قيد ۾ رهڻو پيس. آرتوار جو ڏينهن هو ۽ جيئن هندواسي کولي تہ هنجي ڌيءَ جي سٽُ اندر ان بدلاڻي جو ليک آيل هو ۽ هن ليک ڏسي اُن مهل ئي ليک لکيو 'ننهن گهر جي سونهن' ۽ ايندڙ هفتي هندواسيءَ ۾ سندس ليک ڇپجي ويو ۽ ائين هن وري قلم هٿ ۾ کنيو ۽ لکندي رهي. ليک هندواسيءَ ۾ ايندا ويا ۽ گهوٽ جي شاباسي ملندي رهي. پاٺڪن جا

مردن کي پوئتي ڇڏي آسمان ڇهي رهيون آهن ڪمزو ٻه مهتو وارو پد، زالن جو زور وڌندڙ آهي. ان ڏينهن ٽي.وي. ڏٺم مڪ مڙس روئي دانهن ڪندي چئي رهيو هو مونکي جوءِ جي مار کان بچايو، چوڻ جو مطلب صاف آهي زنانين کي مردن وارا حق ۽ آزادي آهي، اهو ئي سبب آهي عورتن جي آزادي ۽ واڌاري جو اسان جي هن پيڙهي جي سڀئي سنڌيءَ جي لاڏلي جا چوڻجي آهي جنهن پنهنجي گهر ٻار گرهستي کي بخوبي نباهي پنهنجي زندگيءَ ۾ واڌارو آندو آهي، اڄ هوءَ سنڌي ساهتيه کيتر ۾ ڇاتل سڃاتل ليکڪا ثابت ٿي چڪي آهي هن جي لکڻي دل کي ڇهندڙ، چست آهي، وڌندڙ عمر اڃا ٻه وڌيڪ لکي، اها آهي شريمتي ديا لکي جشناڻي.

پرين جي ساهتي جي ديوان اُتمچند ليکراج ڪلناڻي ۽ ماتا نيڻي ٻائي جي ڌيءُ آهي، ٢٤ آڪٽوبر ١٩٤١ع سکر سنڌ ۾ جنم ٿيس. سنڌو درياهه جو جل پي ڇهه سال سنڌ ۾ گذاريائين. بابا جي آڱر پڪڙي ساڌ ٻيلو ۽ زندهه پير جا چرن ڇهي ٻالپڻ گذريس. سکر براج جي پل تان ٻوڙون پائي هلڻ سکي. سنڌ ۾ ڪنيل سواسن جي خوشبوءِ اڃان ٻه سندس سواسن ۾ سمايل آهي.

ورهاڱي جي درد هرمڪ سنڌيءَ ۾ پل ٻار هجي يا ٻيو، جوان هجي يا ڪشور لوڏي ڇڏيو. بابا کان ڪرم، امڙ کان ڀڳتي، ڀائرن ۽ ڀيڻ کان قرب پريو وهنوار ورثي ۾ مليس، پاڙي اوڙي جو ساٿ ۽ سهڪار، اُستادن کان وديا جهڙو ٽيون نيتر مليس.

ننڍي هوندي کان ئي ٻار ڏاڍا وڻندا اٿس. پاڙي جا ٻار گڏ ڪري اُنهن کي رانديون ڪرائڻ ۽ دل مان ٺڪين ۽ جانورن جون ڪهاڻيون ٻڌائيندي آهي. ١٧ سالن جي ننڍي عمر ۾ ئي گهر ۾ ٻال مندر کوليائين ۽ ڪمائڻ سان گڏ وندر جو ساڌن به ملي ويس.

جڏهن ڪاليج ۾ پڙهتي ته سندس کي پوڄيه دادي پارپتي سپاهيملاڻي (پارپتي رامڪرشن آڏواڻي) جهڙي سنڌي سبجيڪٽ جي پروفيسر مليس. جنهن منکي ليکڪا ٿيڻ لاءِ چاهه جاڳايو. سندس کي

ڪرتا آهي. سندس شخصيت کي لوڪن اَڄ پرکيو آهي. دنيا سان وهنوار رکندي هن ٻه گهڻو ڪجهه پرايو آهي ۽ جيڪو ڪجهه هوءَ ڏسندي آهي، پڙندي آهي، ان تي لکندي آهي. ضروري آهي ته هن گهڻو ڪجهه پڙهيو هوندو ۽ ان طرح لکڻ جو هنر پرايو هوندو. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي. اهو منهنجو ٻه خود جو تجربو آهي ته مان ڪيس چو گهڻ سمجهان.

اين.سي.پي.ايس.ايل. وارن هنجي ڪتاب 'عزت جي چادر' ڪهاڻي سنگرهه تي ٢٠ هزار اِنعام ڏنو آهي، جنهنجو ڪور (ڪتاب جو پوش) منهنجي گهوٽ رام لعلچنداڻيءَ ٺاهيو هو ۽ ڇپايو ٻه اَسان وٽ ويو هو. پر چترڪار (آرٽسٽ) جو قدر نه ٿيندو آ پر اندر ڪتاب ۾ مال رومال ڇا آهي اُن کي ئي وڌيڪ اهميت ڏني ويندي آ. اُلهاسنگر ميونسپل هنکي اِنٽرنئشنل وومين ڊي تي ٢٠٠٦ع ۾ لٽريچر ۾ گوروَ پرسڪار سان نوازيو آهي. سيتا سنڌو يون ۾ سنمان، انٽرنئشنل سنڌين طرفان سنمان مليا اَٿس. ولائت وارا ته ڊالرن جي روپ ۾ ٻه ڪيترا اِنعام ڏيندا آهن. چوندي آهي ته سيتا سنڌو يون سندس کي تيرٿن کان ٻه وڌيڪ پيارو آهي. هوءَ پنهنجي هر ڪتاب جو مهورت هتي ئي ڪندي آهي. دادي پارو ۽ ٺاڪر چاولا سندس جا پوڄنيه آهن، پيڻ شوپا ۽ رام لعلچنداڻي منهنجي ڪتابن جا سينگاريندڙ آهن. اڄ هوءَ پاڻ اُنهن جي رهبريءَ سان هن مقام تي پهتي آهي. لکڻ ڪانپوءِ هنکي ڪيترا پيار جا رشتا مليا آهن ۽ پاڻ خاص نالا چوڻ ٿي چاهي پيڻ درو سامتاڻي، گيتا راڄ، مينا روپچنداڻي سنڌونگر سهيلي سنستا وارن جو پيار ۽ ساٿ مليو اٿس.

هنکي هنجي پريوار وارن گهوٽ لکيءَ، پٽ انيل، اميت ۽ نونهرن ڪرن ۽ ڪرونا ۽ سندس ڌيءَ نيتا ۽ ناٺي نريندر، پوٽو وشال، پوٽيون اشميتا، انشيتا ۽ ڏوهٽا سنڄيه ۽ سمپر جو ڏاڍو پيار ۽ ساٿ مليو آهي. ننيڙي پوٽي موهل جي پيار سندس کي شاعرا بڻائي ڇڏيو آهي. ڪجهه شعر ٻه لکندي آهي.

خط ايندا رهيا. اجان لکندي ڇهہ مهنا بہ ڪونہ ٿيا تہ دادا ڪمل پياسيءَ جي معرفت ڪئناڊا مان ڀاءُ اشوڪ گولاڻي ڏهہ ڊالر انعام موڪليس. آمريڪا مان دادا موتيلعل ساهتيڪ سپتري ٻڌائي خرچي، باداميون ۽ چاڪليٽ ڏڻ ۾ موڪلڻ شروع ڪيا. دادا موتيلعل ٻڌائي هڪ هڪ ليک پڙهي آمريڪا ۾ رهندي بہ هندائيندو هوس تہ هن کي ليک ڪيئن لڳا. ڀاءُ ٽيڪم منائي، نندي ڀيڻ ڪويتا راگهاڻي، پريا ۽ لوينا ڪرمچنداڻي بہ ليک پڙهي ساراهہ جا ٻہ اکر لکنديون هيس. دادا ڪمل پياسيءَ جي صدقي اُنهن سان سڃاڻپ ٿي.

دادا ڪمل پياسي جي چونڊ تي پنهنجيون سڀ رچنائون گڏ ڪري اُن کي ڪتابي صورت ڏني. دادا پياسيءَ هندواسيءَ ۾ آيل رچنائن مان چونڊي اُنهن کي سينگاري ۽ سڌاري ديا کي رچنائون موڪليون ۽ ڪتاب جو نالو امانت رکيائون ۽ ان جو مهاڳ دادا پياسيءَ ۽ دادا موتيلعل ٻڌائيءَ لکيس ۽ ڪتاب دادا گوپ روپچنداڻي جي سنڌي ادبي سنگت ۾ ٻئنبر ۽ باجن سان مهورت مانيور گوبند مالهي ۽ رام جوهراڻيءَ ڪيس. ڪتاب امانت نالو ڪييو. وري ديا پٽ ورائي نہ ڏٺو ۽ اڳيان وڌندي رهي. لکڻ جو سلسلو جاري رهيس. پهريان پنج سال هوءَ سڄي سڄي رات مندر ۾ ويهي لکندي هئي ۽ اُتي ئي زمين تي ننڊ اچي ويندي هيس. متان سندس جي گهوٽ جي ننڊ ڦٽي اُن ڪري پاڻ مندر ۾ لکڻ جي ساڌنا ڪيائين ۽ سڦل ويئي ۽ دادا ڪمل پياسي جي پريرڻا سان ۽ گهوٽ جي ساٿ ۽ سهڪار سان ڪتاب ڪيندي رهي. چوندي آهي تہ منهنجو سچو گروُ سندس گهوٽ لکي آهي. اڄ ١٨ سالن ۾ اَمانت، لوڪن جون لوڪپريہ ڪهاڻيون، مشڪندڙ گل گلاب جا، مٺا مٺا ٻول، معما، عزت جي چادر، جيون جي خوشبوءِ، منهنجا مٺڙا سانگيئڙا ڪتاب ڪييا آٽائين. جيڪي پاڻکن کي ڏاڍا پسند پيا آهن. چوندا آهن قسمت ساٿ ڏئي تہ اِنسان ڪٿي جو ڪٿي پهچي ويندو آهي. ديا جي محنت، گهوٽ جو ساٿ ۽ قسمت هنکي اڳيرو ڪري بيهاريو آهي. ديا هڪ ساهتيڪارا آهي، سماجڪ ڪاريہ

ليکڪا جا ٻه اکر



ان اکنڊ ڀارت ديش کي پرڻام جڏهن سڀوري سنڌ ڀارت ديش جو هڪ پرانت هئي، جتي منهنجو جنم ٿيو. پوڄنيه پتا صاحب ۽ ماتا صاحب کي منهنجو پرڻام جن مونکي هن سنسار ۾ آندو. اُن پرودگار کي ڪوٽي ڪوٽي نمسڪار آهي جنهن جيون جي هر راهه ۾ اُها دکن جي هڄي يا سکن جي هڄي ، منهنجي مٿي تي مهر جو هٿڙو ڏيئي مونکي پار ڪيائين.

ساٿيو، هيءَ زندگي ڇا آهي؟ ڇا، اِها صرف ساهه پساهه کڻڻ جو هڪ ساڌن آهي يا هاضمي جي مشين آهي. ڇا اُها صرف ڌن ڪمائڻ و اسطي، نالي ڪيڻ و اسطي يا پنهنجي مشهوري ڪرڻ و اسطي رڳا ٺاهڻ جو هڪ ذريعو آهي؟ هيءَ ساري سرشٽي پرماتما ڪنهن رڳا سان ٺاهي آهي. پرماتما هر انسان کي ڪنهن خاص مقصد سان هن دنيا ۾ پئدا ڪيو آهي.

ايشور توکي بہ هن دنيا ۾ ڪنهن مقصد سان پئدا ڪيو آهي. اهي اکر منهنجو بابا مونکي هميشه چوندو هو. پهرين تہ مان سمجهي ڪونہ سگهيس تہ خاص مقصد ڪهڙو آهي. پر خبر تڏهن پئي جڏهن مان ٥٠ سالن جي عمر ۾ ڏاڏي ۽ ناني ٿيڻ کان پوءِ قلم هٿ ۾ کڻي لکڻ شروع ڪيو ۽ مان ليکڪا جو پد حاصل ڪيو ۽ مونکي منهنجي پهچان ملي وئي. ايشور زندگيءَ ۾ هر ڪنهن کي خاص موقعا ڏيندو آهي تہ اڳتي وڌي ويو ۽ پٺيان نہ ڏسو تہ توهان کي توهان جي منزل ضرور ملندي.

هنجي پٽيان سيني جون آسيسون آهن. هنجي نظرن ۾ خدا پيار آهي، پيار ئي خدا جي ڀاشا آهي، پيار خدا آهي، خدائي جذبو آهي. جيڪو دلين ۾ پيار پيدا ٿئي ٿو پر دليون ان جي حد مقرر ڪري نٿيون سگهن. پيار اُهوئي خدائي ساگر آهي جنهن مان جيون ڌارا وهي ڪري هرهڪ پراڻيءَ کي زندگي ٿي بخشي.

هن بہ پنهنجي پيار سان ڪيترا رشتا جوڙيا آهن. هيءَ رُسندي گهٽ آهي گهمنڊ ڪري نہ ڄاڻي. جيڪا ڏات آهي اُها پريو وٽان مليل اٿس. چوندا آهن لکڻ ڏات آهي پڙهڻ پريم. توهان پاڻڪ پريم سان پڙهو ٿا بس اُهو ئي وشواس اٿس تہ پرماتما ملي ويندو اها پڪ اٿس. اڄ تائين ڪنهن سان نہ رُٺي آهي بس هڪ دفعو سيني کان رُسندي جڏهن هيءُ شرير ڇڏيندي.

هنجي مٺان هنجي ساهرن هنجي پيڪن، هنجي ساهڙين، سندس پاٺڪن ۽ قربدارن جون آسيسون آهن، پاڻ هنن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي سڀجي ڄاڻ ديا کي ايشور جي ڏنل آهي.

(هندو اسيءَ تان ڪنيل)

مهڪن موتي من جا
(آتم ڪٿا)
ڪيئن وساريان سپاجهڙي
سنڌ جا ننيڙا ساٿي

مِٺڙي سنڌ جي يونءِ جي مِٽيءَ جي خوشبوءِ اڄ بہ سو اسن ۾ سجاڳ آهي. اُن پوتر ترتيءَ تي پالڪپڻ ۾ گذاريل خوشنما لمحا جيڪي اڄ بہ چٽيءَ طرح ياد آهن. مان اُنهن مٺڙن مٺڙن پلن جي يادين کي تازو ڪرڻ چاهيان ٿي.

منهنجو پيءُ ديوان اُتمچند ليکراج کلناڻيءَ ماتا نيٽي بائي سنڌ جي ساهتي پرڳڻي جي اصل پريا ڳوٺ جي کلناڻي آکھ مان آهن. منهنجو بابا سکر براج جي ڪنهن عهدي تي هئا. هنن جي بدلي ڪڏهن پيير ڳوٺ تہ ڪڏهن سکر براج ٿيندي رهندي هئي. منهنجو جنم سکر جي سنڌو درياهہ جي ويجهو ڪنهن ڳوٺ ۾ ٿيو هو. اَسانجي ڪٽنب ۾ ڪنهن بہ تيءَ ڪونہ هئي. سيني کي پٽ هئا ۽ نياٽيون چمنديون هيون پر بچنديون ڪونہ هيون. مان پهرين نياٽي پنهنجي خاندان ۾ پئدا ٿيس ۽ منهنجي پئدا ٿيڻ سان بابا سنتو جل سان مونکي سنان ڪرايو هو. مان چئن سالن تائين سکر ۾ هئس ۽ سکر براج جون ڪجهہ يادگيريون بہ ياد اٿم تہ بابا ڪُلهن تي چاڙهي سکر براج جي پل پار ڪندا هئا.

منهنجي رچنائن ۽ ڪتابن کي منهنجن پيارن پاٺڪن پيار سان پڙهيو ۽ مونکي داد ڏنو. اُنهن جي داد منهنجي همٿ وڌائي آهي ۽ مان توهان کي امانت، لوڪن جون لوڪ پريه ڪماٽيون، مشڪندڙ گل گلاب جا، مٺا مٺا ٻول، ممتا، عزت جي چادر، جيون جي خوشبوءِ، منهنجا مٺا منڙا سانگيئڙا ۽ هاٽي مهڪن موتي من جا ڏيئي رهي آهيان. اُن آس سان ته لکڻ منهنجي ذات آهي ۽ پڙهڻ توهان جو پريم آهي. چوندا آهن خدا پيار آهي پيار ئي خدا جي پاشا آهي. پيار خدا آهي، خدائي خدا ئي جذبو آهي، جيڪو دلين ۾ پئدا ٿئي ٿو. توهان پاٺڪن جي پيار ملڻ ڪري ئي 'مهڪن موتي من جا' مان لکي سگهي آهيان.

هن منزل تي پهچڻ لاءِ منهنجو پتي لکيءَ وڏو ساٿ ۽ همٿ ڏياري آهي. منهنجي پريوار جا پاتي منهنجا پٽ انيل ۽ اميت، ننهر ڪرونا ۽ ڪرن، ڌيءُ هنيتا ۽ نريندر.

هن منزل تي پهچڻ لاءِ مونکي ٢٢ سال لڳا آهن. عام منزل پائڻ هڪ هائوس وائيف لاءِ هڪ چئلينج وانگر هوندي آهي اُن لاءِ پتيءَ ۽ پنهنجن جي ساٿ جي ضرورت پوندي آهي. جنهنجو پتي لکي، پٽ انيل، اميت، ننهر ڪرونا ڪرن، ڌيءُ نيتا، ناٺي نريندر پوٽو وشال، پوٽيون اشميتا ۽ انيشتا. ڏوهٽن سناجيه ۽ سمير جو سلٽ ۽ بيسٽ وشز مليون آهن جو اڄ مان ٿورو ڪاجهه لکي سگهي آهيان. وڏڙن دوستن ۽ ساهڙين، مٺن مائٽن جون تمام گهڻيون آسيسون مونسان گڏ آهن. سڀ کان وڏو مهربان ته منهنجو سپاجهو ساٿڻ ايشور مون سان گڏ آهي، تڏهن ته اڄ ڏيا توهان 'مهڪن موتي من جا' توهان پاٺڪن جي هٿن ۾ ڏيئي رهي آهي. اِن آشا ۽ وشواس ته توهان هنن موتين کي به پنهنجي دل ۾ ٿوري جڳهه ڏيئي منهنجي همٿ ۽ حوصلو وڌائيندا.

حياتي تمام ننيڙي آهي. وقت ڊوڙي رهيو آهي. زندگي جي شام اچي ٿي آهي. 'مهڪن موتي من جا' توهان کي ڏيندي بي حد خوش آهيان. ايشور چاهيو ته اڃان به لکندي رهندس. سرير ساٿ ڏنو ته زندگيءَ جي آخرين پلن تائين توهان پاٺڪن لاءِ ضرور لکندي رهندس. توهان سڀني جي آسيس جي طلبگار آهيان.

جي پلسي ۾ هڪ وڻو ٽڪاٽو هوندو هو. ٽڪاٽي جي وڻي پتر ۾ هوليءَ جي ڏينهن ۾ پاڙي جون زالون اُن ۾ ننهر، ڏيئر، ڀيڙيون ۽ ٻار ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون هوليءَ جا سانگہ ۽ ر انديون سڄي سڄي رات کيڏنديون هيون. اڄ بہ اُنهن جا منڙا ٽهڪ ياد آهن. ٽڪاٽي واري جو پٽ ڪشن جيڪو منهنجي وڏي ڀاءُ جي عمر جيترو هوندو هو اُهو مونکي ''ديا دنگہ مٿي ۾ ٽنگہ، ديا دنگہ مصاليدار'' ڪري چيڙ ائيندو هو ۽ مان رُسٽي اُن کي ڪٽي ڪري وڃي ڪنڊ وٺي ويهندي هئس ۽ ڪِٽي ڇُئي هيٺ منهن ڪري سڏڪا ڀريندي هئس. پوءِ منهنجو وڏو ڀاءُ ڇوئٽ ۽ اُهو ڀاءُ ڪشن گهوڙو بڻجي مونکي پٺيءَ تي ويهاري چڪر ڪار ائيندا هئا ۽ ڪشن ڀاءُ گهر مان پرساد ڪٽي اَچي ڪار ائيندو هو. اڄ بہ اُن ڪشن ڀاءُ جي شڪل ياد اَٿم ۽ هوليءَ جا سانگہ اڄ بہ اکين اڳيان گهمندا آهن. چاليهي صاحب جي کوهہ تي اکو پائيندڙ اُهي سنڌياڻيون منهنجون جيجلون ياد اَٿم. دل کي ڇهندڙ، ننيڙي ڪومل دل اَندر درد پئدا ڪندڙ واقعو اڄ بہ ياد آهي. هڪ ڏينهن هڪ مسلمان ڪاڪا بابا وٽ آيا ۽ اُن وقت مان بابا سان گڏ ڀائي جي ڀنيءَ ۾ ويٺي هئس تہ مسلمان ڪاڪا جي هٿ ۾ هڪ ڪڪڙ هو جيڪو هوُ بابا لاءِ کڻي آيو هو ۽ اُن مهل ئي ڪاتيءَ سان اُن ڪڪڙ جو سِر ڌڙ کان ڌار ڪيو ۽ مان خون ۾ ڦٿڪندو ڪڪڙ ڏسي روئڻ لڳس ۽ ڊپ ۾ بابا کي پڪڙي ويٺس. اُهو ڏينهن اُهو شينهن مان زندگيءَ ۾ ڪڪڙ نہ کاڌو ۽ وري هند ۾ مڇي مارڪيٽ ۾ هڪ ڀڪريءَ کي ڪسندو ڏسي تيوڻ مڇي ڇڏي ڏني.

مارئي عمر وٽ سيپ سڪہ ملڻ ڪانپوءِ بہ پنهنجي ملير، پنهنجا اباڻا، تڏن، توئرين، ڪٽيون، لاڪہ، لويون، ڏٽ پسيون، ڏؤنرا، پيرن جون پاٽيون ۽ ويڙهيڇن کي وساري نہ سگهي تہ مان ڪيئن وساريان جن سان مان ٻالپڻ جا بہ پل گذاريا. مان بہ اُن سهاجهڙي سنڌ جي مِٽيءَ جي پيدائش آهيان. اڄ بہ اُنهن ننيڙن ساٿين لاءِ سڪندي ۽ اُنهن کي سارينديي آهيان.

جڏهن پنجن سالن جي ٿيس تہ بابا جي بدلي پير ڳوٺ ۾ ٿي. بابا مونکي اُتي سڪول ۾ داخلا وٺي ڏني. منهنجا ٻہ ڀائر وڏو دادا چوئٿ جيڪو مونکان ڏهہ سال وڏو هو ۽ ٻيو گوپال جيڪو مونکان ٽي سال وڏو هو. ٻئي ڀيڻ جا مونکان پوءِ ڄائي, نالو ڪملا اٿس. گوپال ۽ مان ساڳي سڪول ۾ ويندا هئاسين. منهنجو سڪول ٻائي جي ٻنيءَ جي پاسي ۾ هوندو هو جتي مان پهريون سنڌي پڙهندي هئس. اَسان سنڌي هِندو توڙي مسلمان ٻار ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ پڙهندا هئاسين. منهنجي بئنچ تي مونسان گڏ مسلمان ڇوڪرو محمد نالي وارو وهندو هو. محمد قد بدن جو ننڍو ۽ بت پريل ۽ بلڪل شانت سڀاءُ جو هو ۽ جڏهن ماستر سائين هن کان ڪاجهہ سوال پڇندو هو تہ هوُ شرم کان ڪاجهہ بہ نہ ٻڌائيندو هو. تہ سائين هن کي بئنچ تي اُٿاري بيهاريندو هو ۽ جيڪا ڳالهہ خبر ناهي ڇو مونکي نہ وڻندي هئي ۽ هن تي قياس پوندو هو. هڪ ڏينهن رسيس ۾ مان بورنگہ نلڪي تان پاڻي پي رهي هئس تہ مونکي هٿ ۾ ڏينيوءَ چڪ پاتو ۽ مان روئڻ لڳس تہ منهنجي پٺيان بيٺل محمد منهنجو هٿ پڪڙي پنهنجي گهر وٺي هليو. جيڪو سڪول جي پاسي ۾ هو. پنهنجي اَميءَ سان ڏينيوءَ جي چڪ جي ڳالهہ ڪيائين. اَمي جان اُن مهل پنهنجي گود ۾ ويهاري ڪؤڙي تيل سان مالش ڪئي ۽ پوءِ ٻاجهريءَ جو ڍوڍو ۽ لسي کائڻ لاءِ ڏني ۽ مان روئڻ بند ڪري روٽي کاڌي ۽ پوءِ محمد سان گڏ سڪول آيس. گهر اچي بابا سان ڳالهہ ڪئي ۽ بابا منهنجي مٿي تي هٿ گهمايو ۽ ٻئي ڏينهن سڪول ۾ اچي محمد کي ڪاڇ ۾ کڻي پيار ڪيو. اڄ اُن ڳالهہ کي ڇوهٺ سال گذري چڪا آهن. پر اُهي ڪڏهن ڪڏهن ياد ڪري من ۾ خوشي ٿيندي آهي تہ ٻہ ڀوڙها بہ ڳرندا آهن. اڄ محمد جي عمر بہ مون جيتري هوندي ڇا اُن کي اُها ننيڙي ڏياوَنتي ڀيڻ ياد هوندي.

ٻي مٺڙي ياد اڄ بہ اکين اڳيان ڦري رهي آهي. پير ڳوٺ ۾ ڇاليما صاحب جي درٻار آهي اُن جي پاسي ۾ اَسان جو گهر هوندو هو. اَسان جي گهر

ڀارت ماتا جي گود ۾

۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ تي اکنڊ ڀارت انگريزن جي غلاميءَ کان آزاد ٿيو. هرهڪ ڀارتواسي آزاد پکيئڙو بڻجي اُڏامڻ لڳو. سڀني ڀارتواسين جون دليون خوشيءَ ۾ تمتار هيون. ۲۰۰ سال غلاميءَ ۾ گذارڻ کانپوءِ اَسان لاءِ آزاد ڀارت جي آزاد فضا ۾ ساهه کڻڻ جو سپنو پورو ٿي رهيو هو. پر صد افسوس پرندي کي کهڙي خبر ته اُڏامڻ کان اڳهه ۾ ئي شڪاريءَ هن جا پر ڪٽي ڇڏيا آهن. اَسان ننيڙن ٻارن کي کهڙي خبر ته اکنڊ ڀارت جا ٻه ٽڪرا ٿي رهيا آهن. ننيڙن جي ڪچڙين دلين ۾ ته محبت جا مچ ٻرندا آهن، ننيڙيون دليون ته وير، ونجوڳهه ۽ نفرت کان پري هونديون آهن. هنن جي دلين ۾ ته رام ۽ رحيم جي هڪ ئي جوت ٻرندي آهي، ڇو ته هوُ ايشور جو روپ آهن. ڪچڙين دلين ۾ نفرت جا ٻج پئدا ڪرڻ وارا اسان ٻاڻ آهيون.

اَسان جي اکنڊ ڀارت جا ٻه ٽڪرا هڪ هندستان ۽ ٻيو پاڪستان ٿيا. ڀائرن جي وچ ۾ دشمني پئدا ڪرڻ وارا انگريز هئا. ڪرشن ڀڳوان جو پتا وسديو ڪرشن کي ڪنس کان بچائڻ لاءِ اُن کي نند بابا وٽ بندر ابن ڇڏي آيو. اَسان به پنهنجو هندو ڌرم بچائڻ لاءِ ڀارت ماتا جي گود ۾ شرن وٺڻ لاءِ تيار ٿياسين.

جڏهن ديش جو ورهاڱو ٿيو ته اَسان ننيڙن اَبوجهه ٻارن کي خبر ڪونه هئي ته اَسان پنهنجي مٺڙي جيجل سنڌ کي هميشه لاءِ الوداع ڪري رهيا آهيون. ٻار اٺين عمر ۾ دماغ به ٻارن جهڙو هوندو آهي. مان سمجهو ته بابا اسان کي ٻاٽيءَ جي جهاز رستي اَسان کي پري پري گهمائڻ ٿو وٺي هلي. ٿورا ڏينهن گهمي وري واپس پنهنجي گهر ايندا سين. مونکي ايتري

هرهڪ ڀارتواسي آزاد پکيئڙو بڻجي اڏامڻ لڳو.





ڀارت
ماتا جي
گود ۾

هئا. اَسان ٻار ريلوي جي پٽن تي ڪوڪا رکي ڇڏيندا هئاسين ۽ جڏهن اُتان ريل لنگهي ويندي هئي تہ ڪوڪا چاڪوءَ وانگر ٿي ويندا هئا.

ارُلي ءَ کان پوءِ اَسان کي ديولالي ڪئمپ رهايو ويو. اُتي بلباکي ڪنهن ٺيڪيدار وٽ لکپڙهہ جي نوڪري ملي. بابا اُتي گوپال ۽ مونکي پهرين سنڌي سڪول ۾ ويهاريو. مان باباکي چيو مان پنهنجي پير ڀُوٽ واري سڪول ۾ پڙهندس. بابا چيو تہ ٿورا ڏينهن هتي پڙهہ پوءِ واپس هلنداسين. ائين اَسان سڪول وڃڻ شروع ڪيو. ٿورن مهنن کانپوءِ باباکي راڄپپلا ۾ نوڪري ملي ويئي ۽ اُتي هليو ويو ۽ باقي گهر ۾ منهنجا ڀائر مان ۽ منهنجي ماءُ هئي. اُتي مان پهريون سنڌي پاس ڪيو.

ديولاليءَ ۾ هڪ وڏي عمر جو سنڌي ڪاڪو ڪنندداس رهندو هو. جيڪو صورتين جو ڪم ڪندو هو. هرهڪ صورتي وجهڻ واري کان ٥ آنا وٺندو هو ۽ پوءِ ڏهي ۾ پنن تي نالا لکي وجهندو هو ۽ ڪنهن ننڍي نياڻيءَ کان صورتي ڪڍائيندو هو ۽ جنهن نياڻيءَ کان ڪڍائيندو هو اُن کي ٥ آنا ڏيندو هو. مونکي بہ سڪول مان هڪ ننڍي ڇوڪري اُتي وٺي هلي ۽ اُن ڪاڪي مونکان بہ صورتي ڪڍائي ۽ پوءِ ٥ آنا ڏنا ۽ جيڪي مون اچي ماءُ کي ڏنا ۽ منهنجي ماءُ مونکي مار ڏني ۽ وڏي پاءُ چوئٽ دادا بہ ٺڪ هٽي ڪيئي ۽ پوءِ اُن ڪاڪي ڪنندداس لاءِ منهنجي پاءُ پوليس ۾ فرياد ڪئي ۽ اُن ڪاڪي کي پوليس پڪڙي وئي. منهنجي ماءُ جنهن کي مان پاپي چوندي هئس تنهن ڏايو پيار سان سمجهايو تہ پٺهين کي خبر پوندي تہ اُن کي بہ اهڙا ڳالهہ نہ وڻندي وري ڪڏهن اهڙو ڪم نہ ڪجُ. مان هڪ سوري ٻار وانگر پاپيءَ کي پلڪر پئي واعدو ڪيو.

هڪ دفعي هڪ ٽڪاٽي ۾ گهٽا سنڌي ڀائر لائين ۾ بيٺا هئا. هڪ پاءُ ٻڌايو تہ اَسانجو پرڌان منتري جواهرلعل نهرو پئسا ڏيڻ ٿو چاهي جنهن کي جيترا کپن اُهي نالا لکائن. مان اَبوجهہ ٻالڪا ١٠٠ رپيا لکايا ۽ جڏهن منهنجو نمبر آيو تہ هڪ ڪمبل مليو جيڪو ملٽريءَ وارن کي ملندو آهي ۽ اُهو اَچي گهر ڏنو جو اُهو سرڪار وٽان مليو هو جنهن ڪري ڪنهن ڪاڇهہ کانہ چيو. اڄ جڏهن اُهي ڳالهيون ياد ايندون آهن تہ اکين مان

سمجهه ھاجي ها تہ مان پنھنجن ننڍڙن ساٿين سان گلي ملي موڪلائي اچان ها.

پاڻيءَ جو جهاز پارٽ پوميءَ جي ڪنھن بندر جي ڊڪي اچي بيٺو. اَسان کي ۽ ٻين سنڌي پاڻرن کي اُرليءَ جي ملٽري ڪئمپ ۾ موڪليو ويو. ملٽري بئرڪن جا وڏا وڏا روم هئا ۽ هڪ روم ۾ چئن ڪٽنبن کي رهايو ويو. اَسان جي روم ۾ اُلهاسنگر جي مشهور هستي شري گيهمل ڪاريا جي فئملي بہ هئي. اُرليءَ ۾ جهنگل ئي جهنگل هو. اُتي نانگ ۽ وڇون گهڻا هئا. منھنجو وڏو ڀاءُ دادا چوئٿ نانگ ماري ڊبي ۾ وجهي يڪ ڏيئي ڪٽي ايندو هو ۽ اَسان ٻار ڊڄي ڀڄي ويندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن پاڙي جا ٻار گڏجي مٿي تي تغاريون کڻي پهاڙيءَ تان ڇيڻا ۽ لڪڙيون ميڙي اچي گهر ۾ ڏيندا هئاسين ۽ ڇيڻا هٿن سان گول گول ٺاهي پٿين تي سڪائي ٻارڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئاسين. شايد ننڍي عمر ۾ ئي ڪٽنب کي مدد ڪرڻ جو جذبو ايشور اَسان ۾ وجهي ڇڏيو هو. هڪ ڏينهن زبردست طوفان سان گڏ برسات پئي ۽ بئرڪ جا سڀ ڪٽنب هڪ ئي هنڌ گڏجي ويٺاسين. چوڌاري اوندھہ هئي ۽ سيني جي دلين ۾ ڊپ جي لهر هئي ۽ اَسان ٻار پنھنجن ماٽائن کي ڀڪڙي پنھنجو مٿو جهول ۾ لڪائي ويٺاسين. ڪٿي سنڌ جي ترتيءَ تي نازن سان پليل اَسان سنڌي ۽ اڄ جهنگلن ۽ پوليس جي بئرڪ ۾ نِروا سي وانگر رهيا پيا هئاسين. خئر سان طوفان سان گڏ برسات بہ بند ٿي. اَسان گهر کان ٻاهر نڪري پهاڙي طرف نظر ڊوڙائي تہ اَسان کي هڪ وڏو ڪاٺ جو ٿُنڊ ڏسڻ ۾ آيو ۽ اَسان سوچيو تہ ڏسي اچون پوءِ اُن کي سڪڻ کانپوءِ ٻارڻ لاءِ کڻي ايندا سين. اَسان جڏهن اُن جڳهہ تي پهتاسين تہ اُتي هڪ سنڌي ڀاءُ مئل پيو هو ۽ اُن جي ٽوپي ٽورو پريان پئي هئي. شايد اُن مٿان کنوڻ ڪري هئي. اَسان ٻارن جلد اَچي گهر ۾ ٻڌايو ۽ پوءِ ڏينهن خبر پئي تہ اُهو اَسان جو سنڌي ڀاءُ موهنداس هو.

اَسان ٻار ڪڏهن ڪڏهن جهنگلن ۾ گهمڻ ۽ کيڏڻ لاءِ هلي ويندا هئاسين تہ رستي تي سڙيل بم ۽ خالي ڊٻا ملندا هئا ۽ اَسان ڊٻا کڻي گهر ۾ اَناج وجهڻ لاءِ ماٽن کي ڏيندا هئاسين. اَسان جي گهر جي پاسي ۾ ريلوي جا پٽ

ڪلياڻ ڪئمپ
(سياڄهن سنڌين جي ننڍڙي سنڌ)

١٩٤٩ع جو سال هو. اَسان ديولاليءَ جاوڻ ڇڏي ڪلياڻ ڪئمپ نمبر ٢ جي راشن آفيس (نهرو چوڻڪ) تي اچي ديرو ڄمايو. منهنجي وڏي ڀاءُ چوئٿ دادا کي سرڪاري اسپتال ۾ ڪوارٽر مليو جتي اَسان رهياسين. باباکي ٺاڪرلي پاور هائوس ۾ نوڪري جوائن ڪئي.

٢ نمبر راشن آفيس، نهرو چوڻڪ جي سرڪاري اسڪول ۾ (جتي هاڻي گلجانند مارڪيٽ آهي) ۽ ٢ درجي ۾ داخلا ورتي ۽ اَسان جي پڙهائي شروع ٿي ويئي. اسان جي داديءَ جو نالو ڪرشنا هو. گهنڊي وارن واري دادي اَسان کي پڙهائيءَ سان گڏ پکين، پرين ۽ جادوءَ جون ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي. داديءَ ڪڏهن به ڪنهن ٻار کي ڪونه ماريو هو، ها اک ضرور ڏيکاريندي هئي. داديءَ جي رهنمائيءَ هيٺ اَسان ٻيون درجو پاس ڪيو.

جڏهن مان ٣ درجي ۾ پهتس ته منهنجي وڏي ڀاءُ دادا چوئٿ جي گوپالاڻي خاندان ۾ شادي پڪ ٿي. باباکي ٻه ڀائر هئا هڪ دادا پرسرام ۽ ٻيون دادا چيتنداس. باباکي پيڻ ڪونه هئي ۽ مان اڃان ننڍڙي هئس. شاديءَ جي آنرياڻي ۽ آنر جي ضرورت هئي. بابا جي هڪ پري جي سؤٽ جنهن کي آنرياڻي ڪري بيهارڻو هو اُها ورهاڱي جي ڪري کهڙي شهر ۾ هئي خبر ڪونه هئي. اُن وقت سنڌين جي روزاني اخبار هندستان ۾ بابا اِشتهار وجهايو ته شري چمنداس بالاڻي جنهن

پاڻي وهندو آهي تہ اَسان سنڌين ورهاڱي کانپوءِ ڪيترين تڪليفون سٺيون. لائين ۾ بيهي سرڪار جا ڏنل چانور، ڪڻڪ، اَٽو، ڀاڄيون ۽ ٻيون ڪاڌي جون شيون ورتيون آهن جيستائين اَسان ٺائينڪا ٿي ويهون.

اَسان جي گهر جي پاسي ۾ روڊ هوندو هو جتان گهڻا ملٽري وارا سائيڪلن تي ايندا ويندا هئا. هڪ ڏينهن اَسان ٻار روڊ تي راند ڪري رهيا هئاسين تہ هڪ ملٽريءَ وارو سائيڪل تي اچي رهيو هو تہ هوُ سائيڪل سميت اَچي اَسان ٻارن مٿان ڪريو ۽ گهڻو تڪ مونکي لڳو اُهو بہ گوڏي تي لڳو. ملٽريءَ وارو جلد مونکي ڪاڇ ۾ کڻي ملٽريءَ جي اسپتال ۾ وٺي هليو ۽ ملم پٽي ڪرائي گهر ڇڏي ويو ۽ پاپيءَ کان معافي ورتائين. اُن ڏينهن کان پوءِ مان روڊ تي راند ڪرڻ ڇڏي ڏني. اڄ بہ اُن تڪ جو نشان گوڏي تي آهي.

اَسان جي پاڙي ۾ هڪ نوجوان ڇوڪري پنهنجن مائٽن سان رهندي هئي جنهن جو نالو پدما هو. ٻڌندي هئس تہ هوءَ عامل خاندان مان هئي. ننڍڙي موتين جا هار ٺاهي مونکي پائيندي هئي ۽ هن آرسان فراق مڙهي ڏنو هو جنهن جو اَڇو رنگہ هو ۽ فل ٻانهن سان ٺاهي مونکي پاتو هو. جڏهن مان سڪول مان موٽندي هئس تہ هوءَ دروازي تي بيٺي هوندي هئي ۽ مان روٽي کائي سڪول جا ڪم اُتي ڪندي هئس ۽ مونکي هوءَ سڪولي ڪمن ۾ مدد ڪندي هئي. منهنجون چوٽيون ڪندي هئي، ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي.

آهستي آهستي سنڌ جي ترتيءَ جون يادگريون وسرنديون ويون ۽ هند جي يوميءَ سان ناتو جڙندو ويو.

هڪ ڏينهن خبر پئي تہ منهنجي وڏي ڀاءُ دادا چوئٿ کي ڪلياڻ ڪئمپ نمبر ٢ ۾ سرڪاري دواخاني ۾ ڪمپائونڊر جي نوڪري ملي آهي ۽ دادا چوئٿ ٿورن ڏينهن کانپوءِ ڪلياڻ ڪئمپ هلي ويو. بابا راجپيلا ۾ هو. باقي پاپي، گوپال ۽ مان اڪيلا ديولاليءَ ۾ رهياسين.

ڪجهہ وقت بعد بابا جي بہ بدلي ڪلياڻ اِسٽيشن جي پاسي واري اسٽيشن ٺاڪرلي پاوَر هائوس ۾ ٿي. اُهو ٻڌي پاپيءَ کي ڏاڍي خوشي ٿي. منهنجي وڏي ڀاءُ دادا چوئٿ کي سرڪاري اسپتال ۾ ڪوارٽر مليو ۽ بابا کي اچڻ لاءِ لکيو. بابا بہ راجپيلا مان ديولاليءَ پهتو ۽ اَسان بابا سان گڏ ڪلياڻ ڪئمپ لاءِ روانا ٿياسين.

ته وڏي ڏيءُ ۽ وڏي پٽ جو نالو نه ڪڍڻ ۽ ڪڪو ۽ ڪڪي چون. پاڙي وارن جي پاڻ ۾ ڏاڍي ہڏي هوندي هئي. ائين لڳندو هو جو هڪ ئي پريوار هو. منهنجا ننيڙا ساٿي پدما، لڇمي، راجڪماري، مونا، گھنشيام، ڀڳونتي، گوداوري، چيٺو، وغيره هئا. سنڌ جا ننيڙا ساٿي آهستي آهستي ڏنڌلا ٿيندا ويا. نوان ساٿي دل جي قريب ايندا ويا. بابا مونکي ۽ گوپال کي هندي ڪلاس پراميڪ ۾ ويهاريو جيڪو اسان جي گھر جي ہن منٽن جي پنڌ تي هو. اُٿي ٽي. ايس. سر هندي ڪلاس شروع ڪيا هئا. هندي سڪول ۾ منهنجي ٽيچر دادي موهني واسواڻي هئي جيڪا اڄ جي گيتاراج ڏاسواڻي آهي ۽ لنڊن ۾ رهندي آهي. هوءَ ڏاڍي سٺي ڊانس ڪندي هئي. ٽي. ايس. سر هڪ ڊانس پروگرام رکيو هو اُن ۾ موهني واسواڻيءَ ڊانس ڪئي هئي. اُن گيت جا اکر هئا 'آج ماني نه مدرا، جيا ٺمڪ ٺمڪ ناچي، ساوَن ڪا مؤسم سُهانا' جيڪي مان اڄ به وساري ڪونه سگھي آهيان. موهني واسواڻي (گيتاراج) جڏهن مونکي ۴۰ سالن کانپوءِ ملي ته مان اُن کي گيت سان گڏ ڊانس ڪري ڏيکاري ته هوءَ وائڙي ٿي ويئي.

مان ۽ گوپال چوٿون درجو پاس ڪري پنڄين درجي جي نيوُ ايرا اسڪول ۾ داخلا ورتي. مان گرلس سڪول ۾ ۽ منهنجي ڀاءُ فالوَر لائين جي چوڪرن جي اِسڪول ۾ داخلا ورتي. پنڄين درجي ۾ منهنجي دادي رُڪما هئي. مان پھريون ليڪاچر ۱۵ آگسٽ تي پنڄين درجي ۾ ڏنو هو جيڪو منهنجي وڏي ڀاءُ دادا چوئٿ لکي ڏنو هو. مان پھريون نمبر اِنعام کٽيو. صابڻ جي چڪي ٻاڙهي ديءِ ۾ ٻاڙهي ربين ہڌل هئي. اُن وقت مان ۱۰ سالن جي هئس. مان اُهو اِنعام کلندي وڏي ڀاءُ جي هٿن ۾ ڏنو ۽ هن مونکي ڪاڇ ۾ کڻي پيار ڪيو هو. پنڄين کانپوءِ ڇهون درجو دادي ڪملا چڳاڻي (پريوُ وفا) جي پيڻ وٽ ۽ ستون درجو دادي موهني ميرچنداڻي (اَرجن شاد جي پتني) وٽ پڙهيس ۽ ليڪاچر ڏيندي رهيس. ستين درجي ۾ سڪول جو پايو وجھندڙ سيٺ پرسرام پارومل اڳيان

شهر ۾ هجي تہ ڪلياڻ ڪئمپ ۾ فلاٽي ائڊريس تي چوئٿ جي شاديءَ ۾ پهچي وڃي. چوندا آهن 'سڪ سچي آهي تہ پرين پاڻيهي ايندا.' دادا چمنداس بالاڻيءَ بہ اشتهار پڙهيو ۽ ٽئين ڏينهن تي فئمليءَ سميت اَچي پهتا. چوندا آهن 'اَنڌو گهري هڪ اک تہ اُن کي ٻہ ملن تہ هوُ خوشيءَ ۾ نہ ماپندو آهي.' اَسان جي گهر ۾ بالاڻي فئملي اَچڻ سان خوشي ٻيڻي ٿي ويئي. ٻنهي ڀائرن دادا چوئٿ ۽ گوپال جڻيا بہ پاتا. دادا چوئٿ مونکي شاديءَ لاءِ شرارو ۽ ڪُرتو پنڪ ڪلر جو ٺهرائي ڏنو هو جيڪو مان پائي ڊانس ڪئي هئي. دادا جڏهن گهوڙ ٻڌي بگيءَ ۾ ويٺو تہ دادا مونکي پاسي ۾ ويهاريو هو. شاديءَ کانپوءِ منهنجي ڀاڄائيءَ جو نالو رُڪمي نڪتو هو. منهنجي ڀاڄائيءَ جي شڪل ائڪٽريس نميءَ سان ڏاڍي ملندي هئي. مان ڪجهہ ڏينهن اڳہ برسات پڪچر ڏٺي هئي، اُن ۾ نمي ۽ نرگس هيون. مان ڀاڄائيءَ کان پڇيون سوال ڪيو هو تہ مان توکي برسات پڪچر ۾ ڏٺو آهي تون ساڳي آهين نہ؟ منهنجي ڀاڄائيءَ مشڪي مونکي ڀاڪر پائي چيو تہ هاڻي مان نمي نہ پر رُڪمي آهيان، پر آهيان ساڳي. اڄ بہ پنهنجي ٻاراڻي ٻُڌيءَ تي کل ايندي آهي. اَسانجي گهر جي سامهون ڊاڪٽر هيمنداس عيدناڻي جي هاسپيٽل هئي ۽ سنمکہ ماکيجا ۽ گرمکہ ماکيجا جو گهر بہ هو (جيڪي ميونسپل جا ميمبر هئا) سرڪاري اسپتال جو ڊاڪٽر ماکيجاڻي هو. سڀ شاديءَ ۾ شريڪ ٿيا هئا. هندستان ۾ اَچڻ کانپوءِ اِها اَسانجي گهر ۾ پهرين خوشي هئي.

جڏهن مان ۽ گوپال چوٿين درجي ۾ پهتاسين تہ اَسان اي بلاڪن ۾ شفٽ ڪيو جيڪي اُن وقت نوان ٺهيا هئا. جتي هاڻي گول ميدان آهي. بابا ٻہ روم ورتا. هڪ ۾ بابا رهيو ۽ ٻي ۾ دادا چوئٿ رهيو. اُن مان هڪ اَسان کي ڪليم ۾ مليو. اَسان جي پاڙي ۾ ٽي بلاڪ هئا جنهن ۾ ١٨ گهر ويڙا جو هڪ بلاڪ ۾ ٦ گهر هئا. پاڙي ۾ سڀ مونکي ڪڪي ڪري سڏ ڪندا هئا ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ کي ڪڪا. جو سنڌين جو رواج هو

ڏيءَ، دادا نيوند واڏو اٽيءَ جا پائٽيا، پاڙي جا ٻار وغيره داخل ٿيا. مان هرهڪ ٻار کان ٣ روپيا في وٺندي هئس ۽ هڪ ڇوڪرو ڪيمو ناليي وارو ڪم تي رکيو جيڪو ٻارن کي وٺي به ايندو هو ۽ ڇڏي به ايندو هو. بابا هندستان اخبار ۾ ٻال مندر جو اِشتهار وجهايو هو. اَڄ اُهي ٻار ٻارن وارا ٿي ويا آهن جتي ملندا آهن پيري پوندا آهن ۽ دادي چوندا آهن. جيتوڻيڪ مان ڪنهن به سڪول ۾ ماستري ڪونه ڪئي آهي. ائين وقت سٺو گذرڻ لڳو. مان ٻارن جي فين مان ڪجهه پئسا گڏ ڪيا ۽ بابا کي ڏنا ته بابا اُن مان مونکي به سونيون منڊيون ٺهرائي ڏنيون. چيائين، اِهي پئسا تون گڏ ڪري بئنڪ ۾ جمع ڪندي ڪر. مونکي به وندر سان گڏ پئسن ڪمائڻ جو رستو ملي ويو.

هڪ ڏينهن بابا ٻڌايو ته هن کي بيسٽ ڪمپني ۾ بلڊنگ ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ملي آهي ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ چوئٿ دادا کي بيسٽ ميڊيڪل سپروائيزر جي ملي آهي ۽ گوپال ڀاءُ کي بيسٽ ٽرنر جي نوڪري ملي آهي. گهر جون حالتون ڪجهه سڌريون.

اَسان کي اي بلاڪ جا ٢ روم هئا. هڪ بابا کي ڪليم ۾ مليو ۽ ٻيو دادا چوئٿ خريد ڪيو. بابا هاڻي هڪ گهر مان ٻه گهر ڪيا ۽ دادا چوئٿ کي پنهنجي گرهستي سنڀالڻ لاءِ چيائين. دادا چوئٿ کي ٻيو به پٽ ستيش ڄائو. هوڏانهن منهنجي ڀيڻ ڪملا ۽ سنتوش پائٽي سڪول وڃڻ شروع ڪيو. شام جو مان اُنهن کي پڙهائيندي هئس. ائين وقت سٺو گذرڻ لڳو.

ڪلياڻ ڪئمپ سچي سنڌين سان ڀريل هئي. آهستي آهستي سنڌي ٺاڻنڪا ٿيندا ويا. محنت ۽ دماغ ته سنڌين جهڙو ڪنهن وٽ ڪونهي. هنن ڪلياڻ ڪئمپ کي ننڍڙي سنڌ بڻائي ڇڏيو. ٺهرو ڇوڻڪ کان سيرو ڇوڻڪ تائين سنڌي مٺايون، پاپڙ، ڪيچا، سنڌ جي

ليڪچر ڏنو هو ۽ هن مونکي ١٠ روپيا اِنعام ڏنو هو. دادي موهنيءَ متي تي هٿ گهمايو هو. اسان جي پرنسيپال هئي 'دادي سرسوتي ٻناڻي'. اُهو ١٩٥٢ع جو زمانو هو. ١٩٥٣ع ۾ اَسان جي گهر ۾ منهنجي ننڍي ڀيڻ ڪملا ۽ ڀائٽي سنتوش جو جنم ٿيو. اَئين ۽ نائين درجي ۾ دادي جانڪي ميرچنداڻي جهڙي اُصولن جي پڪي، اِنتظام واري، آدرش دادي ملي. دادي ڪملا ڇڳاڻي ۽ موهني ميرچنداڻي اَسان کي ديش ڀڳتيءَ جا گيت ٻڌائيندي هيون. گرلس سڪول ۾ ١٠ درجي تائين پڙهياسين ۽ ١١ درجي ۾ نيوُ ايرا سڪول جي هڪ وڏي بلڊنگ سالوي جو بنگلو (سپنا ٽاڪيز) جي ڀرسان ٿهي ۽ اَسان ١١ درجو اُتي پڙهياسين. صبح جو گرلس سڪول هلندو هو ۽ شام جو بوائز سڪول هلندو هو. منهنجون سدوريون ساهيڙيون هيون ڪلان ڇتاڻي، مايا آڏواڻي، آشا بالاڻي، شيلا، ڄپاني جانڪي، ڇيتاڻي راجڪماري، آشا ڇڳاڻي، ڳانتي، چندرا تناڻي، وغيره. اُن وقت نيوُ ايرا سڪول سڄي ڪلياڻ ڪئمپ جو شان هو. سڪول جو پايو اَسان جي دانوير سيٺ پرسرام پاروُمل وڌو. هن ورهاڱي جي ستايل سنڌين لاءِ تعليم ۾ وڏو يوگدان ڏنو ۽ پيا به ڪيترا ڌرم جا ڪاريه ڪيا. اهڙي دانوير سيٺ پرسرام پارومل جي اڳيان ڪنڌ اڄ به نمندو آهي. ١٩٥٩ع ۾ مان مئٽرڪ پاس ڪئي. مئٽرڪ ۾ اَسان جو پرنسيپال شري لالا هئا. اَسان جي تمام سُٺي نموني اَلوداع پارٽي سڪول ۾ ٿي. اَسان سيني هڪ ٻئي کان موڪلائي وري ملڻ جو واعدو ڪيو.

١١ درجي جي مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ بابا مونکي ٽائيپ تي ويهاريو. مان ٻئين نمبر سرڪاري اِسپتال جي پٺيان ٻناڻي ڪلاسز وٽ ٽائيپ سکندي هئس. جو اُن وقت ڪلياڻ ڪئمپ ۾ ڪو به ڪاليج ڪونه هو. سڀ بامبي پڙهڻ ويندا هئا. بابا جي دل هئي ته مان گهر ۾ ٻال مندر کوليان جيستائين نوڪري ملي ۽ نوڪريءَ جي عمر ١٨ سال پوري ٿئي. مان گهر ۾ ٻال مندر شروع ڪيو. ٻال مندر ۾ ليڪڪ شوو رامناڻي جي

لڪيءَ سان پهرين ملاقات

زندگي ڇا آهي؟ اُن ’ڇا‘ جو ڪيترن لفظن ۾ ڪيترو به جواب زندگيءَ جون حدون مقرر نٿو ڪري سگهي. حقيقي زندگيءَ جون حدون ڄم ۽ موت کان پوءِ جي زندگيءَ جي باري ۾ نه سوچي ها. ڪرمن جي چڪر کي دماغ مان ڪيئي ڦِٽو ڪري ڇڏي ها.

چوندا آهن جوڙا ته بهشت ۾ ٺهن ٿا. ڪرمن موجب ايشور ٺاهيندو آهي. باقي جوڙن کي زمين تي اِنسان ملائيندو آهي. هيءَ دنيا تمام وڏي آهي دنيا ۾ بيشمار جوان ۽ جوانڙيون آهن. پر ڪو هڪ ساٿي پنهنجي جيون ساٿڻ کي دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ رهندڙ کي پسند ڪندو آهي. اُن کي ڇا چوندا سين. قادر جي قدرت جو چڪر عجيب آهي. ڪنهن کي ڪنهن سان ملائڻو آهي اُهو به هن طئه ڪري ڇڏيو آهي.

چوندا آهن خدا پيار آهي. پيار ئي خدا جي پاڇا آهي. پيار خدا خود آهي، خدا ئي جذبو آهي جيڪو دلين ۾ پيدا ٿئي ٿو. پيار کان سواءِ انسان اڌورو آهي. اُن بنان زندگي خالي خالي آهي. مان پنهنجي ۽ لڪيءَ جي يادگيرين جي اتهاس جون گڏ ڪيل ڪجهه ڪڙيون توهان سان ونڊڻ چاهيان ٿي.

١٩٥٩ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري سڪولي جيون کي اَلوداع ڪيم. سڪولي جيون جي پنهنجي موج هوندي آهي. پر وقت جي ڪانٽن سان گڏ اسان جي زندگي ڊوڙندي آهي. اڄ پار سياٽي جوان، پر زندگيءَ

ڀوري، دال چولا، پڪوڙا، گول گپا، چاپون، دال پڪوان، زندگيءَ جي هر هڪ شيءَ ملڻ لڳي. ڏنڌي سان گڏ هوُ دل جا شاهه ٿيندا ويا. دانوير، پر اُپڪار جي ڀاونا، مٺو ڳالهائڻ، تہ ڪو هنن کان سکي. هنن ڌارمڪ اِستان پوڄ چاليهه صاحب، سائين جيوڻ گهوٽ، سائين وسڻ شاهه، ماتا راجائڻ ديويءَ جو آستان، سوامي شانتي پرڪاش آشرم، نج ڌام آشرم، جئہ بابا ڌام، مٺ مندر، سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جا سڪول، نيوُ ايرا جهڙو شاندار سڪول، چاندي ٻائي ڪاليج، آر.ڪي. تلريجا وغيره جهڙا مندر، آشرم ۽ تعليم جا شاندار ڪاريہ سنڌين ڪلياڻ ڪئمپ ۾ ڪيا آهن. سنڌين پنهنجي پرشارٿ سان ڪلياڻ ڪئمپ کي اَڏي ڇڏيو آهي. جتي ڇاهه آهي اُتي راهه نڪرندي آهي. سنڌي اڳيان وڌڻ سکيا آهن پٺتي موٽي نہ نهاريندا آهن. سنڌن جون آسيسون هميشهہ سنڌين سان گڏ آهن.

جي اها حقيقت آهي تہ هر عمر جي پنهنجي موج هوندي آهي.

منٽرڪ ڪانپوءِ مان گهر ۾ ٻال مندر ڪوليو ۽ ٽائيپ سکڻ ويندي هئس. اُن سان گڏ ماءُ کي گهر جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ لڳس. منهنجي ماءُ پڙهائيندي هئي تہ نياڻين جا ٻہ جنم ٿيندا آهن. هڪ پيڪن ۾ ۽ ٻيو ساهرن ۾. ساهرن ۾ وڃڻ کان اڳہ پڙهائيءَ سان گڏ گهر جو هر هڪ ڪم سکڻ گهرجي. سنڌي نياڻي شاديءَ کان اڳہ يا شاديءَ کان پوءِ جو هر هڪ رول بخوبي نباهي ڄاڻي. هوءَ ڌيءَ، ڀيڻ، ننهن، پتني، ممتا مئي ماءُ، ياپي ۽ سس، وغيره هر رول ۾ پاڻ موکيندي آهي.

سڪولي جيون جي هڪ ساهڙي تناڻي چندر ان جنهن سان منهنجي دوستي سڪول ڪانپوءِ بہ هلندي آئي. جو ٽائيپ گڏ سکنديون هيوسين. اُهو زمانو ۱۹۶۰ع جو هو. شور اتريءَ جو ڏينهن هو. دل ۾ آيو تہ اڄ شور اتريءَ جي ميلي ۾ وڃجي. مان چندر ان سان پروگرام ٺاهيو چندر ان جي وڏي ڀيڻ جيڪا پنهنجين نمبر راشن آفيس تي آنندرام مسند جي گهر ۾ ڏنل هئي اُن وٽان ٿيندي شو مندر هلنداسين. اَسان ٺيڪ ۱۲ بجي اُن جي گهر پهتاسين. اُن جي گهر ۾ اُن جي پاڙي جا ٽي جوان ڇوڪرا جيڪي هن جي ڀيڻ جي ڏير دؤلت جا دوست هئا ويٺا هئا ۽ اُن جون نرانون ۽ پاڙي جون ٻيون ڇوڪريون بہ هيون. ڇوڪرا ينگہ گهوٽي رهيا هئا. اُنهن ڇوڪرن ۾ هڪ ڇوڪرو جنهنجو نالو لکي هو اُن مونسان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مون رُخ نہ ڏنو مانس. پوءِ ڪرسي کڻي اَچي اَسان جي پاسي ۾ ويٺو ۽ ينگہ پيئڻ جي آڇ ڪيائين. مون ناڪاري جواب ڏنو. روڏي کائڻ لاءِ چيائين مون چيو، ”ورت آهي.“ پوءِ هن پنهنجو نالو لکي ٻڌايو ۽ چيائين تہ مان ڊپلوما اِنجنيرنگہ هبليءَ ۾ پڙهندو آهيان ۽ هاڻي موڪلن ۾ آيو آهيان. سياڻي هبليءَ واپس ويندس. منهنجي پيءُ جو نالو سيٺ جادوداس آهي. اَسان جون ۽ سيٺ ڪاڇارام جون بسون ۱ کان ۵ نمبر ۾ هلنديون آهن. مان وائڙي ٿي نهاريندي رهيس. ’جان نہ پهچان مئن تيرا مهمان‘ واري ڪار هئي. مان ساهڙي چندران کي جلد اُٿڻ لاءِ چيو. هوءَ سمجهي وئي تہ ديا کي هتي مزو نٿو اَچي. سو





لکيءَ جي پيءُ کي ڪٿان اَسان جي رشتي جي خبر پئي. هڪ ڏينهن اوچتو لکيءَ جو پتا صاحب جيڪي، پڪا ڪانگريسي هئا، تن چٽن سان گڏ جيڪي ڪانگريسي هئا دادا نيونندرام وشنداس تنهن وقت جو ايم. ايل. اي.، دادا ساتورام، دادي شڪنتلا جيڪا منهنجي ماءُ جي ماروٽ هئي اچي منهنجي گهر پهتا. مان وائڙي ٿي نمستي ڪئي ۽ سيني کي گهر ۾ آدار سان ويهاريو ۽ چانهه بسڪوٽ ڏنو. لکيءَ مونکي پنهنجو پتا رستي تي ويندي ڏيکاريو هو. هنن مونکان ڪجهه سوال پڇيا ۽ مان ڪنڌ جهڪائي سچائيءَ سان جواب ڏنا. اُن وقت مان گهر ۾ اڪيلي هئس. اُن وقت منهنجو ڪٽنب مڇي مانيءَ وارو هو. پر پرين جي ساهتيءَ جي ڪلناڻي خاندان جا پڙهيل طبقي جا ديوان آهن. ديوان رائبهادر ڪوڙومل ڪلناڻي بابا جو سڳا سـءُ وٽ هئا. مونکي پنهنجي خاندان تي هميشهه ناز رهيو آهي. منهنجا چاچا دادا چيتنداس ڪلناڻي ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ آزاديءَ جي يدّ ۾ پنهنجو يوگدان ڏنو آهي. منهنجي چاچي پرسرام پنهنجو سڄو جيون اَناٿن ۽ وڌوائن جي سيوا ۾ اَرپن ڪيو آهي. چوٿين نمبر ٣٠ سيڪشن ۾ اَسان جا سؤٽ شري ڪندنداس ٽوپڻداس، سندرداس ڪلناڻي رهندا هئا جتي مان سنت واڌورام جي ورسيءَ جي ورسيءَ تي ويندي هئي.

لکي ۽ منهنجي ملاقات ٿيندي رهي. سيني کي خبر پئجي وئي منهنجي گهر ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ ناراض ٿيو ۽ بابا بہ ٿورا ناراض هئا. لکيءَ جي گهر ۾ اُن جي ماءُ ناراض هئي جو منهنجي سسُ کي تمام سهڻي ننهن کپندي هئي ۽ مان سانوري رنگ جي هئس. اُن وچ ۾ نيوُ ايرا وارن اُلهاسنگر آرٽس ڪاليج کوليو ۽ مان اُن ۾ آرٽس ۾ داخلا ورتي. پرائيويٽ سروس ڇڏي ڏني. اَسان جي هڪ سنڌي پروفيسر دادي پارپتي سپاهيملاڻي (پوءِ پارپتي رامڪشن آڏواڻي هئي) جنهن مونکي ڪهاڻيون ۽ ٻيون رچنائون لکڻ لاءِ همٿايو. پهرين ڪاليج جي مئگيزن ۾ ڪهاڻي ۽ ڪويتا لکي جا سيني پسند ڪئي. ائين لکڻ جو شونق وڌندو ويو ۽ مان هندو اسيءَ ۾ ٻارن جون ڪهاڻيون موڪليندي رهيس ۽ اهي هندو اسيءَ ۾ اينديون رهيون. ڪاليج

جلدي اُن جي پيڻ کان موڪلائي ميلي تي هلي وياسين. اُتي اسان چوڏيل ۾ ويٺاسين تہ اُتي بہ ساڳيو ڇوڪرو دوستن سان چوڏيل ۾ ويٺو هو. مان ڏڇي ويس تہ هي ڇوڪرا ٺيڪ ڪونہ آهن. سو ساهڙيءَ کي چيم تہ جلدي گهر واپس هل. هن چيو تہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي پر مان نہ ڊڄو ۽ اَسان جلدي بس پڪڙي ۽ گهر واپس آياسين. منهنجي ساهڙيءَ ٻڌايو تہ لکي هن جو ڊرم جو ڀاءُ آهي ۽ مان هن کي رکڙي ٻڌندي آهيان. مون ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

سُکہ ٿئي ڏينهن چندران ٻڌايو تہ لکي هبليءَ واپس ويو. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ چندر ان جي ائبريس تي اُن ڇوڪري لکيءَ مونکي ليٽر لکيو. اُن ۾ ڀيو ڪجهہ ڪونہ هو پر هن مونکان معافي گهري هئي. ائين بہ ٽي چٺيون هن چندر ان جي ائبريس تي لکيون پر مان ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو مانس. هڪ ڏينهن چندرا چيو تہ مان پنهنجي ڊرم جي ڀاءُ لکيءَ کي رکڙي ٿي موڪليان تون بہ موڪل ۽ مون ها ڪئي. اَسان ٻنهي گڏجي رکٽيون موڪليون. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ منهنجي رکڙي واپس آئي ۽ لکيءَ هٿ سان هڪ پني تي ڪجهہ چتر چٽي موڪليو. چتر جو مطلب هو تہ منبپ آهي وچم هوَن ٻري رهيو آهي ۽ هوَن جي چوڌاري هڪ پلنہ ٻڌي ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري ڦيرا ڏيئي رهيا آهن. مان واٽڙي ٿي ويس تہ ڪجهہ سمجهي نہ سگهيس ۽ ڳالهہ اُتي ئي ختم ڪري پنهنجي روٽنگہ ۾ بزي ٿي ويس.

منهنجي عمر ١٨ سال پوري ٿي ۽ مان پنهنجو نالو ايمپلائمينٽ ايڪسپينج ۾ ڏنو ۽ مونکي ڪيترن هنڊ انٽرويوُ لاءِ گهرايو ويو. آخر راءِ صاحب سيتلداس کيماڻيءَ مونکي هڪ پرائيوٽ فرم ۾ ٽائيپسٽ ڪلارڪ جي پوسٽ وٺي ڏني ۽ مان نوڪريءَ ۾ بزي ٿي ويس. هڪ ڏينهن اوچتو رستي ويندي اُهو ڇوڪرو لکي گڏجي ويو. اُها بہ هڪ قدرتي گڏجاڻي هئي. هن ٻڌايو تہ هوُ هاڻي پڙهائي پوري ڪري سينٽجري ريٺان ۾ سروس تي لڳو آهي. ائين ڪڏهن بس ۾ ڪڏهن ڪنهن پڪاچر تي اَچانڪ ملاقات ٿيندي ٿيندي خبر ئي نہ پئي ۽ ملڻ ٿيندو رهيو. شايد اُن کي ئي پيار چوندا آهن.

منهنجي سسُ جو پاءُ گوڪلداس ۽ سسُ جو ماروٽ لعلچند بنهي جا منهنجي سسُ ۽ سهري کي ملڻ آيو ته جتي لڪيءَ جي دل آهي، اُتي شادي ڪريو. منهنجي وڏي ڀاءُ کي منهنجي ڀاڄائيءَ مليو. آخر ٻئي ڌريون راضي ٿيون.

هڪ ڏينهن ڪاليج مان موٽي رهي هئس ته لڪيءَ جو پيتا صاحب رستي تي گڏيا ۽ هن مونکي چيو ته پٽ نوڪري نه ڪر پر ڪاليج پڙهه وڃ. منهنجي بابا کي آرتوار تي اسان جي گهر موڪليو جو تنهنجي ۽ لڪيءَ جي شاديءَ بابت ڳالهائڻو آهي. مان اکيون هيٺ ڪري ها ڪئي ۽ دادا کي اُتي ئي پيري پيس. هڪ نيڪ شخص ۽ اُلهاسنگر جي مشهور شخصيت مون سان ائين پيار سان ڳالهائي مان عجب ۾ پئجي ويس. پر سچ چيو اٿن ته اولاد لاءِ جهڪڻو ئي پوندو آهي.

ٻي ڏينهن بابا لڪيءَ جي گهر ويا ۽ ڳالهيون ٿيون. بابا منهنجي ڀاءُ ۽ چاچن سان ڳالهه ڪئي. هاڻي آيو نڪون لڪي مڱڻيءَ جي رسم پوري ٿي. گهر ۾ خوشي ڇانئجي ويئي، ڪاليج جي پڙهائي ٿيندي رهي. منهنجي ننڍي ڏير پهلاج چوائي موڪليو ته هاڻي اخبار ۾ ليکه نه لکندي ڪر. مان اُن جو به چيو مڃيو. سڄو سال گذري ويو ۽ آخر ٩ فيبروري ١٩٦٤ع ۾ شاديءَ جي تاريخ نڪتي.

ٿيهن چوڪرين سان شروع ٿيو ۽ آهستي آهستي شاگرد وڌندا رهيا. مان ليڪچر سان گڏ ڊانس ۾ بہ ڀرو ونندي هئس ۽ بزي هئڻ ڪري لکيءَ سان ملاقات بہ گهٽجندي ويئي جو جيستائين پنهنجي جا مائٽ راضي ٿين.

اوچتو ١٩٦٢ع ۾ اِنڊيا چائنا وار لڳي. اَسان جي ديش تي جڏهن جڏهن ڪنهن ٻاهرين ملڪ جي بري نظر وڌي آهي تہ ديش جي هر ناگرڪ ديش جي رڪشا لاءِ پنهنجو يوگدان ڏنو آهي. لکي بہ گهڻيءَ گهڻيءَ ۾ وچي ديش ڀڳتيءَ جون پڪاڇرون ڏيکاري جو انن ۾ ديش لاءِ ڪاجهہ ڪرڻ جو جذبو پئدا ڪرڻ لڳو. جيئن خون دان ڪرڻ، پئسا گڏ ڪرڻ، باربر تي لڙندڙ سپاهين جي پريوار وارن لاءِ ڪپڙا ۽ ٻيون ضرورت جون شيون گڏ ڪرڻ. اَسان بہ ڪاليج ۾ فند ۽ ڪپڙا گڏ ڪرڻ لڳاسين. اُن وقت ريلوي وارن ريلوي ۾ اِمرجنسي ڀرتي ڪئي ۽ مونکي ٽائيپسٽ جي پوسٽ وي.ٽي. تي ملي وئي. مان ڏاڍي خوش هئس. سروس سان گڏ مان پڙهائي بہ چالو رکي. وقت گذرندو ويو.

سروس ۽ پڙهائيءَ جي بوج ڪري اچانڪ مان بيمار ٿي پيس. اُن وقت مشهور ڊاڪٽر واڌواڻي ۽ ڊاڪٽر ماڪيجاڻي هئا. اُن جي دوا مان بہ فائدو ڪونہ پيو. ڪيترا ڏينهن سروس تي بہ ڪونہ ويس ۽ کٽ حوالي ٿي ويس. منهنجو آواز بہ بند ٿي ويو. هڪ رات منهنجي حالت گنڀير ٿي وئي ۽ سڄو پاڙو اسان جي گهر ۾ گڏ ٿي ويو ۽ مان سيني ڏانهن ڏسي رهي هئس پر ڪاجهہ ڳالهائي نہ پئي سگهان. اچانڪ لکيءَ کي منهنجي حالت جي خبر ڪٿان پئي ۽ هوُ پنهنجي ڊاڪٽر گوڪلداس کي سائيڪل تي ويهاري وٺي آيو. حالت اهڙي هئي بابا بہ ڪاجهہ چئي نہ سگهيا. ڊاڪٽر پنهنجو علاج شروع ڪيو ۽ سڄي رات ڊاڪٽر ويٺو هو ۽ پاڙي وارا بہ ويٺا هئا. صبوح تائين مان اُٿي ويٺس ۽ پاٺيهي پنڌ ڪرڻ لڳس. شايد لکيءَ جي لاءِ مونکي نئون جنم مليو هو. آهستي آهستي مان ٺيڪ ٿيندي ويس.

شادي هڪ پوتر ٻنڌڻ

جڏهن ڇوڪري جنم وٺندي آهي ته چوندا آهن ته نياڻي پرائو ڌن آهي، ڪنهن جي اَمانت آهي. سائين پاڻ پلو ڪندس، سٺو ور گهر ملندس، منوورن ۾ لُڏندي، راجڪمار جهڙو گهوٽ ملندس. گهوٽ کان هڪ گهرندي سؤ ملندس، راڻيءَ جهڙي سسُ ۽ راجا جهڙو سهڙو ملندس. اُهو سڀ ٻڌندي ٻڌندي هرڪا ڇوڪري سهڻا سپنا ڏسندي آهي. جڏهن جوانيءَ ۾ پير رکندي آهي ته هِن جا سپنا ٻه آسمان کي ڇهڻ جي چاهنا رکندا آهن ته ڪو راجڪمار گهوڙي تي چڙهي هِن کي دور ديش ڏانهن پنهنجي گهر وٺي ويندو جتي هِن کي دنيا ڀر جا سُکه ملندا، هڪ نئون پريوار، هڪ نئون گهر ملندو جتي هوءَ پنهنجي جيون ساٿيءَ سان گڏ هِندوري ۾ لڏندي.

جيئن جيئن منهنجي شاديءَ جي تاريخ ۹ فيبروري ويجهو ايندي ويئي ته خوشيءَ سان گڏ هڪ ڊپ به هو ته نئين ماحول ۾ مان پاڻ کي سمائي سگهندس؟ پر شادي ته زندگيءَ ۾ هڪ دفعو ٿيندي آهي ۽ زندگيءَ جي آخرين گهڙيءَ تائين اُن پوتر ٻنڌڻ کي نباهڻو پوندو آهي.

ٻنهي پاسي شاديءَ جون تياريون شروع ٿي ويون. بابا پنهنجي يٿاشڪتيءَ کان وڌيڪ ڏنو ته جيئن سندس نياڻي سُکي رهي. قاعدي موجب ڇوڪري وارا اڄڪلهه ڪٿي ڇوڪريءَ جي گهر ويندا آهن پر منهنجي سهڙي صاحب ڪنوارين کي ڪابه تڪليف نه ڏني ۽ اَسان ڪنوارين جي رهڻ جو بندوبست پنهنجي پاڙي جي پوليس ڪوارٽرن ۾ ڪيو ۽ اُتي وڏو عاليشان منڊپ هڻايو ۽ پوليس بئنڊ پڻ گهرائي ۽ پنج ڏينهن شاديءَ جي محفل چالو هئي.



شانتي ملندي هئي. مان ڪجهہ آزاديءَ ۾ پليل هئس ۽ هتي ڪجهہ آزادي گهٽ هئي. پر ساهرن ڪٽنب جو پيار هو. مونکي سهرن صاحب. سهرن جي ڀاءُ دادا گرمکداس جنهن کي سڀ 'ڀائي' چوندا هئا ۽ وڏي سَسُ اَمان جو ڏاڍو پيار مليو ۽ آهستي آهستي سيني کي سمجهندي ويس جو سنڌي نياڻي هر ڳالهہ ۾ سمجهوتو ڪري ڇاڏي. ڇوڪري اُها جو ساهرن وُڪل بہ تاري ۽ پيڪو ڪُل بہ تاري. اِها نصيحت بابا مونکي شاديءَ جي ڏينهن موڪلائڻ مهل ڏني هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪٿي تڪليف محسوس ڪئي تہ بابا کي رستو ٻڌائڻ لاءِ چوندي هئس تہ بابا ڪلندي ڪلندي اُن ڳالهہ جو حل ڪيي ڏيندو هو. بابا هميشہ چوندو هو ڪير ڪجهہ بہ چوئي تہ شانت ڪري ٻڌج ڪڏهن بہ اُن کي جواب نہ ڏج. ڌيرج کان ڪم وٺج. هاڻي اُهو ئي تنهنجو پريوار آهي پيار ڪندا تہ ڪڏهن غلطي ڪرڻ تي غصو بہ ڪندا. ياد رکج 'صبر جن جو سير تير نہ ڪُسي تِن جو' بابا منهنجا رهبر هئا.

چوندا آهن تہ 'ڇٽي ڏيندي پٽڙا تہ لهي ويندا سور' اِها چوٽي سچي هئي. مونکي ٢ مي ١٩٦٥ ۾ اَنيل پٽ ڄائو. گهر ۾ خوشي ڇانئجي ويئي. دادا تہ پلهار پيو وڃي. منهنجي سَسُ راڻيءَ کي چيائين، "ديوڪي، هاڻي اَسان ڏاڏو ڏاڏي ٿي وياسين. سچ چيو اَٿن 'مور کان وياج مٺو هوندو آهي'. مالڪ لکيءَ ۽ مونکي هڪ جيئرو جاڳندو رانديڪو کيڏڻ لاءِ موڪليو."

اَنيل سال جو ٿيو تہ منهنجي ڏير پهلاج جي شادي ٿي ۽ دادا مونکي پيار سان سمجهائيندي چيو پٽ هاڻي توکي الڳہ رهڻو ٿو ٿاهي ڏيان جو بہ ننهر گڏ نہ هلي سگهنديون آهن. اُن رات مان ڏاڍو رُنو لکيءَ ۽ مان نہ ڪئي پر دادا ٻي ڏينهن سمجهايو ۽ مڃايو. خالي ڪچن الڳہ هوندو باقي سڀ گڏ هوندو ۽ مان تنهنجي پاسي واري روم ۾ سڄو ڏينهن هوندو آهيان. تون اڪيلو ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪندينءَ. سُکہ مان ڌار هوندي بہ گڏ محسوس ڪيو. ڪجهہ وقت ڪانپورءِ منهنجو ڏير پهلاج ڌنتي جي خيال کان فئمليءَ کي وٺي احمدآباد وڃي رهيو. پيڪن ۾ منهنجي ڀاءُ گوپال جي بہ شادي

شاديءَ ۾ اَنيڪ اُلهاسنگر جون نامَور هستيون شريڪ ٿي آشيرواد ڏنائون. شاديءَ جي ڦيرن کان پوءِ دادا مونکي ۽ لڪيءَ کي پنهنجن دوستن کان آشيرواد وٺڻ لاءِ چيائون. اُهي هستيون هيون سندر شيوڪ جا پايو وجهندڙ دادا پرسرام مسند، اکين جو ڊاڪٽر مودي، دادا ڪنعيالعل ماکيجا، دادا سلامتراءِ پرسو اڻي، دادا شوڪت پرسو اڻي، دادا رانسي ويلاجي، ريڊ ڪراس جا پايو وجهندڙ دادا سخاوت چوٽو اڻي، دادا آسنداس پيرو اڻي، دادا گوپالداس جمعتراءِ، دادا نيوندرام وشنداس، دادا نيوندرام واڌو اڻي، سيناچري ريئان جو جنرل مئنيجر دادا چوئٿرام ونو اڙي وغيره جن کي مان پيري پئي آسيس ورتي. گرهستي جيون سُک سان گذري اُن لاءِ دعائون گهريون. چوندا آهن تہ لڪيءَ ۽ منهنجي شادي هڪ يادگار شادي هَئي.

وينديءَ وقت بر اهمڻ ديو تا منهنجو نالو بدلائي 'ڪ' تي ڪييو. لڪيءَ جي دوست گوپ گولاٽيءَ ڪويتا نالو ٻڌايو جيڪو سيني کي پسند آيو هو. منهنجي ڏير پهلاج جي صلاح هئي تہ مان وڏن کان منهن ڍڪيان. مان چپ چاپ وڏن کان منهن ڍڪڻ لڳس. شاديءَ جي هفتي کان پوءِ دادا چوئٿرام ونو اڙي گهر آيا ۽ اُن کان مان منهن ڍڪيو تہ هِن کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. هِن منهنجي سهڙي کي منهن کولائڻ جي صلاح ڏني ۽ چيائونس تہ خرچي ڏيئي منهن کولائيس. دادا اجا ڪاجهہ چون مان پاڻمر ادو منهن کولي سهڙي صاحب کان خرچي گهري ۽ سيني کان کل نڪري ويئي. چوندا آهن 'نئين ڪنوار نوَ ڏينهن لٽي پٽي ڏهہ ڏينهن' منهنجا بہ نوَ ڏينهن کل خوشيءَ ۾ گذري ويا.

شادي گڏي گڏيءَ جو کيل ناهي. هڪ گهوٽ جي صدقي ڪيترا رشتا نباهڻا پون ٿا. لڪيءَ جي پريوار ۾ چار ننڊا پائر، چاچو چاچي اُن جون بہ ڏيئر ۽ وڏي سَسُ بہ مون سميت ١٢ ڀاتي هئا. هرهڪ جي پسندي ناپسندي، کاڌو پيتو، سڀاءُ وغيره کي سمجهڻ لاءِ وقت ۽ سهن شڪتيءَ جي ضرورت هئي. چوندا آهن تہ ترتي بہ ٻارنهن مهنا جاءِ نہ ڏيندي آهي. مان تہ هڪ اِنسان هئس ۽ ساهڙن ۾ سمائجڻ لاءِ وقت ضرور لڳندو آهي. اُهو سوچي دل کي

چاچو دادا گرمکداس گذاري ويا ۽ اُنهن جي فئمليءَ کي سنڀالڻ لاءِ پهلاج ۽ لکي تيار ٿي ويا. مان لکيءَ کي پورو ساٿ ڏنو جيڪو هڪ پتنيءَ کي ڏيڻ کپي. تڪليفون برابر ايندون آهن پر ڪوشش ڪرڻ سان رستا بہ نڪرندا آهن. هٺ ڇڏي ويهڻ سان ڪوبہ مسئلو حل ڪونہ ٿيندو آهي. ايشوَر جي در تي هڪ قدم وڌاءِ تہ هوُ ڏهہ قدم پيري پاڻ ايندو آهي. مان ڏيرن کي پٽن وانگر پيار ڪيو آهي ۽ هِنن بہ مريادا ۽ عزت ڏني آهي.

٢١ سيپٽمبر ١٩٧٥ع ۾ منهنجي ڦلو اڙيءَ ۾ هڪ ٻيو سندر گل ٽڙيو مونکي اَميت پٽ ڄائو. منهنجي ڦلو اڙيءَ ۾ ٽي سندر گل هئا اَنيل، اَميت ۽ نيتا ڌيءَ. هاڻي منهنجن ڏيرن بہ پاڻ کي سنڀالي ورتو. ١٩٧٧ع ۾ چوٿين نمبر ڏير وجيہ جي شادي بہ سُکہ سان ٿي. ١٩٧٨ع ۾ منهنجي ننڍي ڀيڻ ڪملا جي بہ ديولاليءَ ۾ شادي ٿي ويئي. ساڳي سال لکي بہ ولائت ٽن سالن لاءِ هلي ويو.

مونکي ننڍين ٻارن سان ڏاڍو پيار رهيو آهي. پاڙي جا ڏهہ ڏهہ ٻار منهنجي گهر ۾ ويٺا هوندا هئا. اُنهن جي وچ ۾ منهنجا ٻار بہ وڏا ٿيندا ويا. پاڙي جي ٻارن ۾ ٽولو ٺاهي اُنهن کي رانديون ڪرائڻ، سنٽي ڪيت ٻڌائڻ، سنٽي لکڻ پڙهڻ سيکارڻ، اُنهن کي گهمائڻ سڀ ڪندي هئس. هو بہ خوشيءَ سان مون وٽ سمهي پوندا هئا. مونکي دکہ سُکہ ۾ اُنهن ٻارن سهارو ڏنو. نہ تہ شايد مان جو ابداريون پوريون نہ ڪري سگهان ها. منهنجن ٻارن جي تعليم نيوُ ايرا اِسڪول ۾ ٿي. جو مان پاڻ نيوُ ايرا جي شاگرد هئس.

١٩٨٢ع ۾ سڀ کان ننڍي ڏير ڪمل جي بہ شادي ٿي ويئي ۽ منهنجا ٻار بہ ڪاليج ۾ پهچي ويا. لکي بہ ولائت جاوڻ ڇڏي پنهنجو ديس وسايو جو ٻار بہ جوان ٿي چڪا هئا. هاڻي ڏير بہ ٽانئيڪا ٿيندا ويا تہ پنهنجن ٻارن جون جو ابداريون وڌنديون ويون. ڪڏهن پاڻ ٻار هئاسين وڏا ٿي شادي ڪري فئمليءَ وارا ٿياسين ۽ اڄ اَسان جا ٻار وڏا ٿي شاديءَ لائق اچي ٿيا. عجيب جيون چڪر ايشوَر ٺاهيو آهي. واهہ ڙي رنگي تنهنجا رنگہ!!

لڇمڻيءَ سان ٿي اُها بہ آس پريوءَ پوري ڪئي.

اَنيل ۵ سالن جو ٿيو تہ ٢٩ آڪٽوبر ١٩٦٩ع ۾ نيتا ڄائي. اُن جي ڄمڻ سان دادا وري ڏاڍو خوش ٿيو جو گهر ڀرين نياٽي آئي. اڄان ۵ مهنن جي هئي تہ دادا گاجريو ٺهرائي ڏنس ۽ جڏهن ١٢ مهنن جي ٿي تہ ڪنن ۾ سونيون ڦليون ٺهرائي پاتائينس.

اُن سال منهنجي وڏيءَ سَسُ جو ديهانت ٿيو. لڪي بہ ڪمپنيءَ جي ڪم سان فارين هلي ويو. هوُگهڻو ڪري ڪمپنيءَ جي ڪم سان ڪڏهن اِنڊيا کان ٻاهر تہ ڪڏهن اِنڊيا جي ڪنهن شهر ۾ اچ وڃ پيو ڪندو هو. زندگي بہ پنهنجي رفتار سان گذري رهي هئي. ڪڏهن ڪتي تہ ڪڏهن مِٺي.

٦ جنوري ١٩٧٢ع ۾ منهنجي پوڄنيہ سهري صاحب يعني دادا جو هارٽ اَٽيڪ ۾ ديهانت ٿيو. جشناڻي خاندان جو هڪ مضبوط ٿنڀو ڪري پيو. اُن وقت دادا جي عمر ۵٢ سال هئي. دادا هڪ نيڪ دل اِنسان اَنوکي شخصيت جو مالڪ هو. مان هِن جي ننڍن هئس پر مونکي ٿيءَ کان وڌيڪ پيار ڪيو. ڪو بہ گهر جائو گهر ايندو هو تہ چوندا هئا ديا پٽ هِن کي ڪلي ڪلي جا پنج دِيا چانورن يا ڪٽڪ جا پري ڏي. اڄ منهنجي اَندر ديا ترم جا ڪي ٿورا سنسڪار پيل آهن تہ اُهي سهري صاحب ۽ منهنجي اَمڙ ۽ بابا وٽان مليا آهن. اهڙي اِنسان جي وڃڻ سان منهنجي سَسُ ۽ پريوار کي بيحد صدمو پهتو. پر اِها پر اٽي ريت آهي جو آيو آهي سو ويندو ضرور.

دادا جي وڃڻ کانپوءِ گهر جو ماحول ڦريو. دادا کي پنج پٽ هئا اُن مان خالي ٻن جي شادي ٿي هئي. باقي سڀ پڙهندڙ هئا. ڀلاج تہ احمد آباد ۾ رهندو هو. پر ٻنهي ڀائرن گڏجي گهر کي سنڀالي ورتو. 'همت مردان مددي خدا' پيءُ جو خال پرڻ تہ مُشڪل هو پر لڪيءَ ۽ مان وسان نہ گهٽايو. آهستي آهستي گاڏيءَ هلڻ شروع ڪيو. ٽيون نمبر ڏير موتي ڪم تي چڙهيو ۽ اُن جي بہ شادي ٿي ويئي. ساڳي سال وري هڪ دکدائڪ گهٽنا ٿي. لڪيءَ جو

ڀڳوان جو قسم

جيئن سمنڊ جون ڇوليون ڪناري کي ڇهي وري واپس ويندڙيون آهن ۽ ڪنهن جو اِنتظار نہ ڪنديون آهن تيئن وقت بہ ڪنهن جو اِنتظار نہ ڪندو آهي. اُهو پنهنجي ڪانٽن جي حساب سان گهنڊ وڄائيندو رهندو آهي. منهنجي زندگي بہ وقت جي حساب سان هلندي هلي. وڏو پٽ گرئجوئيٽ ٿيو ۽ پنهنجي ڪاليج چانديءَ ۾ ۱۹۸۷ع ۾ بيسٽ پرسنلٽي ۾ پهريون نمبر بيٺو. پنهنجي وڏن جي ڏنتي ٽرانسپورٽ ۾ چاهہ ڏيکاريائين. اُن وقت اَنيل جي عمر ۲۲ سال هئي. منهنجي ڏير پهلاج مِن جي مگڻي ڄماڻاٽي خاندان ۾ بيلگام وارن سان ڪري ڇڏي. مان ڏير جي ڏاڍي عزت ڪندي هئس نہ تہ لکي ۽ مان تہ ۲۵ سالن کان اڳہ اَنيل جي شادي سوچي بہ ڪانہ هئي.

چوندا آهن ايشور اَسان جو اڳہ ئي سڀ ڪجهہ ٺاهي ڇڏيو آهي. اَسان کي خالي ڏسڻو آهي.

مٿان پنهنجي تون هلائين اَلائنجي ڇا بڻي اَٿيئي،

اَلائنجي ڇا بڻي اَٿئي رب ڏاڍو ڏٺي ٿي.

اَنيل جي اَٽن مهنن کان پوءِ پهلاج ڏير شاديءَ جو مهورت بہ ڪڍايو. مهورت جي ٽن مهنن کانپوءِ اوچتو احمدآباد مان فون آئي تہ منهنجو ڏير حادثي ۾ رمندو رهيو. اُن وقت پهلاج جي عمر ۴۵ سال هئي. هِن کي بہ ٻار هئا. ايشوَر الائي ڪهڙو اِمتحان وٺي رهيو هو. شاديءَ جو مهورت بہ مهني کان پوءِ هو. جنهن ڏير اَنيل جو رشتو پڪو ڪيو هو اڄ هوُ هِن سنسار ۾ ڪونہ هو. سڪہ سان شادي ٿي گذري ۽ ڪرونا ديوي ننهن

سھڻا ساڄڻ

گلابي گل اندر، سھڻا ساڄڻ سرھاڻ تنھنجي آ،
تون ئي والي، تون ئي واحد، وڏي واڪاڻ تنھنجي آ.
ستارن جي سھائي ۾، سدا سھڻا تنھنجا جلوا،
چوان ٿي چنڊ چوڏھينءَ ۾، ڇٽي چانڊاڻ تنھنجي آ.
ڪڪر ڪڙڪا ڪريو ڪڙڪن، ھزارين ڪيل ڪنوڻن جا،
وسن ٿا مينھن موسم تي، مٿل مانڊاڻ تنھنجي آ.
توکي پرواھ ڪنھن جي ناھ، بي پرواھ تون آھين،
ڪيئن ٿو ڪاڻ ڪنھنجي ڪين، سڀ ڪي ڪاڻ تنھنجي آ.
مان اڻ ڄاڻ ''ديا'' مون کي ناھي سمجھ ۽ سياڻپ،
تون ئي ڄاڻين ٿو ڄاڻٺھار، ساري ڄاڻ تنھنجي آ.

منهنجو سياءُ شانت سياءُ آهي. ننڍي هوندي کان وٺي مان ڪنهن سان غصي ۾ ڳالهايو هجي اُهو ڪڏهن نه ڏٺو آهي. شايد قدرت وٽان مليل سياءُ آهي. منهنجي پيڻ چوندي آهي ايترو ٿڌو ٿيڻ به سُٺو نه آهي. سڀ ڪائي ويندءِ. مان ڪِلي چوندي آهيانس تنهنجو سياءُ بابا تي آهي ۽ منهنجو اَمڙ تي آهي. اُن ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي. ايشوَر جا جڙيل آهيون هِن سيني کي ڪجهه نه ڪجهه سُٺيون ڪجهه ڪميون حساب سان ڏنيون آهن. اُن ايشوَر تان قربان وڃون جنهن اِنسان جهڙو خوبصورت ساهوارو ٺاهيو آهي.

مان پنهنجي سهڙي صاحب ۽ پتا صاحب مان گهٽو ڪجهه پرايو آهي. اُنهن جون نيڪ صلاحون اڄ به دماغ ۾ تازيون آهن. ١٩٧٢ع ۾ سهڙو صاحب پرلوڪ پڌاريا ۽ ١٩٩٢ع جي فيبروريءَ ۾ بابا به ٨٧ سالن جي عمر ۾ رمندا رهيا ۽ پوري سال ڪانپوءِ ماتا صاحب يعني منهنجي اَمڙ به فيبروري مهني ١٩٩٣ع ۾ رمندي رهي. اَمڙ روز آسيس ڪندي هئي. هڪ ڏينهن تنهنجو لوڪن ۾ نالو نڪرندو سڀ توکي ڏاڍو پيار ڪندا. مان سماجهي نه سگهي هئس ته منهنجو نالو ڪيئن نڪرندو. مان ته هڪ هائوس وائيف آهيان پوءِ لوڪ مونکي ڪيئن سڃاڻيندا.

سُک. وقت گذرندو رهيو. ١٩٩٣ع جي آگسٽ جو مهنو هو ۽ رکشا بنڌن جو ڏينهن هو ۽ مان پائرن کي رکڙي ٻڌڻ نهروُ چؤنڪ تي وئي هئس. ڏاڍي برسات هئي ۽ اڱيان نالي هئي مونکي اُها ڏسڻ ۾ ڪونه آئي ۽ مان جيئن پير اڱيان وڌايو ته ناليءَ ۾ ڦاسي پيو ۽ مان جيئن ڪڍيو ته پير ۾ فرئڪچر ٿي پيو ۽ ڊاڪٽر پلاسٽر چاڙهيو ۽ سڄو مهنو گهر ۾ ويهٽو پيو ۽ ٽائيم ڪيئن پاس ڪيان اُهو سوچڻ لڳس. ايشوَر مون تي مهربان هو. آرتوار جو ڏينهن هجي هِندواسي منهنجي هٿن ۾ هئي، جيئن ئي مان پيپر کوليو ته ڏيءَ جي سَسُ جنهن جو نالو اِندران لڇمڻداس بدلاڻي هو. اُن جو ليک 'منهنجي

ٻاجي گهر جي سونهن اچي وڌائي. جلدي لکي ۽ مان ڏاڍو ڏاڍي ٻاجي ويلسين.

ڏير جي وڃڻ کان پوءِ اُن جي فئملي احمدآباد مان اُلهاسنگر اچي رهي. ايشوَر ڏک ڏئي ٿو پر اُن سان گڏ ڏکن سهڻ جي شڪتي به ڏئي ٿو. رات کانپوءِ صبح ٿئي ٿو ۽ هر صبح نيون خوشيون کڻي ايندو آهي. اَسان کي زندگيءَ مان نراس ڪڏهن به نه ٿيڻ کپي. اَسان کي پنهنجو ڪرم ايمانداريءَ سان ڪرڻو آهي. ڦل به ملندو پر ڪڏهن اُها ايشوَر کي خبر آهي. گيتا جو مان روز پاٺ ڪرڻ سان من کي شانتي ملندي آهي ته هرهڪ منجهيل سوال جو جواب به ملندو آهي.

پيو پٽ اَميت اجا ڪاليج پڙهي رهيو ۽ گڏوگڏ ٽرانسپورٽ جي ڌنڌي ۾ چاهه وٺڻ لڳو. منهنجا ٽيئي پار پڙهائيءَ ۾ سُٺا هئا. منهنجي ڌيءَ نيتا مائڪرو ۾ .بي.ايس.سي ڪئي ته اُن جي شادي به سيٺ لڇمڻداس بدلاڻي جي پٽ نريندر سان ٿي گذري. بدلاڻي خاندان وٺل ايڊيوڪيٽيڊ رايل فئملي آهي. ايشوَر جو هٿ منهنجي مٿي تي آسيس ڪري رهيو هو جو مونکي ٻارن جي شاديءَ ۾ ڪا به تڪليف درپيش ڪونه آئي. نياڻي به وڃي شينهن ڪُلهي چڙهي. جلد ناني ٻڻجڻ جو به شرف حاصل ٿيو.

مان زندگيءَ کي سمجهڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهي پر زندگيءَ کي سمجهڻ جو اَنت نه پائي سگهي آهيان. سنسار ۾ ڪير ڪنهن کي ڪيترو لهڻي يا وٺندو. ڪنهن کي ڪيترا سواس ڪٽڻا آهن يا ڪنهن جو ڪير ڪائيندو. ڪير موٽي ويندو ڪڏهن ته لهڻي وارو موٽي ويندو آهي ۽ جنهن جي ڪلپنا به نه ڪندا آهيون اُهو اچي ڪائي ويندو آهي. اُهو مان روز جي زندگيءَ ۾ ڏٺو آهي. تڏهن اُٺندي ئي ايشوَر کي هٿ جوڙي وينتي ڪندي آهيان ''ڪلهه جيڪا گذري وئي اُن کي ياد نه ڪيان. اڄ جيڪو سامهون آهي اُن جو آنند وٺان. جيڪو سڀاڻي ڏٺو ئي ڪونهي اُن جي ڪلپنا به نه ڪيان.''

ڪنهن جي پيڻ تہ ڪنهن جي پياري سهيلي ٿيڻ جو شرف ملندو.

منهنجا ليکہ پڙهي ڪئنادا جي ڀاءُ اَشوڪ گولاٽيءَ ڀاءُ ڪمل پياسيءَ جي معرفت مونکي ڊالر اِنعام موڪليا. ڊالرن سان گڏ پيارو ليٽر بہ هو. هِن مونکي ديدي ڪري لکيو هو. اُهو وقت ١٩٩۴ جو هو ۽ اڄ تائين اَشوڪ گولاٽيءَ جي ڪري مان اُن جي پريوار وارن ۽ ڪيترن دوستن سان ملي آهيان ۽ ليٽر جو رستو اڄ بہ قائم آهي. ٻيو منهنجو پوجنيہ ساهتيڪ پتا دادا موتيلعل ٻنّاٽي آمريڪا مان خط لکيائين ۽ پهرين ليٽر ۾ هِن مونکي ڌيءَ ٿيڻ لاءِ لکيو تہ تون منهنجي ساهتڪ پٽري آهين. اهڙو دادا ٻنّاٽي جنهن مونکي دادا نارائڻ ضيا هٺ آمريڪا مان ڏڻ موڪليا ۽ هِتي سندس پيڻ درو سامتاٽي جنهن مونکي هڪ ڀائٽيءَ وانگر پيار ڪيو ۽ اڄ بہ پيڪن وانگر وجي اُن وٽ مان ۽ منهنجو گهوٽ رهندا آهيون. دادا ٻنّاٽي جڏهن سرير ڇڏين پيا تہ هڪ ڏينهن اڳہ مون سان فون تي ڳالهائي مون کان موڪلايائون ۽ سيني پنهنجن هِندستان جي دوستن کي لکيائون تہ ديا سان خط جو رشتو نباهجو. منهنجي ڌيءَ جو خيال ڪجو. برابر اُنهن رستو نباهيو آهي ۽ ڪلي دادا ڪانپو ايشوَر جي دربار ۾ پهتا. هڪ قلم مونکي ڪتان ڪان ڪٽي پهچايو آهي. ٽيڪم متائيءَ جهڙو ڀاءُ جو باسٽن ۾ رهندو آهي اُهو بہ هِن قلم رستي ٿيو. مان ايشوَر ڪان ٿورو پيار گهريو هِن تہ اٽميو پيار سہاجهين سنڌين رستي موڪليو. دادا ڪمل پياسي تہ ساهتيڪ ڀاءُ ٻڻجي ننڍي پيڻ کي اڳتي وڌڻ جا رستا سيکاريندو رهيو. مونکي تہ اِئين لڳندو آهي تہ وڏڙن جون آسيسون منهنجي مٿان رهيون آهن. سڀ ڪان وڏو رهبر تہ منهنجو گهوٽ لکي آهي جنهن مونکي همٿ ڏياري ۽ مان قلم کنيو. چوندا آهن لکڻ ڏات آهي ۽ پڙهڻ پريم آهي. توهان منهنجا ليکہ پريم سان پڙهندا ايندا تہ مان توهان پاٽکن لاءِ ضرور لکندي رهندس.

باقي ساهتيڪ ياترا جا ڪٽا مِٺا آزمودا، زندگيءَ جون ڪٿيون مِٺيون ڳالهيون وري ٻي ليکہ ۾ توهان سان ضرور ونڊينديس.

ننهن' ليکہ ڏٺو ۽ مان پڙهيو، سُٺو لڳو ۽ مان هن کي فون ڪري واڌايون ڏنيون ۽ هِن چيو تون اُن ليکہ جو جواب هِندواسيءَ رستي ڏج. مان اچرج ۾ پئجي ويس تہ هندواسيءَ رستي ڪيئن جواب ڏيندس. مونکي پنهنجي ڏير جو قسم ياد آيو جنهن منهنجي مڱڻي تي وڌو هو تہ اڄ کان پوءِ تون ليکہ نہ لکج ۽ نہ پيپرن ۾ موڪلج ۽ گهوٽ صدقي مان قسم کاڌو هو ۽ اڄ اُن کي ٢٨ سال ٿي ويا هئا ۽ مان انجام موجب قلم هٿ ۾ نہ کنيو. پر اڄ اُهو ڏير جنهن پڳوان جو قسم وڌو هو اڄ اُهو پڳوان سان ملي وڃي هڪ ٿيو ۽ مان اُن قسم کان آزاد ٿي ويس. مان گهوٽ سان ڳالهہ ڪئي هِن همٿ ڏياري تہ قلم کڻ ۽ لکہ. فرئڪچر سبب تو وٽ ٽائيم بہ آهي. شايد پرڀوءَ جو سڏ هو. ننڍي هوندي ڪو قسم وجهندو هو تہ اُن محل ئي ٻاراٽي ٻڌيءَ ڪري ٻار هڪ ٻئي کي چوندا هئاسين 'دهي ۾ ٽڪري قسم ويو نڪري'. مان قلم هٿ ۾ کنيو ۽ سيڌ کي اُن ليکہ جو جواب 'ننهن گهر جي سونهن' رستي هِندواسيءَ ۾ ڏياري موڪليم ۽ ورندي آرتوار تي منهنجو ليکہ هندواسيءَ وارن ڇپيو. ليکہ ڏسي اُها ڪاليج واري ديا واپس موٽي آئي. مهنو پلسٽر لڳل هو ۽ مهني ۾ منهنجا ٽي ليکہ هِندواسيءَ وارن ڇپيا. انڌو گهري هڪ اکہ ۽ اُن کي ملن ٻہ اکيون تہ هوُ ڪيترو نہ خوش ٿيندو. منهنجي خوشيءَ جي حد نہ رهي. اڳي ديا اُتمچند ڪلناٽي نالي سان لکندي هئس ۽ هاڻي ديا لکي جشناٽي نالي سان اڳيان آيس. ديا ساڳي هئي پر نالو بدليل هو اڳي جوان ڇوڪري هئس ۽ هاڻي ڪنهن جي پتني، ننهن ۽ ممتا واري ماءُ هئس ۽ هاڻي آزمودن جو خزانو هو جو ورهائڻ لاءِ توهان پاٺڪن جي قريب آيس. ماءُ جون آسيسون سچيون لڳيون. اُهو ١٩٩٢ع جو دؤر هو. قلم لکندو رهيو ۽ آهستي آهستي مان توهان پاٺڪن جي قريب ايندي ويس. مان سپني ۾ بہ ڪلپنا نہ ڪئي تہ هِندواسيءَ ۾ منهنجا ليکہ مونکي هِندستان کان دور ولائت جي سپاجهن سنڌين سان مونکي ملائيندا ۽ مونکي ڪنهن جي ڌيءَ

منهنجي ساهتيڪ ياترا

منهنجي ساهتيڪ ياترا بابت لکندي سوچيان ٿي ته ايشور ڪيترو نه مهربان آهي جو ننڍپڻ کان من ۾ ليکڪا ٿيڻ جو سپنو هڪ ڏينهن ساچو ٿيندو اُن لاءِ ايشور کي نمسڪار آهي.

مان ١٢ سالن جي هئس گول مئدان تي اسان رهندا هئاسين. اُن وقت مانيور پئه موتي پرڪاش جيڪو سنتي جاتيءَ جو هڪ اعليٰ ودوان رائيٽر آهي اُن جي پيڻ پشپا جيڪا منهنجي عمر جي هئي اُها اسانجي پاڙي ۾ پنهنجي ماسيءَ وٽ موڪلن ۾ رهڻ ايندي هئي ۽ اسان کي گڏ ڪري آکاڻي ٻڌائيندي هئي ۽ اسان کي به ٻڌائڻ لاءِ چوندي هئي ۽ اسان به يار پکين ۽ جانورن جون آکاڻيون دل مان ٺاهي ٻڌائيندا هئاسين. اُن لاءِ اڄ به پشپا جا شڪرانا مڃيندي آهيان. اُهو ٻالپڻ جو زمانو هو طوطا، مئنا، جهرڪي ۽ ڪانوَ جون آکاڻيون من مان ٺاهي هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا هئاسين.

ڪاليج جو زمانو آيو اسان هاڻي ٻار نه پر جوان هئاسين. جواني جي مستي ۽ موج هئي. هاڻي ماستر نه پر ڪاليج ۾ پروفيسر هئا. ڪهاڻيون ٺاهڻ ته ٻالپڻ ۾ سکيس هاڻي سماجڪ ڪهاڻيون سوچڻ لڳس پر اُهي ڪيئن لکان ۽ ڪيئن شروع ڪيا ۽ ڪيئن پڇاڙي ڪيان اُن جي ايتري ڄاڻ ڪو نه هئي. اسان جي اُلهاسنگر آرٽس ڪاليج ۾ هڪ سنڌي پروفيسر دادي پاربتي سپاهيملاڻي (شاديءَ کان پوءِ پاربتي آڏواڻي ودوان ليکڪ رام



مونکي پلستر چڙهيل هو. منهنجو فئڪچر منهنجو سالن جو سپنو پورو ڪندو اهو مان ڪڏهن به نه سوچيو هو.

هڪ ڏينهن هندو اسيءَ ۾ پنهنجي ڌيءَ جي سسُ جو ليک ڏسي مان به سوچيو ته تون به لک. مان به اُن مهل ئي 'ننهن گهر جي سونهن' لکي هندو اسيءَ وارن کي موڪليو. ورندي آرتوار تي منهنجو ليک هندو اسيءَ ۾ اچي ويو، ائين سلسلو شروع ٿي ويو. مان ليک لکندي رهيس ۽ پيپرن ۾ اُهي ڇپجندا رهيا. دل ۾ گهٽيئي دپيل ويچار هئا اُهي لکندي رهيس ۽ من به هلڪو ٿيندو رهيو.

مونکي اچان ٦ مهينا لکندي مس ٿيا هئا ته ڪئناڊا مان پاڻ اشوڪ گو لاٽي دادا ڪمل پياسي معرفت '١٠ ڊالر' انعام منهنجي ليک 'سدائين شانتيءَ ۾ گذار' تي موڪليا ۽ هڪ همٿائيندڙ ليٽر پڻ موڪليو. پهريون دفعو ڪنهن 'اين. آر. آءِ.' جو ليٽر ڏسي پاڻ کي نصيب وارو سمجهيم. هفتو مس گذريو ته آميريڪا مان دادا موتيرام للچيرام بٺاٽيءَ جو ليٽر مليو. دادا بٺاٽيءَ جا سهٽا دل کي ڇهندڙ ليٽر ۾ لکيل اکر اڄ به دماغ ۾ گهمندا آهن. دادا لکيو، 'اُلهاسنگر جي ٥ نمبر ۾ رهندڙ ديا جشاٽي جا ليک اخبار ۾ پڙهندو آهيان. اُن جا ليک آتما کي ڇهندا آهن. هوءَ سچي ڪرم يوگڻ آهي ۽ هوءَ منهنجي ڌيءَ ٿيڻ جي لائق آهي.' پوءِ سڌو سوال لکيائين 'ڇا تون منهنجي ساهتيڪ سپتري ٿيينديءَ؟' تنهنجو متر ٻالهائڻ جو آواز اڄ به محسوس ڪندو آهيان. جيتوڻيڪ مان ڪڏهن توکي ڏٺو به ڪونه آهي پر محسوس ضرور ڪيو آهي ته ٥ نمبر ۾ رهندڙ جيا جشناٽي منهنجي ڌيءَ آهي.' اچان به گهڻو ڪاجهه لکيائون. ليٽر پڙهي مونکي لڳو 'ها مان دادا بٺاٽيءَ جي ڌيءَ آهيان. منهنجو پيءُ ماڻ سال اڳ گذاري ويا هئا. ماءُ پيءُ جي ڪمي محسوس ڪندي هئس، اهڙي وقت دادا بٺاٽيءَ جو ليٽر ڏسي مان اُن مهل ئي دادا کي ها لکي موڪلي ته مان توهان جي ڌيءَ آهيان. بس سلسلو شروع ٿي ويو. دادا ليک پڙهندو رهيو ۽ ليک مان ڇڪون ۽ ليک ڪيئن لڳو لکي موڪليندا

ڪرشن راهيءَ جي ترم پتني) هئي. ڪاليج جي مئگيزن لاءِ هن ڪا سنڌي رچنا لکڻ لاءِ مونکي چيو. مان پهرين رچنا هڪ ساچي ڪهاڻي سنڌ جي سڪول ۾ گڏ پڙهندڙ هڪ ننيڙي دوست 'محمد' جيڪو ٦ سالن جو پهرين درجي ۾ مونسان گڏ پڙهندو هو. اُن جي ڪهاڻي لکي ۽ هڪ ننيڙي ڪويتا لکي جيڪي دادي ءَ سڌاري مئگيزن ۾ وڌيون ۽ ائين لکڻ جي شروعات ٿي. اُن کان پوءِ مان لکندي رهيس ۽ دادي سڌاري هندو اسيءَ ۾ موڪليندي رهي ۽ ائين لکڻ جو سلسلو شروع ٿيو. اُهو وقت '١٩٦٢ع' جو هو. جڏهن منهنجا ليک هندو اسيءَ ۾ ايندا هئا ته من ۾ خوشيءَ جي لهر اُٿندي هئي ۽ مان پاڻ کي هڪ ننيي ليکڪا سمجهندي هئس. زندگيءَ جو اُهو دؤر به مون لاءِ منزل تي پهچڻ جو پهريون ڏاڪو هو.

شاديءَ جي ٻنڌن ۾ ٻڌجڻ کان پوءِ لکڻ لاءِ هڪ عجيب چڪ هئي. پر ساهرن مان ڪنهن کي ڏنل انجام کي پورو ڪرڻو هو. اُن ڪري چاهيندي به چپ رهيس من ۾ چنگاري دکي رهي هئي ۽ لکي لکي ڪاڳر نه ڪاڳر لکندي رهيس ۽ لڪائي رکندي ويس. پر جيئن چوندا آهن ٢٩ ڏينهن چور جا ته هڪ ڏينهن ساڌ جو هوندو آهي ۽ هڪ ڏينهن منهنجي ڳالهه ظاهر ٿي ۽ منهنجي لکيل ڪاغذن کي تيلي سان جلايو ويو. پر مان چپ رهيس جو مان لکڻ ڏنل انجام ڪونه پورو ڪيو. پر مان پيپر ۾ پنهنجا لکيل ليک ڪڏهن به ڪونه موڪليا.

آخر ٢٨ سالن کانپوءِ اُهو انسان جنهن کي منهنجو لکڻ نه وڻندو هو اُهو هن دنيا ۾ نه رهيو. اُن جي وڃڻ کان پوءِ به مان لکڻ جو ڪڏهن به نه سوچيو هو. پر قدرت جا رنگ نرالا آهن، هن جي مهر ٿئي ته بند ٿيل دروازا به کلي وڃن جيئن ڪرشن ڀڳوان جي جمڻ سان جيل جا دروازا کلي ويا، پهريدارن کي ننڊ اچي وئي ۽ شري وسديو جو هٿڪڙيون لهي ويون ۽ وسديو ننيڙي شري ڪرشن کي بندرابن پهچايو. سڪ ساچي آهي ته پرين پاڻيهي ايندا. ١٩٩٣ع سال هلي رهيو هو. هڪ ڏينهن اچانڪ منهنجي پير جو فنڪچر ٿي ويو ۽ ڊاڪٽر مونکي هڪ مهنو بلڪل آرام ڪرڻ لاءِ چيو جو

هئس. پر دادا ڪمل پياسيءَ جي آشيرواد ۽ اُن جي اَڪرن منهنجي همٿ وڌائي ۽ مان دادا کي پنهنجا سڀ ليک پوسٽ ڪري موڪليا ۽ هفتي اندر سچو فائيل ٺاهي موڪليو ۽ پريس جو نالو به لکي موڪليو.

ٻي ڏينهن مان فائيل کڻي پريس ۾ ويس ۽ پريس جو نالو هو گيتا پريس هو. مان گيتا پريس جي مالڪ هڪ بزرگ کي ڏٺو ۽ مونکي اُن ئي مهل لڳو ته مان هڪ صحيح جڳهه تي آئي آهيان ۽ اُن بزرگ دادا پنهنجي پٽ کي سمجهايو ته ڪتاب ڪيئن ڇپجي. مان ته اُن پريوءَ جي ليلا ڏسندي رهيس. ڪتاب ڇپيو پر گهر ۾ مان ڪونه ٻڌايو جو مان سرپرائيز ڏيڻ ٿي چاهي. جڏهن ڪتاب ڇپيو اُن جو نالو 'امانت' به دادا ڪمل پياسيءَ رکيو ۽ اُن جو مهاڳ ڪمل پياسيءَ جوڙي ۽ دادا موتيلعل بتاڻيءَ لکيو. جڏهن ڪتاب هٿ ۾ مليو ته مان سوچي نه پئي سگهان ته ۵۰۰ ڪتابن جو مان ڇا ڪريان. گيتا پريس جي مالڪ اُن بزرگ صلاح ڏني ته هڪ نئين 'سنتي ادبي سنگت' ٺاهي اٿن جنهنجو ٺاهيندڙ دادا گوپ روپچند اٽي آهي. تون اُن سنگت جي هزار رپيا ڀري ميمبر ٿيءُ ۽ اُتي ڪتاب جو مهورت ڪر. پروگرام ۾ مهورت ٿي ويندو ۽ ڪتاب جي باري ۾ ماڻهن کي خبر به پوندي. ڪتاب جي قيمت ۱۵ روپيا رکي وئي.

مان سنتو ادبي سنگت جي ميمبر بڻيس ۽ نامور ليکڪن سان ملڻ ٿيو جي هئا دادا گوپ روپچند اٽي، ياڳ هنو جانند، گيان شهزادپوري، تياجوجا پريمي، دادا ارجن سڪايل ۽ ڪيتريون ناموس هستيون اُن جو ميمبر هيون. هڪ سپنو جيڪو سالن کان دل ۾ سانڍيل هو اُهو هاڻي پورو ٿيڻ وارو هو. مان گهر وارن کي ٻڌايو. ڪتاب جي مهورت تي سڀ گهر جا ڀاتي هليا. ڪتاب جو مهورت هڪ سنڌي هال ۾ بئنڊ باجن سان ڪيو ويو ۽ نوٽن جا هار پاتائون. ڪتاب جو مهورت دادا ارجن سڪايل ۽ ياڳ رام جوهر اٽي ۽ دادا ٽي.سي. ٺارو اٽي ۽ ياڳ گوپ روپچند اٽيءَ جي مبارڪ هٿن سان ٿيو. لکي ۽ منهنجوءَ ۽ گهر جي ڀاتين جو شاندار سواڳت ٿيو. جنهنجي ڪلپنا مون ڪڏهن ڪونه ڪئي هئي. مان هڪ هائوس وائيف هئس ۽ لکڻ جي ذات مونکي سماج ۾

هئا. دادا سان ناتو جڙي ويو ۽ دادا ٻناٽيءَ جي پيڻ درو سامتاڻي ۽ ٻين رشتيدارن سان ناتو جڙي ويو. دادا اُتان آمريڪا مان ڏڻ سڪي فروٽ جا پئڪيٽ نارائڻ ضيا ۽ درو سامتاڻي جي هٿان موڪليندا رهيان ۽ مان ساهتيڪ کيتر ۾ پير پختا ڪندي رهيس. دادا ٻناٽي هندو اسيءَ ۾ هرڪو ليک پڙهندا هئا ۽ اُن ۾ هن ڪي ڇا سٺو لڳندو هو ۽ ڇا نہ وڻندو هو اُهو خطن ۾ لکندا رهيا ۽ مونکي لڳندو هو تہ سچ پچ منهنجو پتا آمريڪا ۾ رهندو آهي.

پاڻ اشوڪ گولاڻي دادا ڪمل پياسي احمدآباد ۾ رهندڙ جي معرفت مونکي ڏهہ ڊالر موڪليا هئا. اُن ڪري دادا ڪمل پياسيءَ سان سڃاڻپ ٿي. دادا ڪمل پياسي ساهتيڪ کيتر ۾ تمام جهونا جوڳي آهن، اعليٰ ودوان آهن. دادا ڪمل پياسيءَ جي ڌرم پتني انيتا ۾ هڪ ناماري ليکڪا آهي. دادا ڪمل پياسي ساهتيڪ کيتر ۾ منهنجا پهريان گروُ آهن، جنهن منهنجي ٻوليءَ کي سڌاريو آهي. مان ساهتي جي خاندان مان آهيان پر منهنجي شادي سکر وارن جي خاندان ۾ ٿي اُن ڪري شاديءَ کان پوءِ ٻوليءَ ۾ فرق اَچي ويو هو، جيڪو دادا ڪمل پياسي هڪ هڪ اکر سڌاريو آهي جو ساهتي جي ٻولي سرل ۽ سمجهڻ ۾ سؤلي آهي. دادا ڪمل پياسيءَ مونکي ننڍي پيڻ سمجهي، ساهتيڪ يوگدان ۾ ڪافي مدد ڪئي آهي.

شروعات ۾ ڪيتريون راتيون مان گهر جي مندر ۾ لکندي لکندي گذاريون تہ جيئن منهنجي گهوٽ جي ننڊ خراب نہ ٿئي. مان ساهتيڪ ساٿنا ۾ پاڻ کي وساري لکندي رهيس. ايشور بہ مونتي مهربان هو. مان ڪهاڻيون ليک ۽ ڪجهہ ڪويتائون اُهي ڏارمڪ، سماجڪ ۽ ٻارن تي ۽ ديش ۽ هندو ڌرم جي آڌار تي لکيون آهن. لکڻ منهنجو شونق، ونڊر. ساٿنا بڻجي پئي. ڪافي ليک پيپرن ۾ ڇپيا ۽ مان اُهي گڏ ڪري رکيندي ويس.

هڪ ڏينهن دادا ڪمل پياسيءَ جو فون آيو تہ ڇپيل ليک موڪل ۽ اُن مان مان توکي ڪجهہ ليک ٺاهي جوڙي موڪليان ٿو ۽ تون ڪتاب ڇپاءِ. مان ڪتاب جو ٻڌي ماٺ ٿي ويس جو مان ڪا وڏي ليکڪا ڪانہ

آخر اُهيئي رمارڪ پاس ڪندڙ بہ اچي سيتا سنڌو ڀون جي پوتر آستان تي پهتا ۽ دادا ٺاڪر چاولا پارو چاولا ۽ لعلچند اٺي پريوار جي سچي شيوا ۽ سنڌيت ۽ ٻولي ۽ سنسڪرت کي بچائڻ ۾ ڏنل ڀو ڳدان ۾ هنن جي من ۾ شرڌا وڌي وئي.

سيتا سنڌو ڀون مونکي ڪيترن نامور هستين سان ملايو آهي. انڊيا ۾ رهندڙ يا وديش ۾ رهندڙن سان ملايو آهي. ڪن جو ذڪر مان ڪري چڪي آهيان ۽ ڪي اجان دل تي اُڪريل آهن. ڀاءُ ٽيڪم متائي جيڪو باسٽن آمريڪا ۾ رهندو آهي اُن جا ڪتاب 'سچ جي ٻولها' مان لعلچند اٺي پريوار کان ڇپايا آهن ۽ اُن ڪتاب جو مهورت بہ سيتا سنڌو ڀون ۾ ٿيو آهي ۽ ڀاءُ ٽيڪم متائي پنهنجي پريوار سان ڪتاب جي مهورت جي وقت حاضر هئا ۽ هميشہ چوندو آهي تہ سيتا سنڌو ڀون مونکي ديا جهڙي پياري ڀيڻ ڏني آهي.

ڪويتا جي ڀيڻ رينو ڪرناٽي ۽ سُڪن بجاج هن جو بيحد پيار مليو آهي. ٻي آهي منهنجي ننڍڙي ڀيڻ ڪويتا راڳماٽي ۽ هن جون ڀاڃايون پريا ڪرمچنداٽي ۽ لوينا ڪرمچنداٽي جيڪي پڻ آمريڪا ۾ رهنديون آهن. آمريڪا ۾ رهندي بہ هو سنڌيت سان جڙيل آهن. منهنجا ليک ۽ ڪتاب هو دل سان پڙهنديون آهن ۽ اُنهن سان چڻ تہ آتما جو رشتو جڙي ويو آهي. ڪيترن سالن کان ڀاءُ اشوڪ ڳولاٽي، ٽيڪم متائي، ڪويتا رُڳمائي، لوينا ۽ پريا ڪجهہ پئسا سوشل ڪاريہ، مندرن، آشرمن، ٻيڙن، ڳئو شالا ۽ غريب شاگردن لاءِ موڪليندا رهيا آهن. مان اُهي پهچائي رسيد وٺي موڪليندي آهيان ۽ ڪجهہ غريب جي آپريشن ۾ خرچ ڪيا آهن. اُهو ڪاريہ ٢٠ سال کان هلندڙ هو پر هاٽي ٿورو ڪندي آهيان، جو وقت سان هرڪا ڳالهہ گهٽ ٿيندي آهي. ڏيڻ وارو داتا آهي باقي ديا جا ناچيز آهي، ٻي آهي هڪ خاص منهنجي سپنن جي راڻي جيڪا منهنجي ننڍي هوندي ٽيچر هئي جنهن مان ڪڏهن نہ وساريو هو جيڪا منهنجي سپنن ۾ ايندي رهي. سا هئي

پهچان ڏني. بس ديا جشناڻي ائين ليکڪا بڻجي ويئي. اُهو وقت ۱۹۹۲ع جو هو.

اُن کانپوءِ ۱۹۹۴ع ۾ منهنجو ٻيو ڪتاب 'لوڪن جون لوڪپريه ڪهاڻيون' نڪتو. ڀاءُ اشوڪ ڳولاڻي ڪئناڊا واري منهنجا ڪتاب خريد ڪري پنهنجن دوستن کي موڪليندا هئا ۽ ڪاڄهه هتي وڪامندا هئا. ائين ڪتاب جو خرچ نڪري ايندو هو. مان ٽن ڪتابن جو مهورت، سنڌو ادبي سنگت ۾ ڪيو.

اجان اڳيان وڌڻ جي چاهت هئي. هڪ ڏينهن اوچتو ڪنهن سان گڏ 'سيتا سنڌو ڀون' ۾ ويس ۽ اُتي سنڌيت جي لهر ڏٺي. سنگيت جو آنند ورتو ۽ ڪتاب جو مهورت به ڏٺو ته سنڌيت جا سچا شيدائي به ڏٺا. اُن کان پوءِ ڪتاب ڇپائي ۽ مهورت جو آستان سيتا سنڌو ڀون کي بڻايو اٿم. دادا ٺاڪر چاولا ۽ پارو چاولا جهڙا نسوارتي سنڌي ٻولي سنسڪرتي ۽ سنڌيت جا سچا پوڄاري ۽ اُن جي اؤلاد شويا لعلچنداڻي، رام لعلچنداڻي، اَمرتا ۽ آنند ۽ ٻيو ڪٽنب پريوار جن جي نسوارتڻ شيوا سان اَڄ سيتا سنڌ ڀون دنيا جي سنڌين جو تيرٿ آستان آهي. باقي پوءِ نڪتل ڪتابن جو مهورت سيتا سنڌ ڀون ۾ ٿيندو آيو آهي. اُن کان پوءِ مونکي بامبي وارن سان گڏ، وديش ۾ رهندڙن جو به پيار به مليو آهي. وديش ۾ رهندڙن منهنجا ڪتاب ۽ ليک دل سان پڙهي منهنجو قدر ڪيو آهي ۽ انعام ڏيئي ۽ ڪتاب خريد ڪري منهنجو حوصلو وڌايو آهي، ته ڪيترن اُهاسنگر جي اديبن، دوستن ۽ رشتيدارن نڪتاچيني پڻ ڪئي ته هاڻ پاڻ کي شيءِ ٿي سمجهي يا پئسا ڏيئي مهورت ٿي ڪرائي يا سنمان ٿي ڪرائي. سامهون به ڪن ڇيو ڪن پرپٺ ڇيو پر مان دک ڇو ڪيان. جڏهن ته اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانه هئي. اڳتي وڌڻو آهي ته ماڻهن جي پرواهه ڇو ڪيان. سچ نيٺ سچ آهي. مان ڪهن کي ورجايو ڪونه ته توهان مون لاءِ ڪهڙو رمارڪ پاس ڪري رهيا آهيو؟ مان ديا آهيان ديا ئي ايشور پاڻ ديا ڪندو اها پڪ هئي.

ٽيچر، ليکڪائون يا هائوس وائيف ۽ ودوان هيون. دادي مينا گوپ روپچنداڻيءَ سهيلن سان گڏجي ڪيترا سٺا ڪاريه ٻوليءَ کي بچائڻ، سنڌيت، سنسڪرتي، ڏڻ وار، سماج جي ڪُرسمن بابت وغيره ڪاريه ڪري سنڌونگر سهيلي سنستا کي اوُج تي آندو. اُن لاءِ مان دادي مينا روپچنداڻيءَ جي بيحد شڪرگذار آهيان. دادي مينا روپچنداڻي ۽ سهيلن سان گڏ ڪافي سيمينارن ۾ هندستان جي جدا جدا شهرن ۾ وڃڻ جو موقعو مليو ۽ گهڻن ئي مدبرن سان مليس ۽ گهڻو ڪجهه سکڻ جو موقعو مليو ۽ هڪ نئين پهچان ملندي رهي. سيمينار ڪرائيندڙ جو شهنشاهه دادا ٽيڪچند 'مست' جو نالو اُن ودوانن ۾ آهي جنهن کي پنهنجي ٻولي ۽ ساهتيه لاءِ ڏاڍو پيار آهي. دادا ٽيڪچند ۾ خاص خوبي آهي جو هو وقت جو پابند ۽ قدر ڪرڻ وارو نيڪ اِنسان آهي.

چوندا آهن لکڻ ڏات آهي ۽ پڙهڻ پريم آهي، پر لکڻ لاءِ به تپسيا ڪرڻي پوندي آهي. هڪ هائوس وائيف لاءِ اُهو ڏاڍو ڏکيو آهي. مان ٥٠ سالن جي عمر ۾ لکڻ شروع ڪيو آهي جڏهن مان ڏاڏي ۽ ناني ٿيس. پر ڪابه شروعات پريوءَ جي حڪم ۽ پريوار وارن جي ساٿ سان ئي ٿيندي آهي. مونکي ايشور جي ساٿ سان گڏ پريوار وارن يعنيٰ گهوٽ لکيءَ جو به ساٿ مليو آهي ۽ دوستن ۽ وڏڙن جون آسيسون جو به هٿ آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن رشتيدارن وارن به منهنجي لکڻ ۾ دل دکائي آهي. مان هڪ هائوس وائيف ئي نه پر ممتا ڀريل ناري به آهيان جا پريوار لاءِ سڀ ڪجهه لٽائي ڄاڻي ۽ جيڪا پريوار جون جوابداريون بخوبي نباهي ڄاڻي. پوءِ ناري ليکڪا کي ڪجهه ٻڌڻو به پوندو آهي. چوندا آهن ڪجهه پائڻ لاءِ ڪجهه ڏيڻو به پوندو آهي. گيتا ۾ به ڪرشن ڀڳوان چيو آهي 'ڪرم ڪرڻ تنهنجو ڌرم آهي ۽ ڦل ڏيڻ منهنجي هٿ ۾ آهي، اُهو ڪڏهن ڏيان اُهو تون نه سوچ پر ڦل ضرور ملندو.'

آخر ٢٠٠٥ع جي شڀ گهڙي آئي جڏهن مونکي 'عزت جي چادر' تي انڊيا گورمينٽ اين.سي.پي.ايس.ايل. جو سرڪاري انعام مليو. اُهو ٢٠

موهني واسواڻي. شاديءَ کان پوءِ گيتاراج ڏاسواڻي ٿي اُها منهنجي
آدرش آهي. منهنجو پڦاٽ پر سيڻ بہ سيتل بالاڻي ۽ اُن جي وڏي ڀيڻ
موهني بالاڻي بہ منهنجا آدرش آهن. اُن شيوا ڪاريہ ۾ سهيليون ب
ساٿ رهندو آهي. گيتا ۽ راج منهنجي ٽيچر، منهنجو سيڻ، پريٽا هئي

هي جوڙي جيڪا لنڊن ۾ رهندي آهي، راج ڏاسواڻي ۽ گيتا راج
ڏاسواڻي. هيءَ جوڙي منهنجي جيون جي آدرش ٿي رهي آهي. گيتا ڪي مار
تڏهن کان سڃاڻان جڏهن مان اٺن سالن جي هئس ۽ هوءَ منهنجي هندي
جي ٽيچر هئي ۽ هن جو پيڪو نالو موهني واسواڻي هو. هي جوڙي آهي داد
موتيلعل بڻاڻي جي ڀيڻ درو سامتاڻي ۽ دادا ڀڳو انداس سامتاڻي. هيءَ جوڙي
بہ مون لاءِ تمام آدرش جوڙي رهي آهي ۽ ساهتيڪ ياترا ۾ ساٿ مليو آهي. پ
ستل بالاڻي ۽ هن جي وڏي ڀيڻ موهني بالاڻي بہ مون لاءِ هن ياترا ۾ ساٿ
سنمان ۽ راهہ ڏيکاري آهي. اُنهن لاءِ بہ مونکي تمام گهڻي عزت آهي. دادا ٽي
ايم ڪيولر اماڻي هڪ وڏي پاءُ پتا سمان جنهنجو ٿورو مان هن جنم ۾ شاي
لاهي نہ سگهان. جنهن منهنجيون رچنائون پڙهي خوشي ظاهر ڪئي هو
جنم ڏن ۽ شاديءَ ڏينهن جون واڌايون هميشہ موڪليندو هو. سوشل ڪاري
لاءِ بہ هن يوگدان ڏنو آهي. منهنجيون دلبر ساهڙيون مايا جماڻي، ساوتر
شامداساڻي، انجنا، ڊاڪٽر سنيتا لعلواڻي، ڪملا تلريجا، پونم بوداڻي وغيره
جون آسيسون آهن. منهنجي ڀيڻ ڪملا نهالاڻي، ورشا ۽ سونم نهالاڻي
ڀاڻيجيون پڻ مونکي هميشہ شڀ ڪامنائون ڏينديون رهيون آهن. منهنجي
ديءُ جا ساهڙا بدلاڻي، سڄو پريوار جون پڻ بيسٽ وشز ڏيندا رهيا آهن
خاص منهنجو سيڻ دادا للچمڻداس بدلاڻي تہ گهريل سالن کان آسيسون ڏيند
رهيو آهي. منهنجو پيڪو پريوار ڪلناڻي ۽ ساهڙو پريوار جشناڻي جو ت
منهنجي مٿي تي آسيس جو هٿ هوندو ئي آهي.

٢٠٠٠ع ۾ اسانجي اُلهاسنگر ۾ دائي ميناگوپ روپچنداڻيءَ 'سنتون
سهيلي سنستا' ناهي. جنهنجي مان بہ ميمبر ٿيس. اها اُلهاسنگر جي پهري
سنستا ٿهي جنهن ۾ فقط مهلائون ميون. ڪي ڊاڪٽر، پروفيسر، پرنسپال

منهنجي جيون جو ١٨ اڌيائُ

رات جا ١١ ٿيا هئا. مان رات جي روٽي کائي گهر جي باغ ۾ چڪر لڳائي رهي هئس. ستيہ نارائڻ جو ڏينهن ۽ فل چانبوڪي رات جي روشني هئي ۽ ٿڌي ٿڌي هوا جا جهونڪا سرير سان گڏ من ۾ بہ آنند جون لهرون محسوس ڪرائي رهيا هئا. چوڌاري شانتيءَ جي فضا هئي. اهڙي قدرت جي گود ۾ مان بہ جهومي رهي هئس. اهڙي آنند ڀريل رات ۾ سنڌي سنگيت جي موج ماڻڻ لاءِ دل ترڦي اٿي. مان اندران ننيو ٽيپ رڪارڊ (جيڪو سيلن تي هلندو هو) کڻي آيس. جامنگر مان ڀاءُ پوپٽ هڪ سنڌي ڪئسيٽ تازو موڪلي هئي اُها ٽيپ رڪارڊ ۾ وجهي چالو ڪئي.

ڀڄن ٿي ويو. ڀڄن ڪبير ٻڌاءِ...

پهرين ڀڄن ئي من ۽ آتما کي جهنجهوري ڇڏيو. ڀڄن جا ٻول هئا

'مالڪ تون درد ڪٽيندين ڪين ڇڏيندين،

هر حال ۾ تون رهبر ٿيندين،

پيءُ کيئن سهندو پٽ جي جدائي،

ماءُ کيئن سهندي ڌيءَ جي جدائي.

ايترا اکر ٻڌڻ سان ئي من ۾ طوفان اُٿيو ۽ اُنهن اکرن جي معنيٰ سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.

پرم پتا پرماتما هيءَ دنيا سوچي سمجهي ٺاهي آهي. صبح جو سج جي روشني بہ آهي تہ رات جو اونداهي بہ آهي، چانو بہ آهي تہ اُس بہ آهي، گل بہ آهن تہ اُنهن سان گڏ ڪنڊا بہ آهن، دُکن جا درياہ بہ آهن تہ سُکن جون سياڻون بہ آهن. منزل تي پهچڻ لاءِ راهہ اٽانگي بہ آهي

هزار روڪ ۽ ٽرافيءَ سنمان يعني شال ۽ ناريل سان ممبئي جي هڪ وڏي هال ۾ پريوار ۽ درشڪن جي سامهون وڏي مانَ شانَ سان مليو. ٢٠٠٦ع ۾ اُلهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن وارن لٽريچر ۾ انٽرنئشنل وومينس ڊي تي گورو انعام نوازيو هو. باقي ٢٠١٣ع ۾ سٽي پريس آف اُلهاسنگر وارن نوَرتن سنمان خطاب سان سنمانت ڪري همٿ وڌائي. ۽ ننڍا وڏا گهڻيئي سنمان ملندا رهيا آهن. قلم هٿ ۾ کڻڻ کان پوءِ گهڻو ئي ڪجهہ مليو آهي اُهو آهي پيار ۽ عزت جيڪا پئسن سان خريد نہ ڪري سگهبي آهي. اُهو سماج قدر ڪري پاڻيهي ڏيندو آهي. مان وڌيڪ نہ لکي پڇاڙيءَ ۾ ائين ئي لکي پنهنجي ساهتيڪ ياترا سماپت ڪريان ٿي :

هيءَ ديا جشناڻي پيڻ آهي توهان جي آسين جي پياسي

هميشہ آهي توهان جي سک - پيار جي پياسي

هر وقت خدا وٽ آهي توهان جي خير جي پياسي

زندگي سڀ جي سک سان گذري آهي اُن دعا جي پياسي

پل رهيل آهن. اُهي بہ گَنري ويندا. پر ٧٢ سالن جو حساب ڪتاب. لهڻا ڏيڻي، اَن جل جو حساب ڪتاب، داڻي داڻي تي کائڻ وارن جو نالو لکيل هوندو آهي ۽ جڏهن ڪنهن وٽان اَن جل جو حساب ڪتاب پورو ٿيندو آهي تہ پکيءَ وانگر اڏامي ويندو آهي يا اُن جي جڳهہ تي پيو ڪير اچي کائي ويندو آهي تڏهن تہ چوڻي آهي 'پنهنجو موٽي وڃي لهڻي وارو کائي وڃي' يا هڪ فلم جو گانو آهي 'داني داني پي لکا هئہ کاني والي کا نام' اُن جي هڪ سچي گهٽنا توهان کي ٻڌايان ٿي.

پنج سال اڳہ اسان هڪ ڪتو پاليو هو جيڪو منهنجو پوٽو هڪ مهني جو ڪنهن دوست کان وٺي آيو هو. ٥ سال اُهو ڪتو اسان وٽ رهيو ۽ هِري مِري ويو سٺي نسل جو هو. ڪڏهن بہ ڪنهن کي چڪ ڪونہ پاتئين. اهڙي ڪتي کي ڪي چوڪرا پڪڙي ڪري پاڇائي ويا. اُن جو گهٽي ٻولهڻ کان پوءِ بہ ڪتو نہ مليو. شانتي ڪري ويٺاسين تہ اَن جل پورو ٿي ويو هو اُن ڪري ڪٽي ويس. پورن ڏهن مهنن کان پوءِ صبح جو اٺين بجي منهنجو ڏير سڀئي نسل واري ڪتي کي پاڻ سان وٺي آيو جو بلڪل ڪمزور حالت ۾ هو ۽ ڏايو اُجايل ۽ ٻڪايل هو. مان اُن کي سڀيو ڪتو سمجهيو ۽ 'دفي' رکيل نالي سان پڪاريو. پهرين تہ هن پکين جي رکيل پاڻ مان پاڻي پيتو ۽ پوءِ مان هن کي کير ڏنو ۽ رات وارو رکيل ڏيڍ ڦلڪو ۽ ہہ سلائيس ڊبلروٽيءَ جا ڏنا. اُهي سڀ کاڌائين ۽ پوءِ منهنجي پوٽي هن کي صابڻ سان سنان ڪرايو ۽ پوءِ ڪتو باغ ۾ ڪڏ ڪوٽي سمهي پيو. ڪلاڪ کان پوءِ منهنجي پوٽي ڏيروٽ ڪتي جي ٽنگ کي هٿ لاهي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪتو سڀيو اڳيون آهي يا پيو ڪو. اوٽي مهل ڪتي غصي مان منهنجي پوٽي کي چڪ پاتو. منهنجو وٺو پٽ لٺ کڻي ڪتي کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي پر منهنجي منع ڪرڻ تي هن ڪتي کي نہ ماريو. ڪتي سچو ڏينهن ننڊ ڪئي ۽ رات جو وري مان هن کي کير ۽ ہہ ڦلڪا ڏنا ۽ مان ڪتي کان ٻڌندي نہ آهيان. هن جي مٿي تي هٿ گهمايو. سک سان رات گذاري ٻئي ڏينهن صبح جو مان پنهنجي روم جو دروازو کوليو ۽ اُهو ڪتو ويٺو هو دل ۾ آيو تہ

تہ همٿ ۽ حوصلو بہ ڏنو اٿس تہ اُن جو سهارو وٺي وچي منزل تي پهچون ٿا. اهڙي قدرت ڌاهڻ واري کي منهنجو وار وار نمسڪار آهي.

دنيا ۾ ڪيترا انسان روز جمن ٿا ۽ ڪيترا هيءَ دنيا ڇڏي ايشور وٽ واپس وڃن ٿا. جڏهن ايشور هيءَ دنيا ڌاهي ڪمال جو ڪم ڪيو آهي. جڏهن انسان ذات هن ترتيءَ تي جنم ورتو آهي تہ هرڪنهن جي شڪل، سڀڻ نرالو نرالو آهي ۽ ڪڏهن بہ هڪ ئي شڪل جا انسان پئدا نہ ڪيا اٿس. جيئن ديش کي هلائڻ لاءِ سرڪار هوندي آهي ۽ سرڪار وري الڳ الڳ کاتن جا وزير مقرر ڪندي آهي ۽ سيني کاتن جي وزيرن مٿان وري پرائيم منسٽر هوندو آهي. تيئن هن دنيا کي هلائڻ لاءِ بہ ايشور وٽ بہ ڪاميٽي هوندي آهي. جن کي الڳ الڳ کاتا مليل آهن. هرڪو ڪاريہ الڳ الڳ ديوتائون سنڀاليندا آهن پر سڀ کان مٿي هڪ ئي پرماتما آهي. جيڪو اڳ بہ هو هاڻي بہ آهي ۽ پوءِ بہ هوندو.

اسان جي ڪرمن جو ليکو جوکو ايشور وٽ هوندو آهي ۽ ڪرمن مطابق دکہ سکہ ملندو آهي. ڪوبہ انسان اهڙو هن دنيا ۾ ڄائو نہ آهي جنهن دک نہ ڏٺو هجي. راجا دسرٿ کي چار پٽ هئا. دسرٿ جو وڏو پٽ رام راڄ گديءَ تي ويهڻ وارو هو تہ دسرٿ جي ٻي راڻي ڪيڪئي پنهنجي داسيءَ جي چوڻ تي رام کي بنواس ۽ ڀرت کي گديءَ تي ويهڻ لاءِ راجا کي چيو. رام بنواس ويو ۽ راجا دسرٿ 'هي رام' چوندي پراڻ تياڳيا. اها انهوني ڪرمن انوسار ٿيٽي هئي. پٽ اگر گٿو ان آهي ۽ اُن کي ڪوبہ دکہ ڏسٽو پوي ٿو تہ ماءُ پيءُ اُهو بہ سهي نٿو سگهي، پٽ اگر دراچاري آهي اُهو بہ ماءُ پيءُ نٿا سهي سگهن. ٻنهي حالتن ۾ ماءُ پيءُ نٿا سهي سگهن. ٻنهي حالتن ۾ ماءُ پيءُ دکہ سهن ٿا. اُن ڪري ئي جڏهن انسان جي مٿان سهڻ کان بہ وڌيڪ دکہ جي گهڙي اچي ٿي تہ انسان پربوءَ جي شرن ۾ وڃي ٿو ۽ دکن کي ڪٽڻ ۽ رهبر بڻجڻ يا دکن کي سهڻ جي شڪتي گهري ٿو.

ايشور هيءَ انمول زندگي ڏني آهي. وري هن سنسار ۾ ايندا سين يا نہ ڪابہ پڪ نہ آهي. زندگيءَ جا ٧٣ سال گذري ويا خبر ئي نہ پئي. باقي ڪاجهہ

ايشور هيءَ خوبصورت زندگي ڏني آهي جو ڏنائين اُها اُن سڀڻ کي خبر آهي. سڄي زندگي ڪٽي مٺي يادگيرين سان ڀري پئي آهي. ڏکن سکن جي ڇانو بہ ڏٺي آهي. سنڌ جي پوتر ڌرتيءَ تي جنم ڪان وٺي هندستان جي پوتر ڌرتي جتي زندگيءَ جا ٦٦ سال ڪيئن گذري ويا آهن خبر ئي نہ پئي. ڪيترا پيارا رشتا، رهبر، پياريون ساهيڙيون، منهنجا گرو مونکي مليا آهن جن منهنجي زندگيءَ کي سنواريو آهي. ڪن دل بہ ٽوڙي آهي. ٧٢ سالن جي سفر ۾ ڪيتريون غلطيون جن جو وڏو حساب ڪتاب مالڪ وٽ لکيل آهي ۽ مونکي بہ ياد آهن اُن لاءِ مان اُن پرودگار کان هٿ جوڙي معافي ٿي گهران. شل پنهنجي هن ٻانهي ۽ گوليءَ تي مهر ڪندو. سئيون ڳالهيون ڪيون اٿم يا نہ اُن جو حساب ڪتاب بہ مهروان وٽ آهي. بس ٻاجھہ ڀريا هٿڙا ڏيئي هن دنيا مان تاريندو.

منهنجي ماتا جو هڪ ڀڄن جيڪو ٦ سالن جي عمر کان ٻڌندي هئس.
ڪي ويا ڪي وڃڻا، انڌا ڪين ٿسن،
ڪوڪون ڦهري ڪال جون ٻوڙا ڪين ٻڌن،
بس ٻاجهارو ڏٺي اوليءَ مان سولي ڪندو جيڪو دم گذري، اُن سڀڻ کي سارينڌي گذري اهائي ارداس آهي.

هاڻي ڪير ڏيانس پر من ۾ آيو تہ چانهہ پي پوءِ ڪير گرم ڏيانس ٿي. مان هن جي مٿي تي هٿ گھمايو. پوءِ اندر وڃي چانهہ پي ڪٽي لاءِ ڪير ڪٽي آيس تہ باغ جو دروازو ڪليل هو ۽ ڪتو هليو ويو هو. مونکي ڏک ٿيو تہ مان هن کي ڪير ڇو نہ ڏنو. هو رات جو هلي وڃي ها پر هن منهنجو انتظار ڪيو ۽ ٢٤ ڪلاڪ رهڻ ۽ کاڌي ڏيڻ لاءِ مهرباني مڃڻ لاءِ بيٺو هو ۽ وري ڪيڏانهن ويو ڪابہ خبر نہ پئي. هو ڪير هو ۽ منهنجي پوٽي کي ڇو ڇڪ پاتائين جو هن کي ست سيون هٽائيون پيون. منهنجي من ۾ تہ اهو آيو تہ هو ساڳيو ئي 'دفي' ڪتو آهي. منهنجي پوٽي کي ڇو ڇڪ پاتائين اُن راز کي سلي نہ سگھي آهيان. اها گھٽنا جون مهيني جي آهي. اُن ڳالهہ کي سوچڻ کان پوءِ ئي اُن اکرن تي پورو وشواس جمي ويو آهي تہ داڻي داڻي تي کائڻ واري جو نالو لکيل آهي. ڪڏهن نہ چوندا ڪريو تہ مان هن کي کارايو نہ تہ بکہ مري ها. توهان اُن کي ڇا کارائيندا کارائڻ وارو هڪ داتار آهي.

زندگيءَ جي آخرين گھڙي يعنيٰ موت جي مٺي ننڊ بہ اُن سائڻ کي سارينديءَ ساهہ ڇڏيان اُها پرم پتا پرماتما کي سماٽي وينتي آهي. ڪٿان آئي آهيان ۽ موت کان پوءِ موت جو ديوتا ڪٿي وٺي ويندو اُها خبر نہ اٿم. ايشور جو رحمت سان جيڪي هن ترتيءَ تي منهنجا ماءُ پيءُ بٽيا جن منهنجن پائرن دادا چوئٿ ۽ ياءُ گوپال ۽ ڀيڻ ڪملا کي جنم ڏيئي هن دنيا ۾ آندو. جن تڪليفون سهي اسان کي وڏو ڪيو ۽ سٺن سنسڪارن جو خزانو ڏنائون. اُهي هيءُ سنسار ڇڏي وڃي پريوءَ سان مليا. شادي ٿي هڪ نئون پريوار مليو. گھوٽ جي صدقي نوان ماتا پتا ۽ نوان رشتا مليا. منهنجو بہ پريوار ايشور وڌايو. منهنجو بہ سَسُ سهڙو پنهنجو سڀ ڪجھہ ٻارن کي ڏيئي رمندا رهيا. هاڻي وقت اسان جي هلڻ جو اچي ويو آهي. مان بہ هڪ ڏينهن سڀ ڪجهہ هت ڇڏي هليويندس باقي رهندو هڪ سچ يعنيٰ پرم پتا پرماتما جيڪو اڳي بہ هو، هاڻي بہ آهي ۽ پوءِ بہ رهندو. (آني جاني دنيا فاني باقي هئہ الله ڪا نام).

ون ٿائوزنس ٿائيمس
گاڊ بليس يوُ

”سهڻا اِنسان گهڻا، پر توهان سيرت ۾ به سهڻا هئا.
پيار، محبت، نمرتا، زنده دليءَ جا مجسم هئا.“

۳۱ آگسٽ ۲۰۱۲ ۾ صبح جا ۵.۳۰ ٻَجا ٿيا هئا تہ فون جي گهنٽيءَ جو آواز ڪنن تي پيو. ايترو صبوح جو ڪنهن جي فون هوندي سوچيندي فون کنئي تہ ڏيءَ جو آواز هو تہ ڊئبي يعني سندس سهڙو صاحب هِن دنيا مان رمندا رهيا. ٻڌي ڪجهہ سيڪنڊ شانت رهي پوءِ ڏيءَ سان ڳالهايم. چيائين تہ ڊئبي ننڊ ۾ ئي گذاري ويا. سال اڳہ هوُ ننڍي پٽ وٽ بئنگلور ويا هئا ۽ اُتي ئي رب ڏانهن راهي ٿيا.

هڪ ڏينهن اڳہ ۳۰ آگسٽ تي فون ڪيائون تہ هوُ ڊسمبر ۾ ننڍي پٽ جي پريوار سان اُلهاسنگر اچي رهيا آهن ۽ ٻڌايائون تہ ٽڪيٽون بوڪ ٿي ويون آهن. وري چيائون تہ وري بہ رب کي خبر تہ هِن چا لکيو آهي ۽ هڪ پاڪستاني گيت جيڪي دادا کي وڻندو هو اُن جون سٽون ”هاٿي ڪلي موڪلايون، سياٿي لڏي ويندا سون“ چئي فون بند ڪيائون ۽ ۳۱ آگسٽ تي دادا لڇمڻداس بدلاڻي سچ پچ هِن فاني دنيا مان لڏي ۽ ڇڏي ويا پنهنجون مِٺڙيون يادگيريون ڇڏي ويا.

دانهن جنهن سڀ کي پيار ڪيو جنهن هوا ۾ پيار جي خوشبو ڦهلائي ئو جنهن هرهڪ اِنسان کي پيار ڏنو ۽ اُجڙيل دلين ۾ بهار جي مؤسم آندي. دادا جي زبان هڪ مِٺڙو اکر هرهڪ لاءِ نڪرندو هو ”گاڊ بليس يوُ“

دلدار جي صورت

منهنجي دل تي نقش ٿي آ، تو دلدار جي صورت،
اٿم راتيان ڏينهن من منجهه، تو منٺار جي صورت.
۱) ڪريان جند جان کي قربان، سؤ سؤ وار مان توتان،
نماڻي مان آهيان نوڪر، ته تون سردار جي صورت.
۲) تون نور اکين جو ته مان اکيون، مان موتي تون چمڪ مون ۾،
تون چقمق مان سئي، مان گل ته تون مهڪار جي صورت.
۳) تون ليلا منهنجي من موهڻي، مان مجنو آهيان تنهنجو،
چمن جو مان آهيان ٻارو، ته تون گلزار جي صورت.
۴) دمينتي تون مان نل آهيان، مان سسئي تون پنهون پيارو،
مان پريمي تون آهين پريتم، مٺي منٺار جي صورت.
۵) مان مومل تون منهنجو راڻو، مان مارئي ته تون مارُو،
مان ليلا آهيان ۽ تون، چنيسر يار جي صورت.
۶) مان ميران آهيان تنهنجي، تون منهنجو لاڏلو گرڌر،
مان تنهنجي آهيان سهڻي، ته تون ميهار جي مورت.
۷) مان سيتا، رام تون منهنجو، اُما مان تون شمبو منهنجو،
مان آهيان راڌڪا ۽ تون، ڪرشن گرڌر جي صورت.
۸) مان بلبل تون آهين گل ڦل، چڪوري مان تون چنڊ سهڻو،
مان سوالي تنهنجي در جي، تون سچي داتار جي صورت.
۹) تون جان منهنجي، مان تڙ تنهنجو، تون گهر وارو مان گهر تنهنجو،
ڪٽل پينو مان آهيان، تون ٻريل ٻنڌار جي صورت.
۱۰) مان آهيان مرض ۾ قاتل، تون منهنجو ڊاڪٽر ڪامل،
تون منهنجو جيون ٻوٽي، ته مان بيمار جي صورت.
۱۱) تنهنجي موهڻي پدمي مورت، شرمندي سونهن خود ٿئي ٿي،
سوَن چنڊن کان آهي سهڻي، تنهنجي سينگار جي صورت.
۱۲) تنهنجي هڪ نظر ڦيرڻ سان، ٿين آباد ٿا برپٽ،
مٺيءَ مان مهر سان بخشي، ڏنئه گلزار جي صورت.
۱۳) غرق ٿي پريم تنهنجي ۾، نهاريم ٻوڏ جيان توڏانهن،
نه آيم نظر نراڪار ئي، نڪا ساڪار جي صورت.
۱۴) تون مڪڙو پاڻ خود آهين، نڪو ٻيو هو نڪو ٿيندو،
دوئي کان دور نت قائم، عجب اسرار جي صورت.

ڪوئلجي ويندا هئا جڏهن لاڙڪاڻي ۾ نئي آهن ۽ وقت پنهنجي مستيءَ ۾ اُڏامندو ويندو هو. وقت ڪنهن جي لاءِ ڪٿي ٿو رُڪجي پر منهنجو ڌيان واچ ڏانهن هوندو هو. سالن جون گذريل يادگيريون دادا جي دماغ ۾ جڻ فِٽ ٿي ويون هيون. مان جڏهن دادا ۽ ديديءَ کان وڃڻ جي اِجازت

گهرندي هئس ته دادا جا اکر ”ون ٿائوزنس ٽائيمس گاڊ بليس يو“ ضرور چوندا هئا. دادا موتيلال ٻڌاڻيءَ جي ڀيڻ درو سامتاڻي دادا بدلاڻيءَ سان سنڌ ۾ ساڳي ڪاليج ۾ پڙهندي هئي. ورهاڱي جا درد ۽ تڪليفون ۽ سڀاجهن سنڌين جون وري ٿائينڪو ٿيڻ لاءِ جفاڪشون، پرشارٿ، لگن سان محنت سان وري پنهنجي اَجهي، لٽي ۽ زوٽيءَ لاءِ ڏينهن رات محنت جو اهڙو ته دلڪش نمونو پڌائيندا هئا جو اکين ۾ آب پرجي ايندو هو. جڏهن ورهاڱو ٿيو ته مان ٦ سالن جي هئس ۽ مان به پنهنجي پِتا صاحب ۽ وڏي ڀاءُ کي ٿائينڪو ٿيڻ لاءِ جفاڪشي ڪندي ڏٺو هو. ورهاڱي جا درد هرهڪ سنڌيءَ ڏٺا اُن ۾ ٻار، زالون ۽ مرد اچي وڃن ٿا.

دادا ڪتابن جا ڏاڍا شوقين هئا. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪتاب پڙهڻ ۾ اِئين لين ٿي ويندا هئا جو ڪير اڳيان اچي ويهي به ته هنن جو ڌيان ڪونه ويندو هو. جڏهن ڪير آواز ڏي. سال اڳه هوُ بئنگلور ويا ۽ اُتي مان دادا کي ڪتاب ۽ اخبارون ڪوريئر ڪندي هئس ۽ وقت اُڏامندو ويو ۽ دادا وڃي مالڪ سان مِليا.


دادا پاڻ مُشڪندڙ گلاب جا گل هئا ۽ اُنهن جو پريوار جڻ گلاب جي گلن جي هڪ قلو اڙي آهي. اُن قلو اڙيءَ ۾ دادا للچمنداس بدلاڻي ۽ سندس پتني اِندرا بدلاڻي، پٽ نريندر ۽ اوناش ۽ ننهر نيتا ۽ مُنيتا ۽ پوٽا سنجيه، سمير، جيويش ۽ پوٽي سوناڪشي سهڻا سهڻا گل آهن. هاڻي دادا بدلاڻي ۽ سندن پتني اِندرا ديوي هِن دنيا ۾ ڪونه آهن پر اُن جون آسيسون سندس پريوار مٿان آهن ۽ رهنديون اِها پڪ اَٿم.

اهڙا اِنسان جن جي شڪتي پيار آهي. جن پيار کي خدا جو روح سمجهيو آهي. جن پيار جو جام پاڻ پيتو ۽ ٻين کي پياريو آهي اُهي هميشه اَمر آهن. اُهي دور وڃي به اَسان سان جڙيا پيا آهن.

امڙو هو دادا لڇمڻداس بدلاڻي.

دادا بدلاڻيءَ زندگيءَ جا ٩٢ سال زنده دليءَ سان گذاريا. دادا اهنسا، سچائي، پاڻ تي ڀروسو ڪرڻ وارا، صبر ۽ اورچائي، همٿ، هوشيار، شهاڻي شڪل ۽ وڻندڙ پرسنلٽيءَ جا مالڪ هئا. دادا رشتي ۾ منهنجا سيڻ هئا. منهنجي ڌيءَ نيتا دادا جي وڏي ننهن آهي. دادا مونکان عمر ۾ ٢٠ سال وڏا هئا. مان دادا کي ڪڏهن به سماجڪي هيٺيون پڙ محسوس نہ ڪرايو هو جو چوندا آهن تہ ڌيءَ وارا هيٺيون پڙ ٿيندا آهن. ڪڏهن مان دادا کي وڏي ڀاءُ جي روپ ۾ ڏٺو تہ ڪڏهن هڪ دوست جي روپ ۾ پاتو. ٢٣ سال اڳہ هوُ منهنجا سيڻ بڻيا. ٢٠ سال اڳ مان ساهتيڪ کيتر ۾ پير رکيو. ايشوَر مونتي وڏو مهربان آهي. ساهتيڪ کيتر ۾ پير رکڻ پٺيان بہ منهنجي ڌيءَ جي سس هئي، اُن جي پريرڻا مِلڻ سان ئي مان قلم کنيو. منهنجي سيڻ يعني دادا لڇمڻداس بدلاڻي جي ڌرمپتني اِندرا ديويءَ مونکي همٿ جو هٿيار پين جي روپ ۾ هٿ ۾ ڏنو ۽ مان لکڻ شروع ڪيو. دادا ڏاڍو دل سان ليکہ پڙهندا رهيا ۽ همٿائيندا رهيا. ڪجهہ وقت گذرڻ بعد مان ساهتيڪ کيتر ۾ جڳهہ ٺاهي ۽ مونکي نئين پهچان ملي. اِنڪري مونکي ڪافي اَنداز ۾ ڪتاب الڳہ الڳہ مايہ ناز ليکڪن وٽان ملندا رهيا ۽ اُهي مان دادا بدلاڻيءَ کي موڪليندي رهيس ۽ هوُ پڙهندا رهيا ۽ اِئين خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي رهي ۽ مان دادا وٽ ويندي هئس تہ هوُ مونکي پنهنجي زندگيءَ جا سچا آزمودا ڪڏهن ڪهاڻين جي روپ ۾ تہ ڪڏهن مضمون جي روپ ۾ ٻڌائيندا رهيا ۽ مان اُهي رچنائن جي روپ ۾ ڪڏهن هِندو اسيءَ ۾ تہ ڪڏهن ڪنهن ٻي مئگزين ۾ موڪليندي هئس ۽ پاڻڪن جو داد پائيندي رهيس. پر اُن داد جو حقدار دادا بدلاڻي هئا. ڪڏهن ڪڏهن دادا پاڻ سڏ ڪرائيندا هئا تہ اچ تہ ڪجهہ خيالن جي ڏي وٺ ڪريون. ڪجهہ ماضيءَ جون يادگيريون جيڪي ذهن تي اُڀري آيون آهن جيڪي خوشين ۽ غمن جا خزانا ڪٺي آيون آهن. اُهي هڪ ٻئي سان شيئر ڪيون. دادا جي پتني بہ ڏاڍي ملنسار سڀاءُ جي هئي اُها بہ تمام سٺي نموني پنهنجي زندگيءَ جا آزمودا ٻڌائيندي هئي. جڏهن محفل ڄمندي هئي ۽ دادا سنڌ جي لاڙڪاڻي شهر جون ڳالهيون ٻڌائيندي ٻڌائيندي اِئين

پکيئڙو اڏامي ويو پنهنجي ديش



منهنجو ڀائڙو گوپالداس اُتمچند ڪلناڻي ٢٨ مارچ ٢٠١١ منجهند جو ٢ وڳي ٤٥ مِنٽ سوامي شانتي پرڪاش ورڌ آشرم ۾ هِن زندگيءَ جو آخرين سواس کنيو ۽ وڃي پريو پرماتما سان مليو ۽ پکيئڙو پنهنجي اصلي ديش ڏانهن اڏامي ويو.

منهنجي وڏي ڀاءُ دادا چوئٿرام ٤ سال اڳ هِن فاني دنيا کي الوداع ڪري پرم ڌام پڌاريو هو. هاڻي ڀاءُ گوپالداس به پرم ڌام پڌاريو. ڀاءُ گوپال مونکان ٣ سال وڏو هو. هوُ سوامي شانتي پرڪاش ٻڍا آشرم ۾ گنڊريل ٥ سالن کان رهندو هو. ٥ سال اڳ هِن جي پتني لڇمي ڪئنسر جي بيماريءَ ۾ سرڳواس پڌاري هئي. اُن ڪانپوءِ گهر جي بدليل حالتن جي مجبوريءَ سبب هوُ ٻڍا آشرم ۾ رهڻ لاءِ تيار ٿيو. اِئين ته ڪوبه بزرگ ٻڍا آشرم ۾ نه رهڻ چاهيندو، پر مجبوريون رهائينديون آهن. ڪٿي پئسي جي ڪمي، ڪٿي اؤلاد جي مجبوري، ڪٿي گهر جو وهنوار، ڪٿي پئسو هوندي به اڪيلائي، ڪٿي ڪٿي طعنن جي ٺوڪ ٺوڪ وغيره تي اِنسان مجبور ٿي ويندو آهي. ٻڍا آشرم ۾ رهڻ پسند ڪندو آهي. ها منهنجو ڀاءُ به ٻڍا آشرم ۾ رهِندو هو. سوامي شانتي پرڪاش جي چرنن ۾. ڪوبه اِنسان پنهنجن ولڙن کان وڇڙڻ نه چاهيندو آهي پر قدرتي حالتون اهڙيون پئدا ٿينديون

جڳت کي هلائڻ وارا

جڳت ۾ اي جڳتوالي، مدد ڪر هردم منهنجي،
ديا سان اي ديالو ڪر، روشن ڪهڻي اُتم منهنجي.
عمل ڏي علم سان شامل، قدم ڌر راهه نيڪي تي،
بديءَ کان ڪر پلوَ آجا، برائي دور ڪر منهنجي.
نه ڏک ڪنهنکي رسي مون مان، سدا پرسن ڪريان سڀ کي،
سدا دل خلق خدمت ۾، رهي قائم مگن منهنجي.
نزاڪت نقش نالي ۾، ڏسان توکي نه ڀئي ڪنهن کي،
تفاوت ۾ تفاوت کان، رهي آزاد دل منهنجي.
خوديءَ کان ڪر صفا خالي، چلان محبت سندي چالي،
رهي هر وقت خوشحالي، سٽڄ التجا ”ديا“ جي.

سمجھندي هئي. منهنجي زندگيءَ ۾ به منهنجي ڀاڄائي لڇميءَ مونکي ۽ منهنجي ساهڙن کي ڏک ۾ تن جو ساٿ ڏنو جيڪو ڏن ڪان وڌيڪ آهي. لڳندو هو هوءَ ڄائي شيوا لاءِ هئي. دنيا ڇڏڻ وقت هن مونکان وچن ورتو ته مان سندس گھوٽ يعنيٰ پنهنجي ڀاءُ جو خيال رکندس. انڪري ڀاڄائيءَ جي وڃڻ کانپوءِ مان ٻين جي صلاح سان هن کي ٻيدا آشرم ۾ رهڻ لاءِ ڀاءُ ڊاڪٽر ديال آشا کي عرض ڪيو ۽ هن يڪدم قبول ڪيو. جيڪو ڀاءُ گوپال ڪڏهن ٽڪاٽي ڪونه ويو اڄ اُهو سوامي شانتي پرڪاش جهڙن مهاپرشن جي پوتر وايومنڊل ۾ اچي رهيو. هن ڪڏهن گيتا نه پڙهي پر آشرم ۾ اچڻ کانپوءِ روز نِت نيم سان پاٺ ڪندو هو ۽ پاسي وارن کي به ٻڌائيندو هو. مان هر ١٥-١٥ ڏينهن کانپوءِ هن سان ملڻ ويندي هئس. هِنجي پسنديءَ جو کاڄ کڻي ويندي هئس. هوُ هندو اخبار روز گهرائيندو هو ۽ ساڄي پڙهي پنهنجو ٽائيم پاس ڪندو هو. هِن کي چارسوُ پينشن ملندي هئي. هن ٻيدا آشرم ۾ ڏکو کاڌو ۽ هن کي هڪ ٽنگ ۾ راڌ وڌي هئائون پر هوُ لڪڻ جي سهاري سان هلندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هِن جو پريوار ملڻ ايندو هو پر آهستي آهستي هِن جو موهه نڪرندو ويو. ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ننڍي ڀيڻ ڪملا ناسڪ مان هِن سان ملڻ ايندي هئي.

پڇاڙيءَ جا ٤٠ ڏينهن هِن ٻڌايو ته هوُ هاٽي دنيا ڇڏيندو. هِن پاڻ وٽ رکيل کاڄه ڪاغذ ۽ شيون پنهنجي پريوار کي موڪلي ڇڏيون. شيوا لاءِ ماٿو رکڻ لاءِ چيائين. مان ڀاءُ گوپالداس راگهاڻيءَ کي وينتي ڪئي جيڪو هڪ نيڪ اِنسان آهي، ساچو شيوا اڌاري آهي هِن ڀاءُ جا سهڻا سُٺا دل کي ڇهندڙ اکر ياد آهن ته توهان جو ڀاءُ هاڻي اَسان جي سوامي شانتي پرڪاش مهراج جي آشرم جو هڪ ڀاتي آهي. مالڪ ڀلي ڪندو. هِن ڀاءُ رامچند کي منهنجي ڀاءُ جو خيال ۽ شيوا ڪرڻ لاءِ چيو ۽ هِنن توڙ نِباهي. اهڙن ساچن شيوا اڌارين کي منهنجو پرڻام آهي. ڊاڪٽر شروڻ ڪمار جيڪو ٻيڙن کي روز ڏسندو آهي ۽ هِنن جي تندرستيءَ جو خيال ڪندو آهي اُن کي به منهنجو پرڻام آهي. ڀاءُ گهنشام بالاڻي دادا هير انند بالاڻي به آشرم سان جڙيل آهن.

آهن. گوپال بہ اچي بزرگن سان نئين گهر پڌا آشرم ۾ رهيو. شروعاتي دؤر ۾ هن کي مزو نہ پيو اچي پر ڏيري ڏيري هوُ رب جي رضا سمجهي آشرم کي پنهنجو آکيرو سمجهڻ لڳو.

ها، منهنجو ياءُ جنهن غزيبي ۾ گلزاري ڏٺي. جيڪو مون کان ۳ سال وڏو هو. ياد اَٿم اُها ٻالپڻ جا ڏينهن جيڪو آگر پڪڙي اِسڪول وٺي هلندو هو. ورهاڱي جي درد ڪري هن سڪول جا بہ درجا اَجايا ويا هئا. اَسان ٻئي پهريون درجو گڏ پڙهياسين. چوٿين درجي تائين ٻنهي جو ساڳيو ڪلاس هو. گوپال وڻن پوکڻ جو ڏاڍو شونقين هو. وڻن ۾ هن جي جان هوندي هئي. گول مئدان جي اي بلاڪ ۾ اَسان جو سائيد و ارو گهر هوندو هو. اُن ڪري پلاٽ ڪافي هو. جتي هِن اَنب، ڪيلا، ناريل، چڪون، زيتون جا وڻ لڳايا هئا ۽ اُن جو ميوو بہ اَسان دل کولي کاڌو ۽ کارايو هو. جڏهن بلڊنگن جو ٺهڻ شروع ٿيو تہ اُهو وڪيائون. اڄ بہ ١٤٦ -٧١٤- ١٤٢ بہ جي وچ ۾ هڪ ميونسپل جو گارڊن آهي جتي هڪ وڏو شاهي وڻ آهي جيڪو گوپال ياءُ جو لڳايل آهي.

گوپال هڪ سچو اِنسان هو. مون هِن کي ڪوڙ ڳالهائيندي ڪڏهن نہ ڏٺو. مونکي اڄ بہ ياد آهي جڏهن اَسان ۵ درجو سنڌي پڙهندا هئاسين تہ بابا گوپال کي ۽ مونکي مهني جي خرچي رپيو رپيو ڏيندو هو ۽ اَسان ٻئي اَٺ آنا گوپال ۽ اَٺ آنا مان بچائي بابا کي ڏيندا هئاسين تہ متان مهني جي پڇاڙيءَ جا ڏينهن بابا کي خرچ ڪٽي پوي.

منهنجي شاديءَ کان پوءِ هوُ باقاعدي ڏڻ سائيڪل تي چڙهي ۲ نمبر مان ۵ نمبر ڪٽي ايندو هو. منهنجي سهڙي صاحب کي ڏايو وٽندو هو ۽ دادا بہ هِن کان وڻ پوکائيندو هو.

دنيا ۾ سُکہ دُکہ هر اِنسان کي ڏسڻا پوندا آهن ۽ اِنسان اُهو جيڪو دُکہ ۾ هڪ ٻئي کي ڪم اچي. سُکہ ۾ تہ هرڪو اچي بيهندو آهي پر دُکہ ۾ ڪم اچڻ هڪ وڏي شيوا آهي. چوندا آهن ڪو من جي شيوا، ڪو تن جي تہ ڪو تن جي ڪندو آهي. گوپال جي پتني لڇمي تن جي شيوا ڪرڻ ۾ پڳتي

ٽوني

کيان ياد ٽونيءَ کي مان هر پل سدائين،
ڏئي لڙڪ ديدي جي نيڻن کي، رُئاري هليو ويو



۱۰ فيبروري ۲۰۱۲ع جمع جو ڏينهن منجهند جو ۱.۳۰ بجي فون آئي تہ ٽوني گذاري ويو. هٿن مان پاڻيءَ جو گلاس ڪري پيو. ڇا زندگي ايتري بي وفا ٿي سگهندي آهي؟ ڇا ڀڳوان وٽ اِنصاف ڪونہ آهي؟ اِهي سوال من ۾ اُن مهل پئدا ٿيا.

اڃان اڳين سال مارچ ۲۰۱۱ ۾ هِن جي پِتا ج ديهانت ٿيو هو ۽ ۵ سال اڳہ هِن جي ماءُ جو ڪئنسر جي نگري بيماريءَ ۾ سرڳواس پڌاري هئي. دل ۾ سوچيم تہ چڱو ٿيو هِن جا ماءُ پيءُ اڳ۾ رمندا رهيا نہ تہ جوان پٽ جو موٗت سهي ڪونہ سگهن ها.

ٽونيءَ جو اَصل نالو ڪشن گوپالداس هو. هِن جو جنم ۲ جون ۱۹۷۲ع ۾ اُلهاسنگر ۾ ٿيو هو. سهِن جي ماءُ جو نالو لڇمي ۽ پِتا جو نالو گوپالداس هو. سڀ هِن کي پيار مان ٽوني ڪري سڏيندا هئا. ماءُ پيءُ جو لاڏلو ۽ ڏاڏيءَ جي اکين جو تارو هو. گذيل پريوار ۾ رهڻ ڪري ننيي هوندي کان نيڙ، ڀڳت ڀاءُ، اَدب اخلاق جا اَنيڪ گڻ هوءُ وڏن کان سکيو. هِن جو پريوار پڙهيل ڳڙهيل پريوار هو. ڇهن سالن جي عمر ۾ جئہ هِند سڪول ۾ پهرين درجي سنڌي ميڊيم ۾ داخلا ورتي. هِن جي ڀيڻ ڪملا اُن وقت مئٽرڪ پڙهندي هئي جنهن جي

پڇاڙيءَ جا ۴۰ ڏينهن مان روز هِن وٽ ويندي هئس ۽ هِن ڪاڏو ڇڏي ڏنو ۽ دوا وٺڻ بہ بند ڪيائين. هِن زندگيءَ جون سچايون ٻڌايون. هوُ موٽ ڪان نہ ڊنو پر اُن کي ڀاڪر پائڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هِن ڊاڪٽر شروڻ ڪمار کي چيو تہ توهان سچ پچ شروڻ ڪمار آهيو. هِن شيو اڌاري رامچند ۽ پاسي واري بزرگہ وشنوءَ کي بہ آسيس ڪئي. هِن مونکي چيو تہ اَسان ٻي جنم ۾ بہ پاڻ ۾ ڀاءُ ڀيڻ ٿيندا اسين. هِن سيني کي معاف ڪيو جنهن ڪارڻ هوُ ٻيڌا آشرم ۾ اچي رهيو. هڪ ڏينهن اڳہ هِن مونکي چيو تہ منهنجون پڳڙيون نہ ڪاڄو. هِن جو چوڻ هو تہ جيڪي جيئري مونسان ملڻ لاءِ نہ آيا تہ پوءِ اَچي ڇا ڪندا. هيءَ دنيا ٻيٽلن جي آهي. پر اجان ٻاج ڪوٽي ڪانهي، تو جهڙيون ڀينر هاجن ۽ سوامي شانتي پرڪاش مهراج جهڙن سنتن جي ششن جهڙا شيو اڌاري، پروپڪاري، دانوير اِنسان هاجن تہ اَسان بزرگن کي لهر نہ لوڏو آهي.

پڇاڙيءَ ڏينهن ٻہ ڪلاڪ اڳہ هِن مونسان ڳالهايو تہ گهر جا ڀاتي جن دنيا ڇڏي آهي اُهي سڀ ۽ شري ڪرشن ڀڳوان پاڻ وٺڻ آيو آهي ۽ ٻيو بہ ڪيترو ٻڌايائين ۽ مونکي وڃڻ لاءِ چيائين ۽ پوري ڏيڍ ڪلاڪ ڪان پوءِ فون آئي تہ پيارو ڀائرو رمندو رهيو.

ڀاءُ گوپال تہ وڃي سائينءَ سان مليو. پر مونکي آشرم ۾ رهندڙ ڪيترا بزرگہ ڀائر ۽ ماتائون ڏيئي ويو آهي. جن سان مان ضرور ملڻ ويندس اِها منهنجي ڀاءُ جي آخرين خواهش هئي.

ٻنهي جي ضرورت آهي. ٻئي هڪ ٻئي ڪانسوا اِڌورا آهن. جڏهن پرش ۽ ناريءَ جي پريوار ۾ ننڍڙو ٻار جنم وٺي ٿو تہ هوُ پاڻ کي ڌنيہ سمجهن ٿا. ٽونيءَ جي پريوار ۾ بہ ٻہ ٻار پئدا ٿيا جيڪي ڏاڏي ڏاڏيءَ ۽ ماءُ پيءُ جي اکين جا تارا بڻيا.

ٽونيءَ شاديءَ کان پوءِ جئہ پوانئي ٽرانسپورٽ ڇڏي پنهنجو ڌنڌو شروع ڪيو. پر تقدير ساٿ نہ ڏنس. نقصان مٿان نقصان ٿيندو رهيو. هوُ دلشڪستو ٿي پيو ۽ سرير بہ ساٿ نہ ڏنس ۽ هڪ برجستو اِنسان دلشڪستو ٿي پيو. نوڪري ڪيائين پر دل نہ لڳس. آهستي آهستي پوئتي ٿيندو ويو. هرڪو بيٺي جو يار آهي. شايد گهر واريءَ جو ساٿ گهٽ ٿي مِليس. من جون ڳالهيون من ۾ دٻائيندو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن مونکي ايس. ايم. ايس. ڪندو رهيو ۽ دل جون ويدنائون ٻڌائيندو رهيو. هوُ مونکي ديدي ڪري سڏ ڪندو هو. چوندو هو هيءُ سرير جوٺو ۽ فاني آهي، جو پر جي پلي لاءِ ڪم نٿو اچي اُن جو گهٽو وقت رهڻ اَجايو آهي. دعا ڪيو جلدي وڃي سُکي ٿيان. شاسترن ۾ چيل آهي تہ پاڃ آتما کي پنهنجي سمي پوري ٿيڻ جي اڳم ئي پروڙ پوندي آهي. سو هِن کي بہ ڪاسٽس پئاجي ويئي ۽ مونکي ايس. ايم. ايس. ڪيائين تہ منهنجي هلڻ جي تياري آهي ديدي توهان اَچو. پر مان وڃڻ ۾ سستي ڪئي. هوُ پريوءَ جو پيارو سيني جو دلارو، غريبيءَ ۾ گلزار ڏسڻ وارو، سيني مان موهہ ڪيي هارٽ اَٽئڪ جي هڪ جهٽڪي اچڻ سان وڃي رب سان مِليو. مان جڏهن اُن جي گهر ويس تہ هِن جي مٽي تي هٿ گهمائيندي اِئين لڳم تہ چڻ چئي رهيو هو ديدي توکي خبر آهي تہ مان ٽائيم جو پابند آهيان پوءِ تو دير چو ڪئي؟

اڄ سائينءَ کان ٽونيءَ جي آتما لاءِ شانتي گهران ٿي. اُن جي زال ۽ ٻارن لاءِ دعا گهران ٿي تہ شل هوُ نيڪيءَ جي رستي هلي پيءُ وانگر سيني جي دلين ۾ جڳهہ ٺاهي پيءُ وانگر بڻجي. شل سائين اُنهن کي سمت ۽ ہمٿ ڏيندو جو پنهنجي خاندان جا سچا وارث بڻجي ڪُلَ جو نالو قائم رکندا.

رهنمائي سان هوُ پڙهائيءَ ۾ اڳتي وڌندو ويو. ڇوندا آهن ''ننڍيو ٻار مُڇ جو وار، جيئن ورائيس تيئن وري.'' هِن جي پڦي هِن کي سنڌيءَ سان گڏ انگريزي سيکاريندي هئي. شروعاتي تعليم ۾ رهبري ملڻ سبب هوُ پڙهائيءَ ۾ هوشيار ثابت ٿيو. پڦيءَ جي شاديءَ کان پوءِ بہ هوُ دل وَ جان سان پڙهندي مئٽرڪ سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. هِن جي انگريزي ايتري سُٺي هئي جو سڀ سمجهندا هئا تہ هوُ گريجوئيٽ آهي. هِن کي هِن جي ماءُ ۽ ڏاڏيءَ مان ڪيترا اڳٽن روپي گوهر ورثي ۾ مِليا هئا. سياءُ جو ڏايو سياجهو، خوش مِزاج ۽ هميشہ پيو مُشڪندو هو. اِنڪري سيني کي وٽندو هو.

ٽوني ۾ سچائي، پاڻ تي ڀروسو، صبر ۽ اورچائي، سچي نيت، سنتوش، وقت جي پابندي جهڙا سُٺا گڻ هئا. مئٽرڪ کان پوءِ ۱۸ سالن جي ننڍي عمر ۾ اچي اَسان وٽ جئہ پو اني ٽرانسپورٽ ۾ اچي ڪم تي لڳو. پنهنجي اِچا شڪتي ۽ لياقت سبب ڪم ڪرڻ ڪري سيني ۾ پيارو ٿي ويو. هوُ ڪڏهن بہ واندو نہ ويهندو هو. ڇوندو هو زندگيءَ جو هڪ پل قيمتي آهي اُهو اَجايو نہ وڃائڻ کپي. وقت جو قدر ڪرڻ کپي. هڪ هڪ پل سچائي ڪم ۾ لڳائڻ کپي تڏهن اَسان واڌارو ڪري سگهنداسين. هوُ آفيس جي ڪم سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن جئہ پو اني ٽرانسپورٽ جي فئمليءَ جا ڪم بہ دل سان ڪندو هو ڪنهن کي هاسپيٽل وٺو آهي، ڪنهن کي بامبي وٺي وڃڻو آهي تہ ٽوني اُنهن سان گڏ ويندو هو. هِن جئہ پو انيءَ ۾ ست سال ڪم ڪيو. هوُ پيار ۽ عزت جي نظر سان سيني کي ڏسندو هو ۽ موٽ بہ هِن کي ساڳي ملندي هئي. اُن ۾ ٽوني ۽ اُن جو پريوار خوش هو. هِن جي مٿان ماءُ پيءُ ڏاڏي ڏاڏيءَ جي آسيس هئي. وقت سان ڏاڏو ۽ ڏاڏي سرڳواس پڌاريا. مونکي ياد آهي جڏهن هِن جي ڏاڏي آخرين پلن تي هئي تہ هوُ ڪم جي سلسلي ۾ ٻاهر ويل هو. هِن جي ڏاڏيءَ کي مان چيو تہ ٽوني اچي ويو تہ هِن شانتيءَ سان ساهہ ڇڏيو هو. مان هِن سان ڪوڙ ڳالهايو هو جيئن هوءَ شانتيءَ سان ساهہ ڏئي.

۱۹۹۹ ۾ ٽونيءَ جي شادي ٿي. اُن وقت هو ۲۵ سالن جو جوان هو. شادي تہ ٻن آتمائن جو ميلاپ آهي. جيون جي نئيا هلائڻ لاءِ پرش ۽ ناري

وقت اهڙو آيو جو هُئي ڇٽا هاسپيٽل ۾ ائڊمٽ ٿيا بس مونکي ساهڙين جو سهارو هو. ڪٿي ڪٿي مان اُنهن جي شيوا ۾ گهٽ به ڪئي پر اُها چاٽي و اٽي نه پر ڪي مجبوريون هيون. اُنهن پلن جو احساس اڄ به من کي جهنجهوري رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اُنهن جي حالت ڏسي ٻڳو ان کي چوندي هئس، "منهنجا سچڻ ڪڏهن مِنن آتمائن جي ڪرمن جو چڪر پورو ڪندين ڪڏهن مِنن لاءِ مُڪتيءَ جو دروازو کوليندينءَ؟ ڪڏهن مِنن جي ڪرمن جو بند ٿيندو؟ آو اگمن جو چڪر ختم ٿيندو. اَندر مان پاڻيهي جواب ملندو هو ته ڏيءَ تون پنهن جو ڪرم ڪندي رهه، وويڪ جو آواز پڌي شيوا ڪندي رهه. اُنهن آتمائن جي ڪرمن بابت گهٽو نه سوچ سڀ رب جي رضا چاٽي صبر ڪر. اُنهن آتمائن جي مُڪتيءَ لاءِ پرارٿنا ڪندي رهه. پوءِ يقين چاڻ اُنهن آتمائن جي ڪرمن جو بند ٿئي پوندو هو ۽ هوُ خدا ۾ سمائجي هڪ ٿي ويندا. ڪڏهن ڪڏهن اَندر مان آواز ايندو هو ته تون ايشوَر کي پرارٿنا ڪندي رهه. اُنهن بزرگه آتمائن جي خدمت ڪندي رهه ته اُنهن جي ڪرمن جو سلسلو هڪ پل ۾ ٿئي پوندو.

بابالاءِ ڊاڪٽرن جواب ڏنو ته ڪجهه ڏينهن جو مهمان آهي. پاپي به اِسپتال ۾ ائڊمِٽ هئي. مون لاءِ اِمتحان هو. بس ايشوَر جي مهر ڪپندي هئي ته بابا ۽ پاپيءَ سان توڙ نيايان. آخر بابا فيبروري ١٩٩٢ع ۾ وچي پريوءَ سان مِليو ۽ پاپي ١٩٩٣ع جي فيبروري ۾ وچي بابا سان مِلي. ٻنهي جي سرڳو اس ٿيڻ جي تاريخ ۾ مهنو ساڳيو هو بس سال جو فرق هو.

بابا پنهنجي پڇاڙيءَ جي پلن لاءِ مونکي شيوا لاءِ چونڊيو ۽ مان ڪوشش ڪري توڙ نِباهي. جيڪڏهن منهنجون دلبر ساهڙيون مون سان ساٿ نه ڏين ها ته شايد مان بابا پاپيءَ جي سنڀال نه ڪري سگهان ها. ايشوَر هر ڳالهه جو رستو ڪيندو آهي. مون منجهيل کي به ڏکه لڳايائين. پر اُن ڪانپوءِ به ڪن مجبورين سبب اُنهن جي شيوا ۾ ڪمي رهجي ويئي. اُن لاءِ من ۾ بيحد ڏکه اَٿم. ڪڏهن ڪڏهن اُن لاءِ ڳوڙها پرجي ايندا آهن.

پڇتائُ جا ٻُوڙها

هر ساهواري جي زندگي اڳين جنمن ۾ ڪيل ڪرمن جو پراٽو حساب ڪتاب آهي. ڪوئي سُکي آهي ڪوئي دُکي آهي. اِهو سڀ ڪرمن جو چڪر آهي.

مان به پنهنجي زندگي پنهنجا ڪيترا دوست ۽ پنهنجا ويجها عزيز ڏٺا آهن. اُنهن مان ڪي سُکي آهن ۽ ڪي دُکي آهن. اُنهن جي حالات ڏسي من ۾ ويچار ايندو هو ته ڀڳوان اُنهن کي ايڏو دُک ڇو ڏنو آهي. اُنهن مان ڪن سان منهنجو خون جو رِشتو هو. اُنهن مان منهنجو بابا به هو. خبر نه اَٿم ته بابا مونکي پٽن هوندي به مونکي پنهنجا پڇاڙيءَ جا پل سندس ۽ پاپيءَ جو خيال رکڻ لاءِ ڇو چونڊيو شايد بابا کي مونتي پورو ڀروسو هو ته سندس جي وڃڻ کانپوءِ به مان پاپيءَ جو خيال ضرور ڪندس. مان پنهنجي پريوار ۽ ساهرن واري هنس ۽ ٻنهي هنڌ نِباهڻ ۽ بزرگن جو خيال رکڻ ۽ ڪٿي وقتي ڏسڻ ڏاڍو مون لاءِ ڏکيو هو جو مان ٿوري ٻڇٽي سياءُ جي هنس ۽ ساهرن ۽ پريوار کان ٿورو ڇرڪندي هئس. بابا جي گهر ۽ منهنجي گهر ۾ ٽن منٽن جو رستو هو. اِئين ته بابا گول مئدان تي رهندا هئا پر پڇاڙيءَ جا پل بابا ۽ پاپي اچي پرسان رهيا. اُهو وقت ١٩٨٩ کان ١٩٩٢ جو هو. مان به ايشوَر جي پريرڻا سمجهي جيئرن ٺاڪرن جو خيال پنهنجي جگري ساهرين اَنجنا ڪٽاريا. مايا جُماٽي ۽ ساوتري شامداساٽي ۽ گورکي گوپال ۽ اُنجي پتنيءَ جي سهڪار سان ڪندي رهيس. ڪڏهن اُنهن جي تندرستي ناساز ته ڪڏهن ننيڙن ٻارن وانگر فرمائشون اُنهن سيني ٻالهين جي جو ابداريءَ مٿان هئي.

سهڻي ڪلياڻ ڪئمپ جا اَسان جا سهڻا ساٿي
اُلهاسنگر گلستان جون منٺڙيون يادگيريون

وقت اڏامندو ويو، ڪيئن اڏامندو ويو ڪيڏانهن اڏامندو ويو ڪاجهہ خبر ئي نہ پئي چند گهڙين جي چپٽيءَ ۾ سالن جو هيڏو وڏو عرصو جلدي ڪيئن پورو ٿي ويو خبر ئي نہ پئي. هيڏي هڻ پٽ هيڏي ڇڻ پٽ، هر پل هر گهڙي بڪ بڪان رات ڏينهن من ۾ لڳل فڪر ۽ ڦرنا پوءِ بہ ڪي ڪم پورا ٿيا ڪي اڌورا رهجي ويا. پر وقت ڪنهن جي لاءِ ڪٿي ٿو رڪي؟ بہ گهڙيون ترسي ڪٿي ٿو آرام ڪري اُهو تہ اڏامندو ويو. ائين زندگيءَ جو سفر گذرندو ويو. ڪي سپنا پورا ٿيا ڪي اڌورا رهجي ويا. زندگيءَ جي هر خوشي، هر غم زندگيءَ جي هر گهڙي وقت جي تيز هوا ۾ اڏامي پري هلي ويا. وقت جي گرد ۾ اُهي ائين گم ٿي ويا ڄڻڪ زندگيءَ جي دؤر مان گذريا ئي نہ هئا.

منهنجي زندگيءَ جون چوهتر بهارون گذري چڪون آهن. چوهتر سالن جي منٺر يادگيرين کي گڏي ڪري توهان اڳيان پيش ڪندي آئي آهيان. ڪي منٺڙيون يادگيريون ياد ڪندي چهري تي مشڪ بوڙي ايندي آهي ۽ دل کي ڪاجهہ تسلي ملندي آهي. پر وقت کي پنهنجي رفتار آهي. سيني ٻارن جون شاديون ٿي ويون آهن ۽ عام طور تہ هاڻي آزادي آهي پر سرير تہ پنٿي آهي. پوءِ ڪنهن سٺي ڪار ۾ پاڻ کي مشغول رکڻ سان آتما کي ڏاڍي شانتيَ ملندي آهي. مان بہ پنهنجن خيالن کي گڏ ڪري قلم رستي توهان سان جڙي وئي آهيان. ايشور هر ڪنهن کي زندگيءَ ۾ ڪاجهہ ڪرڻ جا موقعا ڏيندو

جڏهن ايشوَر پاڻ وٽ گهرائيندو ۽ منهنجا بابا اُتي مونکي ملندا تہ بابا کان پڇندس تہ بابا مان تہ توهان جي ڏيءَ هئس ۽ توهان کي پنهنجي ڏيءَ جي مجبورين جي خبر هئي پوءِ بہ توهان پنهنجي پڇاڙيءَ جا پل مونکي شيوا لاءِ ڇو چونديو؟ اِها بہ پڪ اَٿم تہ بابا ۽ ياپي منهنجا ٻَوڙها اُکهي مٿي تي پيار جو هٿڙو گهمائي آسيس ڪندا. بابا پنهنجي جيئري ئي بئنڪ ۾ رکيل ڪجهہ پئسا جن جي وياج مان هنن جي گهر جو خرچ هلندو هو. اُن جي ڪا ول ڪونہ ڪيائون. پر زبان سان چئي ويا تہ تون ڪٽاج پر مان اُن جيئري جو اڳهہ ڪيائي جيئري وڪٽي ۽ بئنڪ جا پئسا ڪيائي اُن جا چار حصا ڪيا. بہ ياٺر بہ ڀينر هئاسين. سيني کي برابر حصو ڏنو ۽ پنهنجو حصو پنهنجي ياڻٽي جي شاديءَ ۾ خرچ ڪيو جيئن پئسن سبب رشتن ۾ درار نہ اچي. مونکي تہ بابا ياپي جي آسيس ئي کپندي هئي جيڪا اڄ بہ هوُ مٿان ڏيئي رهيا آهن.

رنگن سان تہ ڪڏهن ڏياريءَ جي ڏيئن سان محفلن کي رنگين بڻائي دوستيءَ جي گلشن ۾ بهار جي موسم آندي. اڄ اُهن مان ڪي سنسار جو سفر پورو ڪري پرلوڪ سان وڃي مليا آهن ۽ ڪي زندگيءَ جو اڃان لطف ماڻي رهيا آهن. ڊاڪٽر سنيتا لعلواڻي ۽ مان اڃان پاڻ ۾ دوستيءَ جو پيار هڪ ٻئي سان ونڊيندا رهندا آهيون. هوءَ ڊاڪٽر ئي نہ پر هڪ ممتامئي ناري جو روپ آهي. سيني ساٿين پيار جو سبق حليميءَ جو جام پياريو اُنهن سيني ساٿين سان گڏ رهندي منهنجي زندگيءَ ۾ ڦير آيو تہ انسان جي اُها موڙي آهي جيڪا ڏيڻ سان وڌندي آهي.

ائين لڳندو آهي اُهي اسان جا سڀئي ساٿي اڄ بہ اسان جي آس پاس آهن. اُنهن سڀني ساٿين جي پيار جي خوشبوءِ اڃان بہ اسان جي دلين ۾ دائما قائم رهندي جيستائين جيئرا آهيون.

آهي. جڏهن به توهان اڳيان ڪي اهڙا موقعا اچن ته ايشور جو سڏ سمجهي اڳيان وڌي وڃجو ڪڏهن به پٺيان نه نهارجو.

هيءَ سرشٽيءَ جو ساگر ڪيڏو نه وشال آهي. ڪيڏو نه اونهو آهي. اُنجو انت پائڻ اُنجي ڪناري ڪي ڇهڻ انسان جي سمجهه کان ٻاهر آهي. انسان ته سرشٽيءَ جو هڪ باريڪ جزو آهي. هر شيءِ ۾ دلدار جو ديدار آهي. هيءُ سنسار به هڪ سهڻو گلستان آهي جنهن ۾ طرح طرح جا گل اُپرن ٿا جيڪي پنهنجي سندرتا ۽ خوشبوءِ سان سڄي گلستان کي سندر بڻائن ٿا. اسان جو ننيڙو سنتونگر (اُلهاسنگر) به هڪ سهڻو گلستان آهي. اُن گلستان ۾ رهندڙ سهڻن ساٿين جو هڪ اسانجو گروپ هوندو هو. سڀ ساٿي سچي موتيءَ سمان هئا جنهنجي هڪ مالا ٺاهجي ته اُها تمام سندر مالا ٺهي ويندي. اُلهاسنگر جو مشهور ڊاڪٽر مسٽر ۽ مسز واڌواڻي، مسٽر ۽ مسز ماکيجاڻي، مسٽر ۽ مسز ڊاڪٽر سنيتا رميش لعلواڻي، مسٽر ۽ مسز ڊاڪٽر گنگاراماڻي، مسٽر ۽ مسز ڊاڪٽر آڏواڻي، مسٽر ۽ مسز پرڪاش ڀاٽيا، مسٽر ۽ مسز ڊاڪٽر سوچڪ، مسٽر ۽ مسز رميش سدواڻي، مسٽر ۽ مسز پشپا بالاڻي، مسٽر ۽ مسز ورند گولاڻي، مسٽر ۽ مسز گوپ گولاڻي، وغيره هر آرتوار تي ڪنهن نه ڪنهن وقت پروگرام رکندا هئاسين. چرچن جي محفل لڳندي هئي. انتراڪسڙي ۾ نه ڳائڻ وارا به ڳائڻ جو مزو ماڻيندا هئاسين. سنڌي گيت ۽ سنڌي ناچ جو به آنند وٺندا هئاسين. سڀ وڏن جي ڳالهين مان سنڌ جي اوطاق جو ٻڌو هو. پر سهڻي سنتونگر ۾ به سهڻن سنڌين جي اوطاق هر آرتوار تي لڳندي هئي. هوليءَ ڏينهن سومنگه پول ۾ رنگ وجهي پاڻيءَ ۾ ويهي گيهر ۽ مٺا صنبوصابوصن جو زائقو به وٺندا هئاسين. سيني جا ننڍا ٻار به پاڻ ۾ ويهي راند ڪندا هئا. رسندا هئا ته اُنهن ۾ ٺاهه به ڪرائيندا هئاسين. لڳندو هو سڀ پاڻ ۾ دوست نه پر سڳا ڀائر آهن. سيني ساٿين پنهنجي خوشبوءِ سان هر دل ۾ بهار آندي، دل جي گهراين سان دوستيءَ ۾ خوشيءَ جي خماري آندي، ڪڏهن هوليءَ جي

ٻيون گھٽنائون زندگيءَ ۾ ۱۵ سال اڳ ٿيون. جڏھن منھنجو پتي ديوتا نائيجيريا ۾ ھو ۽ مان اُلھاسنگر ۾. ھڪ رات مان سپني ۾ ڏٺو ته مان لئگوس وڃان ٿي پتي چوي ٿو 'اڄ مونسان ائڪسيڊنٽ ٿيو آھي ۽ مونکي ڌڪ لڳا آھن.'

صبح ٿيڻ تي اھو سپنو گھوٽ کي لکي موڪليو. سچ پچ ٻن مھنن کان پوءِ مان جڏھن اُتي پھتس ته ڏٺم ته ھن سان برابر حادثو ٿيو ھو ۽ ھن کي ڌڪ لڳا ھئا. منھنجي پھچڻ کان ٻه ڏينھن اڳ ھن اھو ليٽر سنڀالي رکيو ھو، جيڪو مان ٻه مھنا اڳ ڪيس لکيو ھو.

اُتي نائيجيريا ۾ رھندي مان منجھند جو سمھي پئي ھئس ته سپني ۾ ڏٺو ته اڄ گئس مان توکي باھ لڳڻ جو امڪان آھي، پاڻ کي بچائڻ ۽ سچ پچ جڏھن مان چانھ ٺاھڻ لاءِ اُٿيس ته گئس مان زبردست باھ نڪتي ۽ مون ٽپو ڏيئي پاڻ بچايو.

نائيجيريا ۾ رھندي مان سپني ۾ ڏٺو ته پنکو ڪري ٿو، پر اسان ٻچي وڃون ٿا. مون پتي ديوتا کي چيو، پر ھن نه مڃيو. صبح جو پنکو چالو ڪيائين ۽ اھو برابر ھيٺ ڪري پيو. ان مھل ان ھيٺان ڪوبه ڪونه ھو، نه ته سڀ پنکي ھيٺان وھندا ھئاسين.

نائيجيريا ۾ رھندي ٻي ھڪ گھٽنا ٿي. ھڪ ڏينھن اسان فئملي ميمبرس گھمڻ لاءِ ڪار ۾ وڃڻا ھئاسين. مون گھوٽ کي چيو ته اڄ نه ھلو. متان ڪار جو حادثو نه ٿئي. پر ولائت ۾ ان ڳالھ تي ويساھ نه ڪندا آھن. اسان گڏجي ڪار ۾ نڪتاسين. ۱۵ منٽن کان پوءِ برابر ائڪسيڊنٽ ٿيو. ھلڪا زخم رسيا، پر ڪار کي ڏاڍو نقصان پھتو. خبر نه آھي ته اھا ڪھڙي شڪتي ھئي جو بار بار آگاھ ڪري رھي ھئي.

اُلھاسنگر ۾ رھندي ۱۲ سال اڳ جو واقعو آھي ته روز رات جو سپني ۾ ڏسان ته مان ھيٺ کاھيءَ ۾ ڪران ٿي پر ڪير مونکي ھٿن ۾ جھلي بچائي ٿو. اھو سپنو مھنو ھليو. بسمبر جو مھنو ھو ۽ مان ولي پارلي

زندگي هڪ پرولي

هيءَ زندگي ٻجهڻ سان پريل هڪ پرولي آهي. زندگيءَ ۾ ڪيترين
گهٽنائون ٿين ٿيون. جيڪي عمر گذرندي به نٿيون وسرن. منهنجي ۵۰
سالن جي زندگي به اهڙين گهٽنائن سان پريل آهي. جيڪي شايد هيءَ دني
ڇڏڻ تائين من ۾ رهجي وڃن. اهي مان پاڻڪن سان ونڊڻ چاهيان ٿي
توهان مان ڪو سائينءَ جو پيارو يا پياري هجي ته مون کي ان جو ارٿ
سمجهائي.

جڏهن مان ۲۱ سالن جي هئس. تڏهن جي هيءَ گهٽنا آهي
منهنجي هڪ ساهيڙي هئي. جنهن جو ڪنهن ڇوڪر سان ناتو هو
جيئن ته ڇوڪري غريب ڪٽنب مان هئي. ڇوڪرو شاهوڪار هو
جنهن ڪري ڇوڪري وارا نه پيا مڃين. ان ڳالهه کي چار سال گذري ويا
هڪ رات اوچتو مان سپني ۾ ڏسان ته مان ڪاليج وڃي رهي هئس ت
رستي ۾ ڇوڪري جو پتا صاحب مليو. چوي ٿو ته 'پٽ. ساهيڙيءَ کي
چئج ته اسان کي ڳالهه منظور آهي. اسان اچ ايندا سين. پر شادي اسا
جي ريتن رسمن موجب ٿيڻ کپي.'

اوچتو اکه کلي ۽ مان تيار ٿي ڪاليج لاءِ نڪتيس ته برابر رستي
تي ڇوڪري جو پتا صاحب مليو ۽ جيڪي به سپني ۾ چيائين. روبرو
به اُهو ئي چيائين. مون ان جي پتا صاحب کي ڪڏهن ڏٺو به ڪونه هو
ساڳيو ئي سپني وارو شاخص هو ۽ سچ پچ مون کي نياپو ڏنو ۽ ان ڏينه
اها ساهيڙي مڱجي وئي.

منهنجي سنڌ ياترا جون
ڪي مٺر يادگيريون

هيءَ زندگي ڪئن مٺن واقعن سان ڀرپور آهي. حياتيءَ ۾ ڪي لمحا اهڙا اچن ٿا جن جي شايد ڪڏهن ڪلپنا به نہ ڪئي هجي. اهڙو سٺو واقعو پاڪستان ياترا جو توهان اڳيان پيش ڪريان ٿي. ١٩٨٥ جو سال اپريل مهني ۾ هڪ ڏينهن گهوٽ راجا جو آواز ڪن ۾ پيو 'ديا، سنڌ ۾ شاديءَ تي وينديءَ ڇا؟' وشواس نہ آيو. مون سوچيو ڪٿي گهوٽ مذاق تہ نٿو ڪري. سچ پچ هو جيڪي چئي رهيو هو اُهو ساپيا هو. مون ها ڪئي جو من ۾ صدق هو تہ هڪ وار اُن سنڌ جو ديدار ڪريان جتي مون ٻچپن جا ٦ سال گذاريا هئا.

ويزا جو بندوبست ڪرڻو هو، پاسپورٽ تيار هو ۽ مان مسجد بامبي گهوٽ سان گڏ ويزا لاءِ ويس. مون سان گڏ منهنجو ڏير پهلاج ۽ ننڍو پٽ اميت گڏ هلي رهيا هئا. ويزا تي اٿاهہ پيڙ هئي، ٽن ڪلاڪن گذرڻ کان پوءِ بہ اندر وڃڻ جو رستو ڪونہ نڪتو تہ گهوٽ چيو واپس هل. پر من ۾ شردا هجي ۽ اُن محب وطن ڏسڻ جي زوردار چڪ هجي تہ اُن سائينءَ ڪي رستو ڪڍڻو آهي، بس اُن پاڪ پروردگار ڪي هٿ ٻڌي وينتي ڪيم تہ رستو ڪڍ منهنجا ڍولڻ. بس اُن وقت ڪيئن مان اندر گهسي ويس، اُن جي مونکي خبر ڪانہ پيئي ۽ آفيسر اڳيان وڃي ويٺس. اُن سوال ڪيو 'تون ڇو ٿي پڪستان وڃڻ چاهين؟'

۾ ’راڌا سوامي‘ جو درشن ڪري گھاٽڪوپر کان گاڏيءَ ۾ چڙهيس. منهنجي هٿن ۾ گهڻو سامان هو. مون گاڏيءَ ۾ پير رکيو مس ته گاڏيءَ هلڻ چالو ڪيو ۽ منهنجا هٿ ڇڏائجي ويا. سامان گاڏيءَ مان ڪري پيو. گاڏي فاسٽ اسپيڊ ۾ هئي. موت سامهون هو ۽ مان ڪرڻ واري هئس. سيني کان رڙ نڪري ويئي. ڇاڻ هاٽي ڪري، پر ان وقت ڪنهن مونکي ڇڪي اندر ڪيو. اهو ڪير هو، مون کي ڪير سمجهائي، پر ان کان پوءِ وري مون کاميءَ ۾ ڪرڻ جو سپنو نه ڏٺو.

هيءُ حادثو تازو آهي. ٻه مهنا اڳه جو آهي. رڪشا ۾ لهڻ کان هڪ ڏينهن اڳه ڏينهن اڳه سپني ۾ ڏسان ٿي ته مون ٽڪ ڪاٽو آهي ۽ پير فرئڪچر ٿيو آهي ۽ برابر صبح جو مان پائرن کي رکڙيون ڀڏڻ ويس. ڏاڍي برسات هئي ۽ مان هڪ ناليءَ ۾ ڪري پيس. برابر مون سان حادثو ٿيو ۽ پير ۾ فرئڪچر ٿيو. مون پلستر چاڙهيو ۽ مهنو ڪن پلستر چڙهيل هو.

ايتريون ڪيتريون گهٽنائون آهن، جيڪي شايد لکان ته توهان عجب کائيندا. مان ڪا پڳتياڻي ڪونه آهيان، پر ايشور ۾ وشواس اٿم. ڪڏهن به منهنجي پوان يا ڪو دکه سهڻ کان ٻاهر هوندو آهي يا ڪنهن ڳالهه جو حل نه نڪرندو آهي ته ان پرماتما سان ويهي حال اوريندي آهيان ۽ رستو نڪري ايندو آهي. جي نه به نڪرندو آهي ته دکي ڪونه ٿيان. هر حال ۾ راضي رهندي آهيان. هي سنسار هلائڻ وارو پرماتما آهي، اهو مان وشواس سان چوان ٿي.

جي عمر اُن وقت ۸۰ سال هئي. پهريون ڪم مان ساهرن مائٽن کي چيو تہ مونکي جاچ ڪري ٻڌايو تہ هو جيئرا آهن يا نہ؟ خبر پيئي تہ سپاهي خان جيئرو آهي ۽ ٻاچل شاهہ گذاري ويو آهي. سپاهي خان سان ملڻ جو ٽائيم رکيو ويو. منهنجي دل ۾ ڌڪ ڌڪ هئي اُن شخص سان ملڻ جي، جنهن ننڍي هوندي گود ۾ کڻي ساڌٻيلي ۽ سنڌو درياهہ جا چڪر ڏياريا هئا. يارهين ٻجي ملڻ جو وقت هو. ڏسان تہ ۸۰ سالن جو سپاهي خان سامهون بيٺو هو. مان ڪنهن اجنبي چڪ ۾ وڃي ساڻس گلي مليس. چيائين ٻچڙي، اچي وئينءَ. اکين ۾ آنسون هئس. آنند جون لهرون هيون. جڏهن اهو نظارو سامهون اچي ٿو تہ اکين ۾ آنسون اچن ٿا. منهنجي پتا صاحب جو حال احوال ورتائين. پائرن جو پڇيائين. روئي بہ پيو، ڳالهائي بہ پيو. پاڻ سان سنڌو درياهہ جو پلو کڻي آيو هو ۽ چيائين تہ مان اڃا سکر براج تي سروس ۾ آهيان ۽ پاڪستان جي ضيا صاحب هڪ لک روپيا ڪئش انعام ۽ رهڻ لاءِ ڪوارٽر پنهنجي هٿن سان ڏنو آهي. سپاهي خان چڪ ۾ چار دفعا. سچو سچو پلو موڪليو هو. واپس انڊيا اچڻ مهل بہ منهنجي پتا صاحب لاءِ بہ پلو ۽ ليٽر ۽ سوغات ڏنائين.

وري ٽن ڏينهن گذرڻ ڪان پوءِ پير ڳوٺ جو پروگرام بيٺو، جتي مان اسڪول پڙهي هئس. اُتي چاليهي صاحب جو درشن ڪيو. اُن گهر ۾ بہ ويس، جتي اسان رهندا هئاسين. سانول جي ٻنيءَ جي پاسي ۾ اَسان جو گهر هوندو هو. مون پهريون درجو سنڌي پير ڳوٺ ۾ پاس ڪيو. اسان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ پڙهندا هئاسين. مون سان گڏ حميد نالي هڪ ڇوڪرو پڙهندو هو. جيڪو پينرن ڪان بہ وڌيڪ پائيندو هو. هڪ دفعي ڏينيوءَ مونکي چڪ پاتو هو تہ حميد مونکي ماءُ وٽ هلي دوا لڳائي هئي. اڄ ان ڳالهہ کي ۱۴۶ سالن ڪان پوءِ ڀولڻ چاهيم ۽ پڇڻ چاهيم تہ ڳالهہ. هڪ ڀيڻ هند مان ڪهي، سنڌ ۾ ڀولڻ چاهيم ۽ پڇڻ چاهيم تہ ڳالهہ. ڪاش! اُهو ٻچپن توهان ٻچپن جي ننڍن دوستن سان ملڻ آئي آهي. ڪاش! اُهو ٻچپن موٽي اَچي. ڌرم جا ويچا جيڪي اسان ۾ آهن، هڪ ڏينهن دور

مون ڏانهنس نهاري نماڻن اکرن ۾ چيو، ’هڪ ته ساهرن ۾ هڪ نياڻيءَ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻو آهي ۽ ٻيو مان پنهنجي ٻاچپن اُتي ڀُولهڻ وڃان ٿي. ڪجهه مٺڙ يادگيريون پنهنجي ملڪ سنڌ سان ڳنڍيل آهن.‘ بس، مونکي ۽ منهنجي نڻڊي پٽ اميت کي جو ۱۰ سالن جو هو، ويزا ملي وئي. منهنجو ڏير دهليءَ مان ويزا وٺي آيو.

۳۰ اپريل مان ڏير ۽ پٽ سان گڏ بامبي ۾ جهاز ۾ چڙهي، سوا ڪلاڪ جي مسافريءَ کان پوءِ، ڪراچي ايئرپورٽ تي پهتاسين. اُن جنم ڀوميءَ جي پوتر مٽي مون پنهنجي مستڪ تي لڳائي. جنهن زمين تي مون جنم ورتو هو. اسان کي اسان جا مائٽ وٺڻ آيا. هڪ ڏينهن ڪراچيءَ ۾ رهڻ کان پوءِ اسان ڪار ۾ سکر روانا ٿياسين. شادي چڪ ۾ هئي. اسان شاديءَ ۾ شريڪ ٿياسين. بس نڻدي وڏي جي زبان تي اُهوئي هو ته انڊيا مان مهمان آيا آهن. ڏاڍو مزو آيو. ڇا ورنن ڪريان! اسان جي ڏاڍي خاطرداري ڪئي ويئي. سڪر سان شادي پوري ٿي.

ٻن ڏينهن کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ وڃڻ جو پروگرام بيٺو. قنبر جا ڪي عزيز شاديءَ ۾ شريڪ ٿيا هئا انهن سان گڏ اَسان ٻه لاڙڪاڻي ڏانهن روانا ٿياسين. اسان لاڙڪاڻي ۾ موهن جو دڙو ڏٺو. پنهنجي جهوني سڀيتا ڏٺي. هڪ هڪ شيءَ ڏيان سان ڏٺي ۽ اُن جي ڄاڻ حاصل ڪئي. اسان رات قنبر ۾ رهياسين ۽ مان قنبر دربار ۾ به درشن ڪرڻ ويس. پوءِ چڪ واپس آياسين.

وري ٻن ڏينهن کانپوءِ اَسان سکر ڏسڻ نڪتاسين. هندستان ۾ منهنجي پتا شري اُتمچند ليکراج ڪلناڻيءَ چيو هو ته سکر براج تي منهنجو هڪ دوست سپاهي خان هوندو هو ۽ هڪ ٻاچل شاهه. جي اُهي توکي ملن ته هڪ خط ۽ ڪجهه هندستاني سوغات کين ڏجانءِ پر ڇيائين ته پڪ ڪانه آهي ته اُهي جيئرا آهن يا نه. بابا

جڳھيون وڻنداسين. پينڙي سڀ توهان کي مبارڪ هجي، شل اچا ٻہ وڏو ويجھو، آباد هجو، آخر تہ سنڌي آهيون. بس، پوءِ هن مونکي گلي لڳايو ۽ چيو، توهان هندستاني پٽر دل نہ آهيو. پوءِ مان حيدرآباد گھميس، شڪارپور ويس ۽ لکيدر جي ڪلفي کاڌي.

چڪ، جتي اسان لٿا هئاسين، اُتي هڪ سؤ گھر سنڌي هندن جا آهن. ١٩٤٧ع جي ورهاڱي وقت ڪوبہ گھر هندستان ۾ لڏي نہ آيو. چڪ، سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو جنم آستان آهي. سنڌ ۾ مهمان نوازي تمام سٺي ڪيائون. جا هند ۾ گھٽ آهي. سنڌ ۾ ڏيتي ليتيءَ جو مرض اسان هندستان جي سنڌين کان گھٽو وڌيڪ آهي. نوڪري ڪرڻ ۽ پاڻ گھوٽ ڳولهڻ جون ڳالهيون اُتي تمام گھٽ آهن.

آخر مهينو رهڻ کان پوءِ دل پنهنجي ملڪ هندستان موٽڻ تي ٿي. سنڌ ۾ جنم ورتو پر هند ۾ پلجي وڏي ٿيس. آخر مهيني کان پوءِ پنهنجي عزيزن سان اچي هندستان پهتيس. اڄ ان ياترا کي ٨ سال گذري ويا آهن، پر جڻ ڪالهوڪي ڳالھہ آهي. زندگيءَ ۾ اهڙا موقعا ڀاڳن سان ملندا آهن.

ٿيندا ۽ ان خالق جي خلقيل اولاد وري پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويندي.

هڪ ڏينهن ساٿيءَ جا ڳوٺ ڏسڻ جي چاهنا ٿي. منهنجا پيڪا ساٿي ڪلناڻي ڪٽنب جا آهن. پريا، نوابشاهہ، ٺاروشاهہ ڏسڻ جو موقعو مليو. منهنجا ابا ڏاڏا هت پئدا ٿيا. اُنهن گهٽين ۾ گهمندي، ابن جي گذريل وقت جي ڪلپنا ڪيم. ديوان ڪؤڙومل چندنمل ڪلناڻي بہ اسان جي وڏن مان هو. هن استري جاتيءَ جي تعليم لاءِ وڏو يوگدان ڏنو.

سکر ۾ ساڌٻيلو ڏٺم. زندهہ پير جو ديدار ڪيو. شڪارپور ۾ ڪٽ واري دربار ڏٺم. روهڙيءَ جي درويش وسڻ گهوٽ جي دربار ڏٺم. سنت ڪنوررام جي ڳوٺ ويس. سوامي تلوڪداس مهراج جي جنم آستان عبدو ڳوٺ ۾ ويس. هڪ ڏينهن منهنجي ڏير چيو تہ اڄ قاسم ڳوٺ هلجي، جتي منهنجا ساهرا رهندا هئا. اسان قاسم ڳوٺ پهتاسين. جي مسلم پائر منهنجي ساهرن واري جڳهہ ۾ ويٺا هئا، اُنهن اسان جو تمام سٺو سواگت ڪيو. ڪي منهنجا مسلم بزرگہ جيڪي منهنجي سهري ۽ وڏي سهري جا دوست هئا، انهن ڪي پيرين پيس. اُنهن هڪ ننهن وانگر آشيرواد ڏني. اُتي ڪاڏو ڪاڌوسين، ڪچهري ٿي. ڪي وڏا ڪي ننڍا، ڪي زالون ڪي مرد هئا. اسان زالن جي الڳہ ڪچهري ٿي. تمام عجيب قرب مليو. هڪ نوجوان مسلم ڀيڻ مونسان نہ ڳالهايو ۽ تمام عجيب نموني مونکي ڏسي رهي هئي. مان اُن جون نگاهون سهي نہ سگهيس ۽ پڇيم 'ڀينڙي، تون مونسان ڳالهائين ڇو نہ ٿي؟ ڇا، مان توهان جي لائق نہ آهيان يا توکي اسان جو اچڻ نہ وڻيو آهي؟' اُن جيڪو جواب ڏنو، اُهو هي هو تہ، 'توهان هندستاني پٿر دل آهيو ڇا؟ توهان واپس اچي پنهنجيون جڳهيون واپس تہ نہ وٺندا؟' مان چيو 'دلبر ڀيڻ، سنڌي قوم پرشارٿي ۽ محنتي قوم آهي. اسان هندستان ۾ محنت ڪري گهڻو ڪجهہ ٺاميو آهي. اسان ڇو توهان کان

قلعي جي پٿين ۽ برجن جي اڏاوت اهڙي نموني ٿيل آهي، جو پري کان چين جي عظيم ديوار وانگر نظر ايندي آهي.

هن قلعي جون ديواريون سرن ۽ پٿرن جون ٺهيل آهن. اوچائي اٽڪل ڏهه ميٽر اٿس. پٿين ۾ دشمن تي وار ڪرڻ لاءِ سوراخ ٺهيل آهن.

قلعي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ چار دروازا آهن، جن مان اُڀرندي واري دروازي کي ''سن دروازو''، ڏکڻ طرف واري کي ''شاهه پير زادو''، اُلهندي طرف واري کي ''مٺاهون يا منهن وارو يا مينهن وارو دروازو'' سڏيندا آهن. ''مينهن وارو دروازو'' سڀ کان مٺاهين هنڌ تي اولهه طرف آهي ۽ ''سن وارو دروازو'' سڀ کان هيٺاهين هنڌ اوير پاسي آهي.

وڏي ڪوٽ جي اندر ٻيا به ننڍا ڪوٽ اڏيل آهن، جن مان هڪ ''ميري ڪوٽ'' ۽ ٻيو ''شير ڳڙهه'' جي نالي سان سڏجي ٿو. ٻنهي ڪوٽن ۾ ڪاجهه ڊٺل جاين جا نشان نظر اچن ٿا.

هنن ڪوٽن کان ٿورو پري ڳنن واري هڪ جاءِ آهي. اُن جي پاسي ۾ ڪاجهه ڊٺل جايون نظر اچن ٿيون.

ڪوٽ جي اندر واريل زمين ۾ هڪ پراڻي نهر جا آثار نظر اچن ٿا. نهر جي ٻنهي پاسن کان برج ٺهيل آهي.

هن قلعي جي اندر هڪ قدرتي ننيڙي نهر وهندڙ آهي، جيڪا ٿورو پنڌ وهي وري گم ٿي وڃي ٿي.

ٽالپرن هيءُ قلعو دماغي لحاظ کان ٺهرايو آهي.

ڪابل کان ٿيندڙ ڪاهن کان بچڻ لاءِ هن قلعي کي وڏي اهميت حاصل هئي.

اڄ اِهو رنيءَ ڪوٽ جو قلعو بنا لشڪر ۽ بنا ڪنهن سهوليت جي اُجڙيل آهي. ٻن چئن جهوپڙين جي وسنديءَ کان سواءِ قلعي جي اندر سموري ايراضي ويران پيئي آهي. پهاڙن ۾ رڳو قلعي جون پٿيون ئي آهن، جيڪي اوچا ڳاٽ ڪري پنهنجي غفلت ڏيکاري رهيون آهن.

ٿي سگهي ٿو ته رنيءَ ڪوٽ سان ڪن هندو راجائن جو به لاڳاپو هجي. اٺ سال اڳه مان سنڌ ۾ ويئي هئس. مون کي رنيءَ ڪوٽ جي جيڪا ڄاڻ ملي، اها تو هان جي سامهون رکي اٿم. ڪابه ڪمٽ وڌائي هجي ته معاف ڪندا.

رنيءَ ڪوٽ

اڇو تہ سنڌ جي قديم ۽ تواريخي قلعو رنيءَ ڪوٽ گهمي اچون. هي قلعو نہ صرف سنڌ ۾ بلڪ ساريءَ دنيا جي عظيم ترين قلعن ۽ ڪوٽن مان هڪ آهي. رنيءَ ڪوٽ. سنڌ جي قديم، وسيل ۽ آباد هئڻ جي ساک ڀري ٿو. اِن جي تعمير سنڌ جي پراڻيءَ تواريخ جو هڪ عظيم ڪارنامو آهي.

هي قلعو دادو ضلعي جي سن شهر کان اُلهندي طرف ٢٩ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي، کيرٿر جبل جي مٿاهينءَ چوٽيءَ تي اڏيل آهي ۽ اٽڪل ٻارهن چورس ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي.

نقشي ۾ ان جو نالو "مينهن ڪوٽ" ۽ "رنيا ڪوٽ" لکيل آهي، پر عام ماڻهو ان کي "رنيءَ ڪوٽ" ڪري چوندا آهن. "رني" هڪ برساتي نئن (نديءَ) جو نالو آهي، جنهن تان هن قلعي جو نالو "رنيءَ ڪوٽ" رکيو ويو.

دنيا جي هيءُ وڏي ۾ وڏو قلعو ٽالپر خاندان جي حڪومت جو هڪ ڪارنامو آهي. رنيءَ ڪوٽ، مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان جي حڪومت وقت، نواب ولي محمد خان لغاري تعمير ڪرايو هو. نواب ولي محمد لغاري، ٽالپرن جو ڪامياب سپهہ سالار، سفير، وزير، حڪيم، شاعر، اديب ۽ هڪ محب وطن هو. اُن زماني ۾ هن قلعي جي اڏاوت تي ١٧ لک رپيا خرچ ڪيا ويا هئا.

رنيءَ ڪوٽ جو ڀرپور نظارو ڏايو ڪشش ڪندڙ آهي. هن جون ديوارون ٽڪرين جي لاهين چاڙهين تان نانگ وارا وڙوڪڙ ڪائينديون، اٽڪل ٻارهن چورس ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ کي وڪوڙي بيٺيون آهن.

جيڪا دهليءَ کان پري ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندي آهي. مان انُ سان گڏ هڪ روم ۾ ويس تہ ڏٺم هڪ ٨٠ سالن جي تيجسوي چهري واري 'گروماٌ' پنهنجن پنهنجن عورتن ششياڻين سان هڪ پلنگ تي براجمان هئي. مان وڃي انُ 'گروماٌ' کي جهڪي چرڻ وندنا ڪئي ۽ مٿي تي هٿ رکي پاسي ۾ ويهڻ جو اِشارو ڪيائين ۽ مان سندس جي پاسي ۾ ويهي رهيس. اڌ ڪلاڪ گذري ويو ۽ مان اٿُڻ جي آگيا گهري تہ وري اِشاري سان ويهڻ جو اِشارو ڪيائين ۽ مان چپ چاپ هڪ چئيوان ٻار وانگر ويهي رهيس، ائين بہ ڪلاڪ گذري ويا ۽ مان هڪ دفعو وري آگيا وٺڻ جي گهري پر هنِ اِشاري سان ويهڻ لاءِ چيو ۽ انُ وچ ۾ ڪيترا 'گروماٌ' جي درشن جا پياسي آشيرواد وٺي ويندا رهيا ۽ پڇاڙيءَ جو 'گروماٌ' پنهنجي جهولي مان هڪ موتي ڪڍيو ۽ منهنجا ٻئي هٿ پڪڙي موتي ڏنو ۽ مستڪ چمُي منهنجي مٿي تي هٿ رکي هنِديءَ ۾ چيائين، ''يهہ موتي تمُهاري ليئي هئہ، اؤر اِس موتي ۾ ميرا آشيرواد پرا هئہ. يهہ موتي سونا ياچاندي ۾ بناڪي گلي ۾ پهننا يا انگوٺي ۾ ڊال ڪي پهننا، پر پهننا ضرور. اگر نهين پهنتي هو تو ڀي اِسي اپَني پرس ۾ ڊال ڪر رکنا، پرنتو اِس موتي ڪو اپَني سي الگہ نهين ڪرنا.''

مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن سنت کي نہ هٿ ڏيکاريو هو ۽ نہ ٻارن جو ڏيکاريو هو ۽ نہ ڪڏهن ڪارو ڌاڳو ٻڌو هو. انُ ٻاجهاري ساٿڻ کان هميشہ پنهنجن ٻاچڙن ۽پاڙي اوڙي ۾ رهندڙن لاءِ ڍير ساريون آسيسون گهرندي آهيان. اسَان جا سڀاجها سنتي صباح جو سنان ڪري جڏهن سج کي لوٽي چاڙهيندا آهن تہ 'اِدائي گهرن جو خير' ضرور گهرندا آهن.

پر هوءَ 'گروماٌ' ڪير هئي ۽ هنِ جو مونسان اڳين جنم يا هنِ جنم جو ڪهڙو رشتو هو ۽ هنِ مونکي فقط آشيرواد جو موتي ڏنو. اهڙا هزارين سوال من ۾ اٿُندا آهن. مان انُ 'گروماٌ' کي امَرُ ڪري لکان تہ توهان عاجب نہ ڪائجو.

انُ امَرُ جي چوڻ موجب مان ٻي ڏينهن اهو موتي کٽي سيرو چونڪ تي موهن لعل سوناري وٽ ويس جنهن صلاح ڏني تہ موتي منبيءَ ۾ نہ وجهايو پر هڪ ننيڙو موتيءَ جو پتلو زنجير ۾ وجهي گلي ۾ پايو تہ سٺو ٿيندو. چوندا

٢٠٠٤ جي آسيسن سان پريل ڏياري

زندگي هڪ پرولي آهي جنهن کي سمجهڻ انسان جي وَت کان ٻاهر آهي. جيئن هڪ ڪوٺڙيءَ جي ٺهيل چار وانگر آهي، جيڪو پنهنجي ٺهيل چار مان نڪرڻ جي جيتري ڪوشش ڪندو آهي اوترو انُ ۾ وڌيڪ ڦاسندو ويندو آهي. انسان جي جيون به انُ چار وانگر آهي جيترو جيون کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي آهي پر جواب برابر ڪونه ملندو آهي ۽ آخر ۾ ايشورَ کي ائين چوندا آهيون 'تمهري گت مت تمهي جاني، نانڪ داس سدا قرباني.'

هر انسان جي زندگي دکن-سکن، خوشين-غمن سان پريل گڏيل افسانو آهي. منهنجي زندگي به اهڙن حادثن جي وچ گذري آهي. من ۾ ايندو آهي ته پنهنجن پاٺڪن سان شيئر ڪيان.

٢٠٠٤ جي آڪٽوبر جو مهينو هو. ڏياريءَ ۾ هفتو پيو هو. اوچتو بامبي مان درو سامتاڻي فون ڪئي ته مولچنداڻيءَ جي ٽيءَ ١٢ ڏينهن اڳ الهاسنگر ۾ گذاري وئي آهي اڄ انُ جو ٻارهو آهي. هتان اسان ٥ ڄڻيون اچون ٿا ۽ تون به ١١ بجي پهچجي وڃ. مان اڳ ڪڏهن به مولچنداڻيءَ جي ٽيءَ جي گهر ڪانه وئي هئس تورو هيڪي سامتاڻيءَ کي اچڻ لاءِ ها ڪئي. دل ۾ چيم ڪنهن وٽ خوشيءَ ۾ پيل نه وڃجي پر دک ۾ ضرور نباهجي. اها وڏڙن جي چوڻي آهي.

اسان سڀ انُ ساهڙيءَ جي ٽيءَ جي گهر ملياسين. مالڪ جي ڪرپا سان يوڳ پنڃي ويو ۽ اسان پرساد ڪائي ڪاجهه وقت حال احوال ڏيڻ ويٺاسين ته مولچنداڻي پيڙ چيو ته هل مان ٽيءَ جي "گروما" سان توکي ملايان

جيئن جو تيئن واپس موٽيون. اهُا ڪا چمتڪاري گهڙي ڪونه هئي جو اک ڇنڀ ۾ ٿي وڃي. مان لڳاتار ڪوشش ڪندي رهيس ۽ شاهه صاحب جا اکر ياد هئا.

’ماندي ٿيءُ نه ماروي الله به آهي،
سو وُرهين جا ڏکڙا هڪ لحظي ۾ لاهي.‘

۲۰۰۵ ۾ مونکي منهنجي ڪهاڻي سنگره ’عزت جي چادر‘ تي ۲۰ هزار انعام مليو ۽ وري ’انٽرنيشنل وومين ڊي‘ ۲۰۰٦ ۾ ميونسپل پاران گورُو پرسڪار مليو. انهُن انعامن جي مون ڪڏهن ڪلپنا به نه ڪئي هئي ته ايترو جلد مونکي انعامن سان نوازيو ويندو. مان ادبي ڪيتر ۾ اڄان پنهنجا پير پاختا ڪونه ڪيا هئا پر انهُن انعامن ڪان پوءِ مان سنڌين ۾ پنهنجي پهچان بڻائي آهي.

٦ سالن ۾ ڪيتريون خوشيءَ ۽ غمن جون گهڙيون منهنجي جيون ۾ ٿينديون رهيون آهن پر مان ڪڏهن به همت نه هاري آهي ۽ انُ ڪان اڳ مان ٻڇڙي هئس، مون ۾ آتم وشواس جي ڪمي هئي. اڄ مان وشواس سان ڳالهائي سگهندي آهيان.

اڳئين سال خبر پئي ته امان سرير ڇڏيو آهي. منهنجي هنِ سان پهرين ۽ آخرين ملاقات هڪ دفعو ٿي آهي پر اڄ به انُ بزرگ ’گرومُا‘ يعنيٰ منهنجي امڙ جو آسيس سان ڀريل هٿڙو منهنجي مٿي تي آهي. هر ڏياريءَ تي انُ امڙ کي ياد ڪري ٻه ٻوڙها ٻاري انُ کي شرڌانجلي ڏيندي آهيان. اڄ به موتي گلي ۾ پيل آهي.

آهن هڪ چوي پيو مڃي، تنهن جو سائين نہ پڇي. مان اهُو پتلو زنجير ۾ وجهي صباح جو سنان ڪري هٿ جوڙي پائي ڇڏيو.

ڏياريءَ ۾ چار ڏينهن پيا هئا ۽ منهنجا ننهر ۽ پٽ ڏياريءَ جي شاپنگ ڪرڻ بامبي ويا هئا. لائيٽ بند هئي ۽ بئٽري بہ ختم ٿي وئي هئي. رات جا اٺ ٿيا هئا ۽ مان روٽي ڪري جيئن ڪاڇن مان پنهنجي روم ۾ پير رکڻ واري هئس تہ ڪاجهہ نوڙيءَ وانگر ڏٺم. مون سوچيو تہ نوڙي ڪٿان آئي پر اُن مهل نوڙيءَ ۾ ڪاجهہ چرپر ٿي ۽ مان بنان سوچڻ جي اُن روم جو دروازو بند ڪري گهر کان ٻاهر نڪري آيس تہ ڏسان ڪوئي ڏير ويٺو هجي پر ڪو بہ ڪونہ هو ۽ مان پاسي واري بلڊنگ يش پلازا جي گورکي اناکي وڃي ڳالهہ ٻڌائي ۽ هو بہ اُن مهل مونسان گڏ آيو ۽ هِن دريءَ مان ڏٺو تہ اهُو نانگہ برابر اُن هنڌ ئي ويٺو هو. هِن چيو نانگہ ڏايو وڏو آهي ۽ هِن کي مارڻو پوندو جو ٻار اٽو گهر آهي ۽ اوڙي پاڙي ۾ بہ وڃي سگهي ٿو. هِن مونکان هاڪي ورتي ۽ مونکي ڪاڇن ۾ وڃي دروازو بند ڪري ويهڻ لاءِ چيائين ۽ مان ائين ڪيو. ٻي روم ۾ وڃي زور زور سان هاڪي جي هڻڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا ۽ ١٥ منٽن کان پوءِ اناگورکو ٻاهر آيو ۽ نانگہ مئل هاڪيءَ ۾ ڪٽي بيٺو هو ۽ هِن مونکان گاسليٽ ورتو، ٻاهر روڊ تي وڃي نانگہ کي باهہ ڏني ۽ اُن جي بانس سڄي پاڙي ۾ ڦهلجي ويئي جو نانگہ تمام زهرئلو هو. مان گورکي کي خرچي ڏني.

ڇئن ڏينهن کانپوءِ ڏياري آئي ۽ مان اُن امڙ جي آسيس سان پنهنجن ٻچڙن ۽ پريوار سان گڏ ڏياريءَ جو ڏڻ ملهايو ۽ خوشيءَ جا ڏيئا ٻاريا. امَان جو ڏنل موتي منهنجي گلي ۾ تاجلا ڏيئي رهيو هو.

چوندا آهن دکہ اوچتو ايندا آهن. پورن ڇهن مهنن کانپوءِ پريوار ۾ هڪ دکدائڪ گهٽنا ٿي گذري جنهن جي ڪڏهن ڪلپنا بہ نہ ڪئي هئي. پريوار ۾ مايوسيءَ جو ملحول هو پر مونکي اُن امڙ جو موتي گلي ۾ پيل هو ۽ پڪ هئي ڏينهن ڦرندا ۽ خوشيون موٽي اينديون پر مان ڪڏهن بہ همٿ نہ هاري. شايد امڙ جو ڏنل موتي آتم وشواس ڏيارينڊڙ هو. چوندا آهن "ڏئي مٿان پر ڪنهنجي هٿان" مان امڙ جي ڏنل موتيءَ کي پنهنجي گلي ۾ پائي پنهنجو آتم وشواس وڌايو آهي. برابر ٢٠٠٥ جي وڙندر ڏياريءَ تي پريوار جون خوشيون

ديا لکي جشناٽي

چھرو جنھن جو سدا ملوُڪڙو،
دل جيتڻ لاءِ ڏئي ٺھڪڙو.

مِٺڙي واٽيءَ کي چِلڪائي،
دَرد دلين جو ڪري ھلڪڙو.

آھہ اِلتجا اَدب علم سان،
سوچڻ جو بي روڪ وھڪرو.

رعب نہ ڪنھن تي رکي ديا،
سڪ ۾ سينو اَٿس پتڪڙو.

اَدب عزت سان دادا ڪوٺي،
پيار سڪ ۾ موھہ جي ڪري.

ھيسائي نہ سگھي ڪو ھُن کي،
مليس گھر ۾ داد گھڻو.

ڀيڻ ڀہ تہ اَدا آھي ڪنھنجي،
ڀاءُ مِليو سگھہ ڀاڳہ ڀريو.

نانءُ چڙھي آناري سنڌ جي،
پياسي ڀاءُ اَٿس گھڻگھرو.

- ڪمل پياسي



ليکڪا ديا جشناڻي ۽ گھوٽ لکي جشناڻي پٽ انيل. اميت ۽ ننهر ڪروٽا،
ڪرن ۽ پوٽو وشال ۽ پوٽي زال ڊارٽا ۽ پوٽيون اشميتا ۽ انشيتا جشناڻي



ليکڪا ديا جشناڻي ءَ جي ڌيءُ نيتا ۽ ناٺي
نريندر بدلاڻي ڏوٽا سنجيہ ۽ سمير بدلاڻي









ليکڪا ديا جشناڻي جدا جدا وڏين هستين سان